يونيورسٽي آف سنڌ ڄام شورو

<u>ايم.فل ٿيسز</u>

# حميد سنڌيءَ جي ڪهاڻين جو سماجي ۽ فڪري پس منظر: تحقيقي اڀياس

[سنڌ يونيورسٽيءَ جي سنڌي شعبي مان ’ماسٽر آف فلاسافي‘
جي ڊگرين جو پورائو ڪرڻ کان پوءِ جمع ڪرايل مڪمل ٿيسز]

بخمرينا چنا

# سنڌي شعبو

سنڌ يونيورسٽي
ڄام شورو، سنڌ، پاڪستان

**2021**

# CERTIFICATE OF M. PHIL DEGREE

This is to certify that **Ms. Bakhmeena Channa D/o Abdul Wahid Channa** has carried out research on the topic:

حمید سنڌيءَ جي ڪهاڻين جو سماجي ۽ فڪري پس منظر: تحقيقي اڀياس

**AN IDEOLOGICAL AND SOCIAL ANALYSIS OF HAMEED SINDHI'S SHORT STORIES**

Under my supervision and that work is original and distinct and her dissertation is worthy of presentation of the University of Sindh for the award of the Degree of Master of Philosophy.


**DR. NAWAB KAKA**
Supervisor\
Assistant Professor
Department of Sindhi
University of Sindh
Jamshoro

# ارپنا

هيءَ ٿيسز وڏي ڀيڻ نجم النساءِ جي نانءُ

جنهن منهنجو ساٿ نڀائڻ ڪان وٺي ايم.اي تائين ڏنو

پر افسوس جو منهنجي پياري ڀيڻ اڄ اسان جي وچ ۾ موجود نه آهي.

الله تعاليٰ سندس درجات بلند ڪري

۽ کيس جنت الفردوس ۾ جاءِ ڏئي (آمين).

# فـــهـــرســـت


- پيش لفظ 01

باب پهريون: تحقيق جو طريقيڪار 03

**تحقيق جو طريقيڪار** 04

**موضوع تي اڳ ٿيل تحقيق** 04

**موضوع جو دائرو** 05

**تحقيق جو مقصد** 05

**تحقيقي وسيلا** 05

باب ٻيو: حميد سنڌيءَ جي زندگيءَ جو احوال **07**

**پيدائش/ ابتدائي تعليم ۽ تربيت** 07

**روزگار** 08

**ميمبر** 09

**اعزاز/ رهنما** 09

**شادي ۽ اولاد** 10

**تصنيف، تاليف، تحقيق** 10

باب ٽيون: حميد سنڌيءَ جي دؤر جون سياسي ۽ سماجي حالتون **12**

**فڪري تحريڪون** 16

**رومانويت** 18

**مارڪسزم** 19

باب چوٿون: حميد سنڌيءَ جي ڪهاڻين جو سماجي پس منظر 21

باب پنجون: ڪهاڻيءَ جو فني جائزو **81**

**پلاٽ** 81

**ڪردار نگاري** 83

**ٻولي** 84

**اسلوب** 86

باب ڇهون: نتيجا 89

- ڪتابيات (BIBLIOGRAPHY) 91
- **Abstract** i-ii

# پيش لفظ

الله تعالى جي پاڪ نالي سان شروع ڪريان ٿي جنهن مالڪ مونکي هن تحقيقي ڪم ڪرڻ جي توفيق عطا ڪئي. منهنجي هن ٿيسز جو عنوان: ’حميد سنڌيءَ جي ڪهاڻين جو سماجي ۽ فڪري پسمنظر: تحقيقي اڀياس‘ آهي. هي منهنجو موضوع حميد سنڌيءَ جي ڪهاڻين جي باري ۾ آهي. حميد سنڌي جنهن دؤر ۾ لکيو، اهو دؤر سنڌي عوام لاءِ تمام گهڻو ڏکيو دؤر هو. اهو دؤر 1958ع کان 1969ع تائين جو دؤر هو، پر هن همت نه هاري ۽ ڪهاڻيون لکندو رهيو ۽ هن جون ڪيتريون ئي ڪهاڻيون ان زماني جون مشهور ۽ مقبول ڪهاڻيون شمار ٿين ٿيون. مون جڏهن هن ڪم ۾ هٿ وڌو ته هي ڪم سولو نظر آيو، پر جيئن جيئن وقت گذرندو ويندو، تيئن تيئن ڪم ڏاڍو ڏکيو، پريشان ڪن ۽ تڪليف ده هو، پر همت نه هاريم، ڪوشش، محنت ۽ چاهه هئڻ ڪري، اڄ الله جي فضل سان مون پنهنجي ٿيسز مڪمل ڪئي.

ادب انسان جي احساس، جذبن، امنگن ۽ سندس اندر ۾ موجود هلچل، خوشي غم وارين ڪيفيتن ۽ سندس اوسي پاسي جي ماحول ۽ سماج جي ترجماني ڪري ٿو. ساڳي طرح هڪ سماج ۽ قوم جي ثقافت، تهذيب ۽ تمدن جو عڪس پڻ رهيو آهي. اهڙي ريت ادب جي نثري صنفن ۾ ڪهاڻيءَ جي صنف به پنهنجي خاص سڃاڻپ حاصل ڪري ورتي آهي. ڪهاڻي، قصي جي اها شڪل آهي، جنهن کي انگريزي ۾ ”Short Story“ سڏيو وڃي ٿو. مختصر هاڻي قصي داستان ۽ آکاڻين مان ڦُٽي نڪتي آهي. ارڙهين صديءَ ۾، يورپ ۾ جڏهن صنعتڪاريءَ جو دؤر آيو ته ماڻهن جي زندگي ايتري ته تيز ٿي ويئي جو ڊگهو ادب پڙهڻ لاءِ وقت نه رهيو، تڏهن مختصر ڪهاڻي/ افسانو لکڻ جو رواج پيو. افسانو سماجي مسئلن جو عڪس هوندو آهي ۽ عام پڙهندڙن جي ان ۾ خاص دلچپسي ڏٺي ويئي. ڪهاڻي مختصر ڳالهه آهي، ان ڳالهه ۾ وقت جي لحاظ کان واقعن جو سلسليوار بيان هوندو آهي ۽ ان سلسليوار بيان کي ئي ڪهاڻي يا افسانو سڏجي ٿو. اهو فرضي هوندو آهي ۽ ان جا ڪردار ڪهڙا به هجن، پر تن جو تعلق اسان جي سماج سان هوندو آهي. مختصر ڪهاڻي هڪ اهڙو مختصر فڪري داستان آهي، جنهن ۾ ڪنهن هڪ واقعي يا ڪنهن هڪ ڪردار تي روشني وڌي وڃي ٿي. ڪهاڻي دراصل انساني زندگيءَ جي واقعن، حادثن جو مجموعو آهي. واقعا ۽

حادثا جيڪي دل ۽ دماغ تي گهرو اثر ڇڏين انهن کي ڏانو ۽ ترتيب سان لکڻ ئي ڪهاڻي آهي.

ڪهاڻي/ افسانو سنڌي سماج جي مختلف پهلوئن تي گهڻو لکيو ويو آهي، جن مان خاص طور عورتن جي آزادي، گهريلو مسئلا، ڏاج جا مسئلا، زمينداري ظلم ۽ مظلوم هارين کي حق نه ڏيڻ ۽ سرمائيداري نظام خلاف به ڪهاڻين ۾ لکيو ويو آهي. حميد سنڌي به اهڙن ڪيترن ئي مسئلن کي پنهنجي ڪهاڻين جي ذريعي عيان ڪيو آهي. مثال طور: حيثيت کان گهٽ خاندان ۾ شادي نه ڪرڻ، ڪارو – ڪاري، بدي جي شادي، ننڍي عمر جي شادي، زميندارن هٿان مظلوم هارين جي زندگيءَ جي عڪاسي، ڪامورن ۽ زميندارن جو غريبن جي ملڪيت ڦٻائڻ، خودڪشي جا واقعا ۽ ڏيتي ليتي، بيروزگار، بک، بدحالي، وچولي طبقي جا مسئلا، پيرن فقيرن تي اعتقاد، تعويذ، ٽوٽا ڦيٽا ڪرائڻ وغيره. درحقيقت سنڌي ادب جي نثري صنفن ۾ ڪهاڻيءَ کي گهڻي اهميت ڏني ويئي آهي، جنهن ڪري اها صنف مشهور ۽ مقبول آهي ۽ حميد سنڌيءَ جون ڪهاڻيون ان دؤر جون مشهور ڪهاڻيون هيون.

مهرباني پنهنجي گائيڊ ڊاڪٽر نواب ڪاڪا جي جنهن مون کي پنهنجو قيمتي وقت ۽ املهه مشورا به ڏنا، جنهن ڪري آءٌ پنهنجي گائيڊ جي تهه دل سان ٿورائتي آهيان، جنهن مون کي هن تحقيقي ڪم مڪمل ڪرڻ ۾ مدد ڪئي. ۽ آئون پنهنجي والد عبدالواحد، والده پناٽي ثمينه، ڀينرن عنبرينه، پشمينه، توشابا، ڀائرن عبدالاحد، عبدالواجد جي پڻ ٿورائتي آهيان، جن ايم. فِل ڪرڻ ۾ مون سان ڀرپور تعاون ڪيو ۽ همت ڏياري، جنهن ڪري هي مشڪل ڪم ڪرڻ ممڪن ٿي سگهيو. شڪر ان رب پاڪ جو جنهن مون کي هن مشڪل ڪم ڪرڻ ۾ آسانيون پيدا ڪيون.

**بخمينا چنا**

# تحقيق جو طريقيڪار

ادب ۾ تحقيق ان ڪري ڪئي ويندي آهي جو ڪنهن به مسئلي يا سوال جي باري ۾ اصليت معلوم ڪجي ۽ ان جي تهه تائين رسائي حاصل ڪجي. هيءُ عربي ٻوليءَ جو لفظ آهي. اصل ۾ تحقيق (Research) ڇنڊڇاڻ جو علم آهي.

الهداد ٻوهيو تحقيق جي باري ۾ لکي ٿو:

> ”جهڙيءَ ريت تحقيق جي ڪم جو ڪو به ثاني ناهي، تهڙيءَ طرح سچائيءَ جو ڪو به مدمقابل ناهي، جنهن لاءِ ڪيترو ئي مواد موجود هوندي به Research جي ضرورت آهي ۽ هميشه رهندي.
>
> **Research:** To discover new facts and get additional knowledge under taken investigation.
>
> عام طور تي ريسرچ جي معنيٰ آهي تلاش ڪري وري تلاش ڪرڻ ۽ انهيءَ طرح هن تلاش جو مقصد لفظ جي مفهوم جي خيال کان اهوئي ٿئي ٿو، يعني سچ جي تلاش ڪرڻ کان پوءِ ان جي ويجهو وڃڻ ۽ سچ کي سمجهي سگهڻ يا اهو طريقو ڳولڻ جنهن سان شروعاتي تحقيق جي باري ۾ پروسو ٿئي.“ (ٻوهيو، 1999ع: 10)

تحقيق جو مقصد آهي اڳي ڪيل ڳولا، دعويٰ يا قائم ڪيل انومان، مقصد يا مسئلو جنهن جي باري ۾ ڪي ٿوريون حقيقتون اڳيئي مليل آهن، پر ان کي وڌيڪ اونهائي سان ڪو اصول، قاعدو ۽ طريقو اختيار ڪري حقيقت تائين رسائي حاصل ڪجي. تحقيق ۾ جاچ پڙتال ڪرڻ کان پوءِ، ڪنهن مفروضي جي باري ۾ تسليم ڪيل شاهديون گڏ ڪري ان جي ڇنڊڇاڻ ڪري، پوءِ ان جا نتيجا ڪڍيا وڃن ٿا.

منهنجي هن موضوع ”حميد سنڌيءَ جي ڪهاڻين جو سماجي ۽ فڪر پسمنظر: تحقيقي اڀياس“ جو تعلق ماضيءَ سان آهي. ماضي تاريخ جو حصو آهي، انڪري Objectives تائين رسائي حاصل ڪري نتيجا اخذ ڪرڻا آهن ۽ عنوان کي نظر ۾ رکندي، اهڙي نموني پيش ڪيو آهي ته جيئن تحقيق جي ڪم کي شروع ڪري سگهجي.

## تحقيق جو طريقيڪار

تحقيقي طريقو هن موضوع لاءِ استعمال ڪيو ويو آهي. موضوع سان لاڳاپيل سموري مواد جو واسطو ماضيءَ سان آهي. ماضي تاريخ جو حصو آهي. تحقيق جو تاريخي طريقو انڪري ڪتب آڻجي ٿو ته جيئن خبر پوي ته ماضيءَ ۾ ڪهڙيون حالتون هيون. حميد سنڌيءَ جي ڪهاڻين جو تعلق به ماضيءَ سان آهي.

حميد سنڌيءَ جي ڪهاڻين ۾ آيل سماجي، فڪري، فني تبديليءَ سان گڏ حالتون ڪيتري قدر اثر انداز هيون. تحقيق جي تاريخي طريقي مطابق ان کي پرکي ۽ نتيجن تائين رسائي حاصل ڪئي ويئي آهي. تحقيقي طريقي مطابق سماجي تبديليءَ کي نئين قدرن مطابق پيش ڪرڻو آهي.

تاريخي تحقيق جي لاءِ غلام حسين پناڻ لکي ٿو ته:

> ”دنيا ۾ عموماً تاريخي تحقيق جي لحاظ کان ٻن قسمن جون قومون ملن ٿيون، جن پنهنجي ماضيءَ کي نه وساريو ۽ ماضيءَ جي مدد سان حال کي سنوارڻ جي ڪوشش ڪئي ۽ پنهنجي ماضيءَ کي حال کان جدا ڪري تعمير ڪرڻ ناممڪن سمجهيو ۽ گهڻو ڪري انهيءَ ڳالهه جي ڪوشش ڪئي ته جيترو ٿي سگهي ته حال جي تعمير ۾ ماضيءَ جي تجربن، واقعن ۽ مشاهدن مان فائدو ورتو وڃي. ٻيون اهي قومون آهن، جيڪي پنهنجي قوم جي ماضيءَ کي اهميت لائق نه سمجهي يا ٻي سمجهيءَ ۾ وسارينديون رهيون آهن. (پناڻ، 1983ع: 139)

تحقيق جو اصل مقصد آهي فطرت يا انساني زندگيءَ جي جدا جدا مسئلن جو حل تلاش ڪرڻ – تحقيق انساني علم جي ڄاڻ ۽ دائري کي وسيع بڻائي ٿي. اها تحقيق ئي آهي، جنهن جي وجه سان آساني ٿئي ٿي ۽ تحقيق جو دائرو تمام وسيع آهي، جنهن جي وسيع دائري ۾ سڀ علم اچي وڃن ٿا. حميد سنڌيءَ جي ڪهاڻين ۾ آيل سماجي، فڪري، فني تبديليءَ سان گڏ ۽ وقت جون تقاضائون ڪهڙيون رهيون آهن، تاريخي تحقيق واري اصول تحت انهن جي پرک ڪئي ويئي آهي.

**موضوع تي اڳ ٿيل تحقيق**

حميد سنڌيءَ جي ڪهاڻين تي اڳ ڪا به جامع تحقيق ٿيل نه آهي، جنهن سان هن ڪهاڻيڪار، اديب، ليکڪ ۽ ايڊيٽر جي قلمي پورهئي جي ڄاڻ حاصل ٿئي. هن جي تخليقي ۽ ادبي فن ۽ فڪر توڙي سماجي پسمنظر تي ڪجهه مقالا ۽ ڪتاب لکيل آهن. مثلاً "سيمي"، "اداس واديون"، "ويريون"، "راڻا جي رجپوت"، "جاڳ به تنهنجي جيءَ سان"، "درد ونديءَ جو ديس"، "سو مون سپ چمار" وغيره.

سنڌس ڪهاڻين تي ڪو به ايم.فل يا پي.ايڇ – ڊي سطح جو شخصي مقالو ناهي لکيو ويو ۽ جيڪي مقالا لکيل آهن، اهي تحقيقي اصولن جي مطابق نه لکيل آهن.

**موضوع جو دائرو**

موضوع جو دائرو حميد سنڌيءَ جي شايع ٿيل ڪهاڻين تائين محدود رهيو.

تحقيق جو طريقيڪار

هن موضوع تي تحقيق لاءِ تاريخي طريقو استعمال ڪيو ويو آهي. هن طريقيڪار لاءِ American Psychological Association (APA) جو طريقو ڪتب آندو ويو آهي. هن موضوع لاءِ ڪتابن رسالن تان مدد ورتي ويئي آهي. موضوع جي مطابق ببليوگرافي ٺاهي ويئي آهي. هن تحقيق جي ڪم جو آغاز ڪرڻ کان پوءِ ڪجهه ٻين ڪتابن جو اضافو ٿيو ۽ آخرڪار سڀني ڪتابن کي هڪ لسٽ ۾ ترتيبوار الفابيٽ مطابق ٺاهي Bibliography ۾ شامل ڪيو ويو.

**تحقيق جو مقصد**

هن موضوع تي تحقيق مان مراد آهي ته اسان پنهنجي پڙهندڙن کي حميد سنڌيءَ جي لکڻين جي اهميت ۽ سماجي زندگيءَ ۾ ماضي ۽ حال ۾ رونما ٿيندڙ پهلوئن تي نظرثاني ڪري، مستقبل لاءِ ڪي مثبت نتيجا حاصل ڪري سگهون. سنڌس ڪهاڻين ۾ سماجي فڪر جي اهميت کي واضح ڪري سگهجي. سنڌس دؤر ۾ سماجي زندگيءَ ۾ ايندڙ تبديليءَ کان واقفيت حاصل ڪري سنڌس ٻولي ۽ موضوع جي وضاحت ڪري سگهجي. سنڌس تحريرن ۾ موجود فڪري خوبين کي سمجهائي سگهجي.

**تحقيقي وسيلا**

وسيلن جا ٻه قسم آهن، جيڪي آرٽ ۽ سائنس جي شعبن ۾ استعمال ٿين ٿا:

(1)بنيادي وسيلا (Primary Resources)

(2)ثانوي وسيلا (Secondary Resources)

تحقيق جي ڪم کي روان ۽ جاري رکڻ لاءِ اصلي مواد تائين رسائي حاصل ڪري ۽ جاچ ڪجي ۽ تحقيق ۾ اصلي (بنيادي) ماخذن جي ڪافي Value آهي. منهنجي ٿيسز جو عنوان ”حميد سنڌيءَ جي ڪهاڻين جو سماجي ۽ فڪري پسمنظر: تحقيقي اڀياس“ آهي. ڪجهه مواد اصل حالت (Primary Resource) ۾ مليو ۽ ڪجهه مواد Secondary Resource ذريعي طور ڪم آيو. گهڻي ڪوشش کان پوءِ اصلي (بنيادي) وسيلا گهٽ مليا، ان جي ڪوٽ کي پورو ڪرڻ لاءِ ثانوي وسيلاڪتب آندا ويا آهن.

تحقيقي ڪم کي اڳتي وڌائڻ لاءِ ثانوي (Secondary) وسيلا ڪتب آڻجن. ثانوي وسيلا تڏهن ڪتب آڻبا آهن جڏهن اصلي ماخذ گهٽ حاصل ٿين، تڏهن ثانوي وسيلن (Secondary Resources) ذريعي ڪم کي اڳتي وڌائي پنهنجي ڪم کي پورو ڪري سگهجي ٿو.

ٻيا ذريعا

بنيادي وسيلن کان پوءِ ٻيا به وسيلا هئا، جن ۾ لائبررين جي اهميت گهڻي آهي.

حميد سنڌيءَ جي ڪهاڻين لاءِ هيٺين لائبررين مان مدد ملي آهي:

(1)ريسرچ لائبرري، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، سنڌ يونيورسٽي، ڄام شورو

(2)علامه دائودپوٽو لائبرري، حيدرآباد

(3)قليچ ريسرچ لائبرري

(4)محرم خان سيمينار لائبرري، سنڌي شعبو، سنڌ يونيورسٽي، ڄام شورو

## حوالا

1. ٻوهيو، الهداد، ڊاڪٽر، (1999ع): ”علم تحقيق“، نيو فيلڊس پبليڪيشن، حيدرآباد.
2. پٺاڻ، غلام حسين، (1983): ”تحقيق جو فن“، پاڪستان اسٽڊي سينٽر، سنڌ يونيورسٽي، ڄام شورو.

# حميد سنڌيءَ جي زندگيءَ جو احوال

سنڌ سونهاري ۽ سهڻي ڌرتي ڪيترن ئي نامور عالمن، اديبن، شاعرن، صحافين، اڪابرن، صوفين، ماهرن، محققن، ڊراما نگارن ۽ دانشورن کي جنم ڏنو آهي، جن علم، سوچ ۽ ڏات سان هن ڌرتي واسين گڏ جڳ کي به فائدو رسايو آهي. اهڙن عالمن مان حميد سنڌي به هڪ آهي، جنهن جو شمار مشهور ڪهاڻيڪارن ۾ ٿئي ٿو ۽ هن روح رهاڻ رسالو به جاري ڪيو.

حميد سنڌيءَ جو تعلق ساهتي پرڳڻي واري علائقي نوشهري فيروز سان آهي. سندس وڏا نوشهري جا سيٺيون سڏبا هئا. هن جي ڏاڏي جو نالو عبدالحميد هو، جنهن جو بنيادي طرح واپار سان تعلق هو. هنن جو واپار انڊيا تائين پکڙيل هو، جنهن ۾ هي اناج، چانور ۽ ٻيون جنسون وغيره موڪليندا هئا. هن جي ڏاڏي جي وفات ۽ ان کان پوءِ ٻي مهاڀاري جنگ لڳي ته ٻين ڪيترن ئي واپاري خاندانن سان گڏ حميد سنڌيءَ جي خاندان جو به تجارتي زوال آيو. پهرين سمورو خاندان هڪ حويليءَ ۾ گڏجي رهندو هو. زميندار هئڻ ڪري ماڻهو ڪين عزت جي نگاهه سان ڏسندا هئا. سندس مائٽ کٽن تي ويهندا هئا ۽ ٻيا مزدور، هاري، پورهيت، ڪمي ڪاسبي وغيره منجين تي ويهندا هئا. سندس والد ۽ انهيءَ جا سؤٽ گڏجي حويليءَ ۾ قرب سان رهندا هئا. پر پوءِ اهو زمانو بدلجي ويو. ان کان پوءِ سندن خاندان جو تجارتي زوال آيو، پوءِ هن جي خاندان وارن نوڪري اختيار ڪئي.

**پيدائش/ ابتدائي تعليم ۽ تربيت**

عبدالحميد ولد سيٺ محمد اسماعيل ميمڻ 12 آڪٽوبر 1939ع تي ساهتي پرڳڻي نوشهري فيروز جي ميمڻ خاندان ۾ پيدا ٿيو. سندس والد وڏو واپاري هو، پر تجارتي زوال ڪري نوڪري اختيار ڪيائين. سندس پرورش به نهايت ئي لاڏ ڪوڏ سان ٿي ۽ سندس تربيت به سٺي ٿي. پاڻ هڪ ذهين ۽ سٺو منتظم به رهيو.

شروعاتي تعليم حميد سنڌي پنهنجي اباڻي شهر نوشهري فيروز مان حاصل ڪئي، جتي هڪ مدرسو هو، اتي هن پرائمري تعليم حاصل ڪئي.

حميد سنڌي، نصير مرزا کي انٽرويو ڏيندي ٻڌائي ٿو ته:

”منهنجي بابي جو سؤٽ ڏاڏو عبدالغني جيڪو سڄي ڳهر جو ڪم ڪار به سنڀاليندو هو ۽ زمينداري به ڪندو هو، اتي هڪڙو مدرسو هوندو هو، جنهن ۾ مون کي داخل ڪيو ويو. جتي آءٌ پاڻ ويندو هوس. سو مدرسي کان پوءِ بابي جي نوڪريءَ سانگي اسان پهتاسين جوهي ۽ جوهيءَ کان پوءِ ان زماني ۾ ورهاڱو ٿيو 1947ع – تنهن کان پوءِ 1947ع جي آخر ۽ 1948ع ۾ اسين شڪارپور آيا آهيون. اتي پرائمري تعليم مون مڪمل ڪئي. جتي جماٽي هال جي سامهون پرائمري اسڪول هوندو هو. انگريزي پڙهڻ لاءِ اڪيڊمي سڏبي هئي، تنهن جو هڪڙو سيڪشن هوندو هو، تنهن ۾ آءٌ به ٽي درجا پڙهيس. وري نوشهري ۾ پڙهيس، جتي جو مدرسو وڏو تعليمي ادارو هو. تنهن کان پوءِ دادوءَ ۾ مان سمجهان ٿو ته سنڌ جي لوئر (lower) پارٽ ۾ مان گهٽ رهيو آهيان، وري اچي هتي حيدرآباد ۾ مون مئٽرڪ ڪئي. ان کان پوءِ سڄي تعليم سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ اتي ئي ٿي.“ (مرزا، 2016ع: 34-35)

تنهن کان پوءِ هن بي.اي (B.A) ۽ ايم.اي (M.A) اڪنامڪس (ايگريڪلچرل اڪنامڪس) يونيورسٽيءَ مان پاس ڪيائين ۽ پوءِ ايل.ايل.بي (L.L.B) ۽ پوءِ انگلنڊ جي مانچسٽر يونيورسٽي مان هاير ايجوڪيشن جو ڪورس ڪيائين.

## روزگار

”1960-61ع ڌاري پبلسٽي آفيسر اِن وليج ايڊ (Publicity Officer in Village aid) مقرر ٿيو. ان کان پوءِ بئنڪ آفيسر مئنيجر ۽ جنرل مئنيجر مرچنٽ آف ڪو آپريٽو (Marcghant of Co-operative) بئنڪ ڪراچي، نيشنل ڪو آپريٽر (National Co-operative) پريميئر بئنڪ ڪراچي ۽ ڪامرس بئنڪ حيدرآباد ۾ مختلف عهدن تي رهيو. پاڻ 1966ع کان 1970ع تائين ليگل پروفيشن ايز پريڪٽسن لائير (Legal Profession as Practicing Lawyer) هو. 1970ع کان پوءِ پاڻ سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ ائڊمنسٽريٽو آفيسر (Administrative Officer)، پوءِ اسسٽنٽ ڪنٽرولر آف

ايگزمنيشن (Assistant Controller of Examination)، پوءِ ڊپٽي ڪنٽرولر (Deputy Controller)، ايڊيشنل ڪنٽرولر (Additional Controller)، ايڊيشنل ڊائريڪٽر آف انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، ڊائريڪٽر ايجوڪيشن ڪاليجز، 1976-77ع ۾ پبلڪ اسڪول حيدرآباد جو پرنسپال، 79-1978ع تائين، سنڌ زرعي يونيورسٽي ٽنڊو ڄام جو وائيس ۽ شاهه عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور جو وائيس چانسلر 1991ع کان 1995ع تائين رهيو. ان کان پوءِ ڊائريڪٽر بيورو آف ڪريڪيولم 1997ع ۾ چيئرمين سنڌ ٽيڪسٽ بڪ بورڊ ڄام شورو، 1997ع ۾ سنڌي لينگئيج اٿارٽي جو چيئرمين رهيو. 1999ع ۾ ساڳئي اداري مان رٽائر ٿيو.” (خواجه، 2010ع: 296)

حميد سنڌي ڪيترن ئي ملڪن جا دؤرا پڻ ڪيا، جيڪي تعليمي حوالي سان ڪيل آهن. جيئن ته هو ڪيترن ئي ادارن ۾ تعليمي ڪم سرانجام ڏيندو رهيو آهي، انهيءَ حوالي سان هن ٻاهرين ملڪن جا پڻ دؤرا ڪيا آهن. مثلاً انگلينڊ، ميري لينڊ، آمريڪا، ڪوريا، هندستان ۽ ايران جي شهر تهران ۾ ڪانفرنس هئي، ان ۾ شرڪت ڪيائين. سندس گهڻو عرصو سنڌ جي تعليمي ادارن ۾ گذريو. هن جي سڃاڻپ گهڻ رخي آهي؛ صحافي، اديب، اسڪالر، ريڊيو ڊراما نويس، ناليواري ڪهاڻيڪار جي حيثيت سان به آهي. هن جون ادبي خدمتون صدين تائين ياد رکيون وينديون. هن جي سڄي زندگي سنڌ ۽ سنڌي عوام لاءِ هڪ مثال آهي. هن سنڌ سان محبت جو ثبوت ڏنو آهي ۽ سڄي عمر سنڌ لاءِ وقف ڪري ڇڏي آهي. جوانيءَ کان وٺي زندگيءَ جي آخري گهڙين تائين جدوجهد ۽ محنت ڪندو رهيو ۽ هو هميشه لاءِ عوام جي دلين ۾ زنده آهي.

**ميمبر**

1997ع ميمبر سينيٽ سنڌ يونيورسٽي، ميمبر فنانس ڪاميٽي، ميمبر بورڊ آف انٽرميڊيٽ اينڊ سيڪنڊري ايجوڪيشن حيدرآباد، ميمبر سنڌي ادبي بورڊ، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، ميمبر بورڊ آف انٽرميڊيٽ اينڊ سيڪنڊري ايجوڪيشن بورڊ سکر، ميمبر ڀٽ شاهه ثقافتي سينٽر ڪاميٽي، چيئرمين ايڊوائيزري ڪاميٽي، سچل اڪيڊمي خيرپور، ميمبر بورڊ آف گورنرز، پبلڪ اسڪول سکر، ميمبر ۽ ڪو چيئرمين بورڊ آف گورنرز سنڌ لا ڪاليج ۽ نيشنل ڪائونسل آف پاڪستان اسڪائوٽس

ڪان سواءِ هن وقت به سنڌي ادبي بورڊ ڄام شورو ۽ ٻين ادارن ۾ بورڊ آف گورنرز جو ميمبر ۽ چيئرمين بورڊ آف ڊائريڪٽرز پبلڪ اسڪول پڻ رهيو ۽ ايم.فل ۽ پي.ايچ – ڊي جو ممتحن پڻ رهيو. ان ڪان علاوه هن کي اعزازن سان پڻ نوازيو ويو آهي.

**اعزاز/ رهنما**

حميد سنڌيءَ کي سندس ادبي ۽ علمي خدمتن جي مڃتا طور حڪومت ايوارڊ سان نوازيو.

تمغه امتياز 23 مارچ 1990ع، گورنمينٽ آف پاڪستان – صدارتي اعزاز

اعزاز فضيلت 1993ع گورنمينٽ آف پاڪستان – صدارتي اعزاز

شمس العلماء مرزا قليچ بيگ سيمينار، ڊاڪٽر دائودپوٽو سيمينار، ممتاز مرزا ۽ استاد بخاري وغيره بابت گڏجاڻين جو مهندار پڻ رهيو.

هن کي ڪهاڻين جي مجموعن تي پڻ ايوارڊ مليا آهن.

(1)پاڪستان رائٽرس گلڊ پاران 1981ع ۾ ڪهاڻين جي مجموعي ’ويريون‘ تي ايوارڊ مليو.

(2)پاڪستان اڪيڊمي آف ليٽر طرفان ڪهاڻين جي مجموعي ’ويريون‘ تي شاهه عبداللطيف ايوارڊ مليو.

(3)1981ع ۾ سنڌ الاجي ادبي ايوارڊ ڪهاڻين جي مجموعي ’ويريون‘ تي ڏنو.

(4)ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز طرفان لطيف ايوارڊ، نيشنل فائونڊيشن طرفان ’راڻا جي رجپوت‘ تي 1995ع ۾ ڏنو ويو.

**شادي ۽ اولاد**

حميد سنڌي ڪنڊياري جي پرسان هالاڻيءَ جي معزز ميمڻ خاندان مان شادي ڪئي. سندس گهر واري حميد سنڌيءَ جي ماروٽ جي ڌيءَ هئي. هن کي هڪ پٽ ارشد ۽ ٻه نياڻيون عائشه ۽ تمڪنت آهن.

**تصنيف، تاليف، تخليق**

حميد سنڌي هر سال شاهه عبداللطيف ڀٽائيؒ جي عرس جي موقعي تي ٿيندڙ ڪانفرنس ۾ مختلف سُرن تي لکيل تحقيقي مقالن ۽ مضمونن کي سهيڙيندڙ ۽ سنواريندڙ آهي. انهيءَ سلسلي ۾ هن جا يارهن ڪتاب شايع ٿيل آهن .سُرن جا نالا هيٺ ڏجن ٿا:

سُر ليلا، سُر گهاتو، سُر ڪاموڏ، سُر مارئي، سُر ڪاپائتي، سُر بلاول، سُر رامڪلي، سُر ڪاهوڙي، سُر ڪارايل، سُر بردو، سُر سارنگ وغيره.

سندس ڪهاڻين جا هيٺيان مجموعا لکيل آهن:

سيمي، اداس واديون، ويريون، راڻا جي رجپوت، جاڳ به تنهنجي جيءَ سان، دردونديءَ جو ديس، سو مون سپ ڄمار، ڪڻ ڪڻ ريت ۾ ڪيئي ڪهاڻيون، ٽماهي مهراڻ جون چونڊ ڪهاڻيون (ترتيب) وغيره. ان کان علاوه، آري اڇين شال (سچل سرمست تي تحقيقي مقالن جو مجموعو) پڻ شايع ڪرايو.

هيٺين ادبي رسالن جو ايڊيٽر ۽ صلاحڪار رهيو:

ماهوار روح رهاڻ، ماهوار مارئي، هفتيوار لطيف ڊائجيسٽ ۽ نئين زندگي وغيره.

هن گهڻ رخي انسان جي وفات 3 جنوري 2020ع ۾ حيدرآباد ۾ ٿي.

## حوالا


(1) مرزا نصير (2016ع): ”حميد سنڌي هڪ اڻٿڪ انسان“، سنڌي لينگئيج اٿارٽي، حيدرآباد.

(2) خواجه، نور افروز، ڊاڪٽر، (2010ع): ”مشڪ ڪٿوري مڻ“، گنج بخش ڪتاب گهر، حيدرآباد.

## حميد سنڌيءَ جي دؤر جون سياسي ۽ سماجي حالتون

برصغير جي آزادي ماڻهن جي سوچ، سمجهه ۽ ويچار ۾ نئون موڙ آندو. ملڪي معاملن سان گڏ معاشرتي، اقتصادي ۽ سماجي مسئلن ۾ به ڦيرو آيو. جڏهن حميد سنڌي ڪهاڻيون لکڻ شروع ڪيون، ته ان وقت 1958ع ۾ جنرل ايوب خان جي حڪومت هئي ۽ هن ملڪ جي بگڙيل حالتن سبب مارشل لا لڳائي ملڪ تي قبضو ڪيو. پاڪستان عوام تي پهريون ڀيرو فوجي حڪومت قائم ڪئي ويئي. ڪجهه عرصي کان پوءِ ائين محسوس ٿيڻ لڳو ته اهو مارشل لا صرف سنڌ لاءِ ئي سخت هو. سياستدانن ۽ سماجي ماڻهن، اديبن، عالمن ۽ صحافين جي سخت اعتراضن ڪرڻ تي جنرل ايوب خان سنڌ جي ماڻهن جي مختلف مسئلن بابت معلومات حاصل ڪرڻ لاءِ ڪميٽيون ۽ ڪميشنون مقرر ڪيون ۽ تعليم جي مسئلي لاءِ به هن هڪ تعليمي ڪميشن مقرر ڪئي، پر سنڌ جي تعليمي ماهرن، عالمن، دانشورن، اديبن، ليکڪن ۽ سنڌ جي عام ماڻهن پنهنجي مادري زبان (سنڌي ٻولي) جي بچاءَ لاءِ مارشل لا جي سخت ترين دؤر ۾ به هن فيصلي جي مخالفت ڪئي. هن ڏس ۾ سنڌي زبان جي تحفظ لاءِ سنڌي زبان سوسائٽي ٺهي. انهيءَ دؤر ۾ سنڌي ليکڪن ۽ روزانه اخبارن ۽ رسالن مثلاً عبرت، هلال پاڪستان ۽ ڪاروان، روح رهاڻ، مهراڻ، نئين زندگي ۾ ڪيترائي ليک ۽ ايڊيٽوريل لکيا ويا ۽ ڪيترن ئي عالمن جا مضمون به شايع ٿيا.

هن دؤر ۾ روح رهاڻ رسالي ماڻهن ۾ سجاڳي پيدا ڪئي. حالانڪ اهو دؤر تمام ڏکيو هو، پر حميد سنڌي هر وقت ليکڪن جي همت افزائي ڪندو رهندو هو.

حميد سنڌيءَ جي انهيءَ علمي ادبي ڪاوش کي پروفيسر اعجاز قريشي هيئن بيان ڪري ٿو:

> ”حميد سنڌي ون يونٽ دؤر جو هڪ متحرڪ ليکڪ ٿي گذريو. اهو دؤر جنهن ۾ سنڌ جو نالو پڪارڻ ڪنهن به خطري کان خالي نه هو. هي اهڙو ليکڪ هو، جنهن پنهنجي لکڻين ذريعي پنهنجو مقام ٺاهيو، جنهن جي غير موجودگيءَ ۾ نثري ۽ نظمي صنفن جو اتهاس اڻپورو ۽ ڪُٺل ڪُٺل لڳندو. ڪيس ڪو به نظرانداز نٿو ڪري سگهي، چاڪاڻ

ته پنهنجي علمي پورهئي سان هن هڪ امر ڦلواڙي پوکي ورتي آهي، جنهن جو ساهُ سڳنڌ صديون وٺنديون رهنديون.” (قريشي، 2007: 69)

هن دؤر ۾ روح رهاڻ عوام ۾ سجاڳي آندي ۽ پنهنجن حقن لاءِ آواز اٿارڻ ۾ گهڻو مددگار ثابت ٿيو. ڳوٺن ۽ شهرن مان ڪيترائي ماڻهو سجاڳ ٿيا ۽ هڪ تحريڪ جي شڪل اختيار ڪيائون ۽ ون يونٽ واري دؤر مان آزادي ماڻيائون.

نجم عباسي، حميد سنڌيءَ لاءِ لکي ٿو ته:

”هي اهو دؤر هو، جنهن ۾ حميد سنڌي روح رهاڻ رسالي ذريعي هڪ تحريڪ هلائي ۽ حڪمرانن کي عوام جي مدد سان گهر اماڻيو.“ (ملاح، 2015: 124)

هن رسالي جي شروعات ان دؤر کان ڪئي، جڏهن ون يونٽ جو دؤر هو. حميد سنڌ پنهنجي لکڻين ذريعي عوام کي آگاهه ڪندو رهيو. هن سنڌ ۽ سنڌين لاءِ گهڻي جستجو ڪئي ۽ عوام جي مدد سان حڪمرانن کي مجبور ڪيو ۽ ان دؤر جو خاتمو ٿيو ۽ ماڻهن سُک جو ساهه کنيو. هن جون لکڻيون گهڻي اهميت رکن ٿيون.

حميد سنڌيءَ جا لکيل ايڊيٽوريل ۽ سنڌي ادب لاءِ ڪيل خدمتون اهميت واريون آهن. انهيءَ کان علاوه سنڌي اديبن، سنڌي ماڻهن ۾ قومي بيداري ۽ شعور پيدا ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. 1969ع ۾ جنرل ايوب خان خلاف تحريڪ ايتري قدر زور ورتو جو هن (جنرل ايوب خان) مجبور ٿي، حڪومت جون واڳون جنرل يحيٰ خان جي حوالي ڪيون، پر 1969ع ۾ جنرل يحيٰ خان نئون مارشل لا لڳائي پنهنجي حڪومت شروع ڪئي. هن نئين مارشل لا جي زماني ۾ سنڌ جي ماڻهن زور شور سان پنهنجا مطالبا جاري رکيا، جن ۾ ون يونٽ ٽوڙڻ ۽ سنڌي ٻوليءَ کي سرڪاري ٻولي طور قبول ڪرڻ، ڪراچيءَ جي اسڪولن ۾ سنڌي پڙهائڻ ۽ اليڪشن جون لسٽون سنڌيءَ ۾ ڇپائڻ وغيره شامل هئا.

هن کان علاوه سنڌي رسالن ۾ روح رهاڻ، مهراڻ ۽ سهڻي رسالا هن قومي تحريڪ جا ترجمان هئا. هنن رسالن ذريعي ترقي پسند اديبن جو هڪ مضبوط گروپ ٺهيو هن دؤر ۾ خاص طور روح رهاڻ

رسالي گهڻي جدوجهد ڪئي ۽ ون يونٽ ختم ڪرائڻ ۾ ڪامياب ٿيو ۽ اهڙين حالتن ۾ حميد سنڌي ويهن سالن جي نوجوانيءَ جي عمر ۾ سنڌ ۽ سنڌين سان ٿيندڙ ظلمن ۽ ڏاڍاين کان بچڻ لاءِ ۽ عوام ۾ سجاڳي پيدا ڪرڻ لاءِ انهن تائين پيغام پهچائڻ خاطر پنهنجي ذاتي خرچ تي 1958ع ۾ 'زندگي' نالي پبليڪيشن شروع ڪئي، جنهن جي ذريعي ڪيترن ئي ليکڪن جا ڪتاب شايع ڪرايائين ۽ انهيءَ ئي پريس مان 1960ع کان روح رهاڻ رسالو جاري ڪيائين.

ڊاڪٽر غلام علي الانا، حميد سنڌيءَ بابت لکي ٿو ته:

> "حميد سنڌي نوجوانيءَ واري زماني کان وٺي اڳتي ون يونٽ واري دؤر ۾ سنڌ ۽ جديد سنڌي ادب لاءِ هڪ مبلغ ۽ سرويچ وانگر ڪم ڪيو آهي. روح رهاڻ ڪڍيائين، زندگي پبليڪيشن ادارو قائم ڪيائين ۽ ون يونٽ واري زماني ۾ سينو سپر ڪري، جشن روح رهاڻ جا اهتمام ڪيائين ۽ انهن جشنن ذريعي جديد سنڌي ادب جي فروغ ۽ بچاءَ لاءِ اهڙي ته جدوجهد ڪيائين جو سنڌ جي جديد ۽ قومي شاعرن مان اڪثر شاعرن ۽ ڪهاڻي نويسن کي قومي حيثيت تائين پهچائي ڇڏيائين. حميد ته پنهنجي مقصد جي حاصل ڪرڻ لاءِ سختيون به سَٺيون ۽ جيل ياترا به ڪيائين ۽ ان آزمائش ۾ هو پڪو ۽ پختو ٿي نڪتو." (الانا، 2016ع: 316-317)

حميد سنڌي، سنڌ سان سچو عشق رکندڙ آهي. پاڻ ٻين اديبن سان گڏجي سنڌ جي مفاد خاطر عوام ۾ شعور پيدا ڪندو رهيو، جنهن لاءِ هو پنهنجي رسالي روح رهاڻ ۾ دليرانه انداز سان ايڊيٽوريل لکندو رهيو. انهن ۾ هن ان وقت جي سرڪار کي سنڌين جي ڪيترن ئي مسئلن کان آگاهه به ڪندو رهيو.

ڊاڪٽر غلام علي الانا لکي ٿو ته:

> "حميد جيئن ون يونٽ واري دؤر ۾ سنڌ جي مسئلن، سنڌي ٻوليءَ جي مسئلن، سنڌي ادب ۽ سنڌي اديبن جي مسئلن، سنڌ جي معاشي ۽ معاشرتي مسئلن تي زوردار لفظن ۾ هڪ حقيقت نگار جي حيثيت ۾ ايڊيٽوريل لکيا ۽ سرڪاري

کارندن جي قدمن جي پرواهه نه ڪئي.” (الانا، 2007ع: 16)

حميد سنڌي زوردار مهم هلائي ۽ ماڻهن کي آگاهه ڪندو رهيو، ۽ ماڻهن ۾ جوش ۽ ولولو پيدا ڪندو رهيو. هي هڪ ڪهنه اديب، سالم سوچ رکندڙ مفڪر ۽ قوم پرست آدرشي انسان هو، جنهن وٽ پنهنجي زندگيءَ جي انهن تجربن واري دنيا مان ڪنيل موضوعن ۽ عنوانن جو بي انتها خزانو هو. اهو ئي سبب هو جو حميد سنڌي دائما لکندو رهيو.

پير حسام الدين راشدي به حميد سنڌيءَ جي روح رهاڻ ۾ لکيل ايڊيٽوريلن لاءِ لکي ٿو ته:

”حميد سنڌيءَ جا لکيل ايڊيٽوريل دشمن جي دل تي داغ آهن.“ (راشدي، 2007ع: 45)

حميد سنڌي ون يونٽ واري دؤر ۾ سنڌ جي مسئلن، سنڌي ٻوليءَ کي بچائڻ ۽ ان کي سرڪاري طور اهميت ڏيارڻ، سنڌي ادب جي ترقي ۽ واڌاري ۽ اديبن جي مسئلن لاءِ سنڌ جي معاشي ۽ معاشرتي مسئلن لاءِ، سنڌ جي ادارن لاءِ زوردار لفظن ۾ هڪ حقيقت نگار اڳواڻ جي حيثيت ۾ زبردست ايڊيٽوريل لکيا، جنهن سان سنڌي ادب ۾ هلچل پيدا ٿي ويئي ۽ ادب ۾ وسعت پيدا ٿي. 1965ع ۾ روح رهاڻ هڪ خاص مقصد سان ظاهر ٿي بيٺو ۽ هن هڪ تحريڪ طور ڪم ڪيو.

شيخ اياز پنهنجي ’آتم ڪهاڻي‘ ۾ حميد سنڌيءَ جي روح رهاڻ ۽ ون يونٽ جي تحريڪ جي باري ۾ لکي ٿو ته:

”حميد سنڌيءَ جي رسالي روح رهاڻ ئي ون يونٽ خلاف، صحيح معنيٰ ۾ تحريڪ پڙڪائي هئي.“ (اياز، 1995ع: 52)

روح رهاڻ رسالو ۽ حميد سنڌيءَ جو ڪردار سنڌي ترقي پسند ادب جي وسعت ۽ واڌاري لاءِ تاريخ ساز حيثيت رکندڙ آهي. روح رهاڻ هڪ تحريڪ جو نالو ٻڌجي چڪو آهي، جنهن سنڌي ادبي ماحول ۾ هلچل پيدا ڪرڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو. سندس لکيل پُرمغز ۽ وقتائتا ايڊيٽوريل سنڌي ادب جو دستاويزي ثبوت آهن. انهن لکڻين پڙهندڙن جي ذهنن جي بند گهٽين کي نوان موڙ ۽ رستا ڏيکاريا.

حميد سنڌي روح رهاڻ رسالي ۾ ايڊيٽوريل لکي سنڌ جي ماڻهن جي پڪار ۽ انهن جون گهرجون حڪومت تائين پهچائيندو رهيو ۽ گڏوگڏ ماڻهن ۾ سجاڳي به پيدا ڪندو رهيو.

حميد سنڌي نه صرف پاڻ ڪتاب ۽ روح رهاڻ رسالو شايد ڪندو هو، پر هو ٻين ادارن جي پريسن ذريعي به سنڌي ادب جا ڪتاب شايع ڪرائڻ لاءِ ڪوشان هوندو هو. هو ادب جو شيدائي آهي، انهيءَ ڪري چاهيندو آهي ته وڌ کان وڌ سنڌي ڪتاب شايع ٿين. بهرحال، سندس ڪوششن سان ون يونٽ جو خاتمو ٿيو ۽ سنڌ ۽ سنڌي ماڻهن ۾ سجاڳي پيدا ٿي. هن جي رسالي تي پابنديون لڳايون ويون. 1969ع ۾ ڊڪليئريشن ختم ڪيو ويو، پر پوءِ وري سندس ڪوششن سان رسالو بحال ٿيو. اهڙي طرح حميد سنڌيءَ جي روح رهاڻ جو سلسلو بزم روح رهاڻ گهر ۾ هلندو اچي ٿو. بقول سندس جي ته انهن جيل ڪٽڻ جو عزم ڪيو. اهو عزم، جستجو ۽ جهاد جاري رهندو اچي ٿو.

حميد سنڌي زندگي پبليڪيشن ذريعي ڪيترن ئي اديبن جا ادبي ڪتاب پڻ ڇپرائي شايع ڪيا آهن، جن ۾ سڀ کان پهرين پشو پاشا، جمال ابڙي جو ڪتاب شايع ڪيو. ان کان سواءِ، حميد سنڌيءَ جي ڪهاڻين جا ڪتاب سيمي، اداس واديون، ويريون، آب حيات (غلام رباني جو)، راتيون جاڳن جي (ناصر مورائي ۽ رسول بخش پليجي جا ڪتاب پڻ شايع ڪيا ۽ ون يونٽ واري دؤر ۾ سنڌ ۽ سنڌين لاءِ سخت دؤر هو، پر گڏيل ڪوششن سان ون يونٽ جو خاتمو ٿيو ۽ سنڌ جي اديبن ۽ ليکڪن ۽ عام عوام سُک جو ساهه کنيو. هن ون يونٽ خلاف اهڙي تحريڪ هلائي ويئي جو حڪومت جون وايون بتال ٿي ويون ۽ نيٺ ان دؤر جي حڪمرانن کي استعيفا ڏيڻي پيئي. اهڙي جدوجهد ۾ حميد سنڌي پنهنجي حصي جو ڀرپور ڪردار ادا ڪيو.

**فڪري تحريڪون**

حميد سنڌيءَ جي دؤر جون فڪري تحريڪون ۽ ادبي لاڙا

سڀني ملڪن ۾ جديد لاڙا ۽ رجحان اڀريا، جنهن جو اثر پاڪستان تي پڻ ٿيو ۽ ادب ۾ وسعت پيدا ٿي. هن تحريڪ جو مقصد هو ته سماجي تبديلي اچي. اهڙين تحريڪن ۾ مارڪسي فڪر ۽ سارتر جو فڪر، تحريڪ ترقي پسند ۽ رومانوي فڪر شامل آهن.

هي تحريڪون سڀني ملڪن ۾ پکڙجي چڪيون هيون ۽ هنن تحريڪن جو اثر سنڌ تي به ٿيو.

ترقي پسند تحريڪ

هندستان ۾ ترقي پسند تحريڪ جي شروعات ليکڪن جي ڪانفرنس سان ٿي، جيڪا 1936ع ۾ لکنؤ ۾ ڪوٺائي ويئي. هن ڪانفرنس ۾ هڪ منشور جيڪو منشي پريمچند جي صدارت هيٺ منظور ڪيو ويو ۽ هن ترقي پسند تحريڪ جي شروعات ڪندڙ سجاد ظهير آهي. انهيءَ هلچل ئي دراصل ليکڪن ۾ نئين جاڳرتا آندي. ترقي پسند ليکڪن ماڻهن کي اهو نئون نظريو ڏنو.

غلام رباني آگرو ترقي پسند تحريڪ لاءِ لکي ٿو ته:

> ”هن تحريڪ جو ڪم اهو هو ته انسان پنهنجي زندگيءَ جي پيچيده مراحل کي طئه ڪرڻ کان پوءِ معاشي طور ڪيئن انهن قدرن جي همت وڌائي ٿو.“ (آگرو، 2013ع: 23)

هن فڪر دنياوي سطح تي زميندارن، جاگيردارانه، ظالمانه نظام خلاف عوام ۾ سجاڳي آندي ۽ ٻي مهاڀاري لڙائيءَ سبب سماج ۾ هاري، پورهيتن جي حقن لاءِ هي فڪر آواز هو. هن فڪر جي اچڻ سان پورهيتن ۽ هارين کي پنهنجا حق مليا.

ڊاڪٽر الهداد ٻوهيو هن نظريي بابت لکي ٿو ته:

> ”هن لاڙي جو مضبوط ۽ منظم انجام ٿيو. هن تحريڪ ذريعي عام ماڻهوءَ جي اهميت واضح ٿي. ترقي پسند فڪر ذريعي ادب ۾ وسعت آئي ۽ نظريا ٺهيا.“ (ٻوهيو، 1984: 208)

هيءَ تحريڪ سڄي دنيا ۾ پکڙجي ويئي. هن تحريڪ جو مقصد هو ته هارين، پورهيتن ۽ مزدورن کي پنهنجا حق ملن ۽ هيءَ تحريڪ گهڻو تيزيءَ سان پکڙجي ويئي ۽ سرمائيدارن ۽ جاگيردارن خلاف ليکڪن کي نوان موضوع ملي ويا. ترقي پسند هڪ جامع ۽ متحريڪ اصطلاح آهي. ترقي پسندي هڪ رويو، لاڙو ۽ تحريڪ آهي، جيڪا هر دؤر ۾

موجود رهي آهي. جيڪي بدليل رجحان ۽ لاڙا آهن انهن کي ترقي پسند رجحان يا لاڙا سڏيو ويو آهي.

حميد سنڌيءَ جي ڪهاڻي "واچوڙن ۾ لاٽ" زميندار ۽ هاريءَ جي ڪهاڻي آهي ۽ ترقي پسند تحريڪ جي عڪاسي ڪري ٿي. هن ڪهاڻيءَ ۾ رئيس وڏو جيڪو ظالم آهي ۽ ڪمدار جي چوڻ تي هارين ۽ پورهيتن تي ظلم جا پهاڙ ڪيرائيندو آهي ۽ هارين کي ناحق قتل ڪرائيندو آهي ۽ انهن تي پابنديون وجهندو آهي، پر جڏهن زميندار جو پٽ انهن پابندي جي مخالفت ڪري ٿو پئي پاسي هارين جي گهرن تائين پهچي ٿو ته اهي هاري ان جو بدلو ڪمدار کان وٺن ٿا.

حميد سنڌيءَ جي ڪهاڻي 'واچوڙن ۾ لاٽ' ۾ اهڙي فڪر کي ڏسي سگهجي ٿو:

> "ها ڪمدار ڏي خبر ڪيئن پُلجي پئين. اسان جا ماڻهو ته چاڻ ڏئي ٿي زمين مان لنگهيا، ته بنهه خون ٿي ويا. اڄ جو تون بنا چاڻ جي لنگهيو آهين . . . هاڻ توسان ڇا ڪجي؟ بخـ ... شـ ... ـڻ . . . رئيس ضد ڪيو. . . نه ته . . . تو کي خبر آ . . . جڏهن کان اسان مڙساڻو واعدو ڪيو ته، نه توهان اسان جي ٻنيءَ مان لنگهندؤ، نه وري . . . اسين . . . ته پوءِ تون پاڻ امين ٿي ورهيه ٿي ويو آهي. . . اسين ڪو لنگهيا آهيون. . . اڄ، رئيس . . .! اڄ رئيس ضد ڪيو. ادي غلام محمد ۽ ٻين کي اُڦٽ مارائي ڇڏيئه، ڇئه ته اهو رئيس جو ضد هو. ماڪي خبر آ ته تو ڇو ادي غلام محمد کي مارايو. صرف انهيءَ ڪري جو هن توهان جو هاري ٿيڻ پسند نه ڪيو، ڇاڪاڻ ته ڪيس چاڻ هئي ته ڪمدار ۽ رئيس جي نيت سندس مگ تي اڳ ئي خراب هئي." (سنڌي، 1965ع: 73)

هيءَ ڪهاڻي ترقي پسند تحريڪ جي عڪاسي ڪري ٿي ته جيئن شروع ۾ زميندار هارين ۽ پورهيتن تي ظلم ڪندا هئا، پر هن تحريڪ جي اچڻ سان پورهيتن ۽ هارين کي سندن جائز حق مليا ۽ انهن هارين ۽ پورهيتن کي سُک جو ساهه کڻڻ جو موقعو مليو. سندس ڪيتريون ئي ڪهاڻيون ترقي پسند تحريڪ تي لکيل آهن، مثلاً: ان داتا، ٽڪي ۾ ٻاٽي، جنت، ڪنچن ڪايا، زندگي ٻڏجي نه شل، سسئيءَ جا سُور وغيره.

رومانويت (Romanticism)

رومانوي تحريڪ جي شروعات يورپ کان ٿي. هن جو باني روسو هو. رومانوي ادب ۽ رومانوي ادبي فلسفي جي سڄاڻپ ٿي ۽ ماڻهن ۾ رومانيت واري فلسفي کي سمجهڻ لاءِ دلچسپي پيدا ٿي. هن جو چوڻ هو ته ماڻهو فطرت ڏي متوجهه ٿين ۽ ائين ئي هن تحريڪ زور ورتو ۽ ڪيترن ئي ليکڪن کي نوان موضوع مليا.

عبدالغفور ميمڻ رومانوي تحريڪ جي لاءِ لکي ٿو:

”هي لاڙو فقط داخلي يا افرادي نه آهي، پر انسان ذات جي لاءِ محدود لاڙو آهي.“ (ميمڻ، 2002: 235)

رومانوي تحريڪ جو پسمنظر فرانس جو انقلاب هو. هن جو باني روسو هو. هن چيو ته انسان آزاد پيدا ٿيو ۽ چؤطرف زنجيرن ۾ جڪڙيل آهي. هن جو نظريو هو ته انسان فطرتي طرح زندگي گذاري ۽ ماڻهن پنهنجي زندگي رومانوي طريقي مطابق گذارڻ شروع ڪئي. رومانوي ادب ذريعي ماڻهو شين ۽ پنهنجي زندگيءَ ۾ دلچسپي وٺڻ لڳا ۽ زندگي نئين طرز تي گهارڻ لڳا.

حميد سنڌيءَ جي ڪهاڻي ”خوشبو جا گهاوَ“ رومانويت تي لکيل آهي. هن ۾ ٻن چاهيندڙن جي ڪهاڻي آهي، جيڪي هڪ ٻئي کي چاهن ٿا ۽ آخر ۾ سُکي زندگي گذارين ٿا. هيءَ ڪهاڻي رومانوي فڪر کي ظاهر ڪري ٿي.

حميد سنڌيءَ جي ڪهاڻي ’خوشبو جا گهاو‘ جيڪا رومانوي ڪهاڻي آهي، هيٺ ڏجي ٿي:

> ”زندگيءَ جي هر ڪا تمنا هوءَ آهي. زندگيءَ جي هر آس مان آهيان. هوءَ مون مان مايوس به ته نه هئي، پوءِ چو مون کيس يقين ڏيارڻ ٿي چاهيو ته مان صرف سندس ئي آهيان. مان ائين چو چوان ته ٻن ٽن ڏينهن کان سوچ مون تي چانيل آهي. ڪو مقصد آڏو اٿم ۽ مان انهيءَ رٿا مطابق هلان پيو. ۽ منهنجا خواب ۽ منهنجون رٿائون سڀ هيٺ مٿي نه ٿي وڃن. سيما سان مان جهڙي نموني مليس ۽ پيار جي دنيا ناهڻ ۾ ڪامياب ٿي ويس.“ (سنڌي، 1965ع: 122)

هن ڪهاڻيءَ ۾ ٻن چاهيندڙن کي منزل ملي وڃي ٿي ۽ هيءَ ڪهاڻي رومانوي پهلوءَ سان شاندار ڪهاڻي پيش ڪيل آهي. هن تحريڪ ليکڪن ۾ سجاڳي آندي ۽ فطرت کان هٽي ڪري انسان کي پاڻ سڃاڻڻ ۽ رومانوي (Romantic) ڪهاڻيون لکڻ تي زور ڏنو ويو ۽ هيءَ تحريڪ ڪافي حد تائين ڪامياب به ٿي.

حميد سنڌي رومانوي فڪر تي پيون به ڪهاڻيون لکيون آهن، مثلاً: احساس جي منزل، ٽڪنڊو، سمنڊ ۽ مان، منهنجي دنيا مرگهه ترشنا وغيره.

مارڪسزم (Marxism)

مارڪسي تحريڪ جو بنياد ڪارل مارڪس وڌو. هنن ٻنهي ساٿين انقلاب آندو، ڇو ته هو چاهين پيا ته پورهيتن، هارين کي سندن حق ملن. هيءَ تحريڪ زميندارن، سرمائيدارن، جاگيردارن خلاف هئي. هنن خطن جي ذريعي ۽ انجمن جي ذريعي پنهنجو آواز عوام تائين پهچايو. هنن جي خواهش هئي ته مزدورن جي پاڻ ۾ ٻڌي ٿئي ۽ هو سڀ هڪ ئي آواز ٻڌجي وڃن ۽ زميندارن جي خلاف آواز اٿارين. هن انقلاب دنيا ۾ اهڙي ته تبديلي آندي جو سرمائيدارن، جاگيردارن، زميندارن نيٺ شڪست قبول ڪئي ۽ هارين، مزدورن کي حق ڏيارڻ ۾ ڪامياب ٿيا. ڪارل مارڪس پنهنجي زندگيءَ جو گهڻو سرمائيداريءَ کي سمجهڻ ۽ ان جي مختلف پهلوئن کي سمجهڻ ۾ صرف ڪيو. هن چيو ته هڪڙا اهڙا ماڻهو آهن، جن وٽ پيداوار جا ذريعا هوندا آهن ۽ ٻيا اُهي جن وٽ ڪو به ذريعو نه هوندو آهي، سواءِ پنهنجي محنت جي. اهي محنت ڪري جيڪي ميڙين ٿا اهو سڀ ڪجهه سرمائيدارن وٽ وڪرو ڪن ٿا. سڀني ملڪن ۾ هارين جاڪوڙ شروع ڪئي ۽ ظالمانه نظام جي هٿ ٺوڳين روايتن کي ٽوڙڻ ۾ ڪامياب ٿيا.

ان طرح سان هيءَ تحريڪ هڪ زوردار تحريڪ طور اُڀري. سنڌ ۾ به هن تحريڪ جو اثر ٿيو. ڪيترن ئي ليکڪن مارڪسي فڪر تي لکيو. حميد سنڌي پڻ هيءَ ڪهاڻي مارڪسي فڪر تي لکيل آهي.

اهڙي طرح ڪميونزم جو نظريو ان دؤر ۾ اُسرڻ ۽ اُڀرڻ لڳو. سنڌي ادب ۾ ڪهاڻيءَ تي مارڪسي فڪر نمايان نظر اچي ٿو.

حميد سنڌيءَ جي ڪهاڻي ”چوري ساڻ چسن“ به زميندار ي ظلم تي لکيل آهي، جيڪو هاريءَ جي پٽ کي ايڪسيڊنٽ ۾ مارائي ڇڏي ٿو.

حميد سنڌي ڪهاڻي ’چوري ساڻ چسن‘ زميندار ظلم تي لکي آهي:

> ”سائين صوف ڇا ٻڌائيندو، مان ٿو ٻڌايانءِ. شاهن مري ويو – سائين شاهن مري ويو. شاهن سلطان جو وڏو پٽ، اسان جو هاري هو. سلطان جيئن جهونو ٿيو ته سندس هارپ هن جي ٻن پٽن شاهن ۽ گلڻ سنڀالي هئي. گلڻ مائو پر شاهن شهزور هو، طاقت وارو، سهڻو جوان، پلو هاري، پر ڏڀن جي چوريءَ جو ماهر شاهن ڪٿي پلا ڏڀا ڏنا نه آهن، ننڍ ڦٽي پوندس. بنهه پويون ڏينهن ٿي لڳندن، جيسين ڏڀا ڪڍي واٽ نه وڃائين ته شاهن ڪونه سڏائي. جهلبو به ڏکيو هو. پوليس جي پڪڙ ۾ گهٽ اچي، تنهنڪري ويري به ويري هيس. سلطان مان توکي چوندو هوس ته شاهن کي جهل ڪڏهن پاڻ اهڙو جهلبئي جو ڳوليو نه ملندءِ. نه سائين هي چور چوري وگهي نه مُئو آهي؛ ايڪسيڊنٽ ٿيس.“ (سنڌي، 1996ع: 71-72)

هيءَ ڪهاڻي زميندار ظلم کي عيان ڪري ٿي. هن ۾ اهو ڏيکاريو ويو آهي ته هڪ غريب هاريءَ جو پٽ جڏهن چوري ڪري ٿو ۽ اهو هڪ زميندار جي چوڪريءَ کي به پڄائي ٿو، جنهن ڪري ان کي موت جي آغوش ۾ هميشه لاءِ سمهاريو وڃي ٿو. هي ڪهاڻيءَ جي ڪيتر ۾ پنهنجي اسٽائيل جو منفرد ڪهاڻيڪار آهي. هن ٻيون به ڪهاڻيون لکيون آهن زميندار ظلم تي، مظلوم عورتن ۽ ٻارن تي، مثلاً: روشن اونداهه، اداس واديون، ڏو پار، چوري ڇڏ ۾ ڇپرين وغيره.

**حوالا**


1. اياز، شيخ (1999ع): ”ڪٿي ته پڄبو ٽڪ مسافر، نيو فيلڊس پبليڪيشن، ٽنڊو ولي محمد، حيدرآباد.
2. آگرو، غلام رباني (2013ع): ”سنڌي ادب تي ترقي پسند تحريڪ جو اثر“.
3. ٻوهيو، الهداد (2013ع): ”ادب جا فڪري محرڪ“، روشني پبليڪيشن، ڪنڊيارو.
4. سنڌي، حميد (1965ع): ”اداس واديون“، زندگي پبليڪيشن، حيدرآباد.

5. سنڌي، حميد (1965ع): ”اداس واديون“، زندگي پبليڪيشن، حيدرآباد.
6. سنڌي، حميد (1996ع): ”جاڳ به تنهنجي جيءَ سان“، سنڌي ادبي بورڊ، ڄام شورو.
7. سنڌي، حميد (2007ع): ”سو مون سپ ڇمار“، زندگي پبليڪيشن، حيدرآباد.
8. سنڌي، حميد (2007ع): ”سو مون سپ ڇمار“، زندگي پبليڪيشن، حيدرآباد.
9. مرزا، نصير (2016ع): ”حميد سنڌي، هڪ اڻٽڪ انسان“، سنڌي لينگئيج اٿارٽي، حيدرآباد.
10. ملاح ريحانا (2015ع): ”نجم عباسي جي ڪهاڻيءَ جو سماج ڪارج: هڪ تنقيدي اڀياس“.
11. ميمڻ، عبدالغفور (2002ع): ”سنڌي ادب جو فڪري پسمنظر“، شاهه عبداللطيف ڀٽائي چيئر، ڪراچي يونيورسٽي، ڪراچي.

باب چوٿون

# حميد سنڌيءَ جي ڪهاڻين جو سماجي پسمنظر

حميد سنڌي پنهنجي ڪهاڻين ۾ سماج جي ڪيترن ئي اهم مسئلن کي پيش ڪيو آهي. هن جي ڪهاڻين ۾ ٻين ليکڪن کان انفراديت آهي. حميد سنڌي هڪ حقيقت نگار ڪهاڻيڪار آهي. هي سجاڳيءَ جي تحريڪ جو ڪارڪن به رهيو آهي. حميد جي ڪهاڻين ۾ ڌرتيءَ جي خوشبو ۽ سنڌ سان چاهه ۽ عام ماڻهن جون محبتون ۽ نفرتون آهن. هن جو ڀرپور عشق سنڌ، سنڌي ٻولي ۽ سنڌي ادب سان ئي آهي. هن سنڌ جون اهي ڪهاڻيون سچائيءَ جي آرسيءَ کي سامهون رکي پوءِ لکيون آهن. سندس ڪهاڻين جا موضوع سنڌ جا داخلي توڙي خارجي مسئلا ۽ سماجي، معاشي مسئلا آهن ۽ هُن انهن مسئلن جي عڪاسي ڪهاڻين ۾ ڪئي آهي. هي حقيقت نگار ڪهاڻيڪار آهي. سندس افسانن جي وڏي خوبي اها آهي جو هن سماجي، نفسياتي توڙي سياسي حالتن کي پيش ڪيو آهي. حميد سنڌي ترقي پسند دؤر جو ليکڪ آهي. هن جي ڪهاڻين ۾ افسانوي رنگ تي حقيقت جو رنگ چاڙهيل آهي. حميد سنڌي اهو ليکڪ آهي، جنهن انهن سڀني سياسي، سماجي تبديلين ۽ محرڪن کي پنهنجي ڪهاڻين جو موضوع بڻايو. هن پنهنجي ڪهاڻين لکڻ جو آغاز 1958ع کان ڪيو. سندس ڪيترين ئي ڪهاڻيون سماجي مسئلن تي لکيل آهن. حميد جي ڪهاڻين ۾ موضوع جي نفاست کان وٺي اظهار جي بلندي جي پنهنجي هڪ انفراديت آهي. سٽن ۾ شاعراڻي ٻوليءَ جهڙا خيال، لفظ جي چونڊ موقعي ۽ مناسبت سان ٺهڪندڙ محاورا ۽ چوٽيون ڪهاڻين جي ڪاميابيءَ جو راز آهن. سندس ڪهاڻين جا ڪردار هن

سماج جي ڪنهن ناسور جي درد ۾ ڪڙهندڙ، پچندڙ ۽ لڇندڙ سنڌي ماڻهن جي جيوت جو زندهه ۽ حقيقي روپ آهن. مطلب ته حميد سنڌيءَ جون ڪهاڻيون مجموعي طور تي پلاٽ، ڪردار نگاري ۽ اظهار، بيان، ٻوليءَ جي سونهن ۽ منظر نگاريءَ جي حوالي سان سگهاريون آهن. حميد سنڌيءَ جي ڪهاڻين ۾ افسانوي رنگ تي حقيقت جو رنگ چانيل آهي. هي سنڌي ٻوليءَ جو اڻٽڪ ڪهاڻيڪار آهي. هن جي ڪهاڻين ۾ انساني جذبا ۽ همدرديءَ جا جذبا ملن ٿا. هن سماجي حوالي سان ڪافي ڪهاڻيون لکيون آهن، جيڪي ان دؤر ۾ گهڻو مشهور به ٿيون.

حميد سنڌيءَ جي دؤر ۾ تخليق ٿيندڙ ادب جي باري ۾ ڊاڪٽر غلام علي الانا لکي ٿو ته:

> ”سنڌ جو موجوده ادب سنڌ جي سماجي ۽ عوامي زندگيءَ جي عڪاسي آهي ۽ ان جي چٽي تصوير آهي. سنڌ جو موجوده ادب سنڌ جي سماجي زندگيءَ جي تاريخ آهي.“ (الانا، 1999ع: 67)

حميد سنڌيءَ جا افسانا واقعاتي ڪرداري هئڻ سان گڏ حقيقت نگاريءَ تي مبني آهن، جن ڪي هن لفظن جي سجاوٽ سان افساني جي قالب ۾ داخل ڪيو ۽ ڪردارن کي سچائيءَ سان ۽ حقيقي واقعن کي بيان ڪيو اٿس. حميد سنڌيءَ جو شروعاتي مجموعي ’سيمي‘ آهي، جيڪو هن 1958ع ۾ لکيو. جڏهن ته هن مجموعي ۾ ڪُل ڇهه ڪهاڻيون آهن. هي ڪهاڻيون به سماجي آهن. هن مجموعي جو تعارف بيگم زينت چنا لکيو آهي.

هيٺ سندس ڪهاڻين جو اڀياس ڏجي ٿو.

هن پهريون مجموعو ’سيمي‘ نالي سان لکيو آهي. هن جي مجموعي ’سيمي‘ جي پهرين ڪهاڻي ’نياڳي ڇري‘ جي عنوان سان لکيل آهي، جنهن ۾ گهريلو ماحول ڏيکاريو ويو آهي. هيءَ يتيم ڇوڪريءَ تي لکيل ڪهاڻي آهي، جيڪا شادي ڪري پنهنجي ساهرن جي گهر وڃي ٿي ته سندس سَسُ ان کان گهر جو سڄو ڪم ڪار وٺي ٿي ۽ طعنا ڏيڻ کان نٿي مُڙي، پر ڇوڪري طعنا ٻڌي به خاموش رهي ٿي. هن کان پوءِ ان کي اولاد به ٿئي ٿو. هڪ پٽ يوسف ۽ هڪ ڌيءَ نصيبان، پر يوسف جلدي مري وڃي ٿو ۽ سندس ڌيءَ زميندار اغوا ڪري وڃي ٿو، پر سڄي زندگي اهو طعنو ملندو رهي ٿو ’نياڳي ڇري‘. ڪهاڻيءَ ۾ لکي ٿو:

”آئي نپاڳي! ڪير وهي ويو، وارو ڪر جلدي وڃ، اڙي ظهورا ٻار ٿا رُئني! خيال ئي ڪونهي، نه ابا ماٺهي اچي ٿي. نپاڳي رن! ڪرين ڇا پيئي اڙي ظهوران شل ڪو ڪاريءَ تي پير پويئي اڙي ڇوري مار پوئي! مڙسنهن مانيءَ لاءِ ويٺو آهي. جلدي ڪر، روز روز اهڙا طعنا تنڪا ٻڌي ظهورا جا رڳو ڪن پڪا ٿي ويا، پر پاڻ سڄي ڦٽ ملامت تي پڪي ٿي ويئي هئي.“ (سنڌي، 1958ع: 17)

’سيمي‘ مجموعي جي ٻي ڪهاڻيءَ جو عنوان ’تصوير‘ آهي. حميد سنڌي ڪهاڻيون سماج مان ئي کنيون آهن ۽ انهن ڪهاڻين ۾ سنڌي سماج جو اونهو عڪس چٽيو آهي. حميد سنڌيءَ جي ڪهاڻين بابت آغا سليم لکي ٿو ته:

”حميد جون ڪهاڻيون ادب ۾ حقيقت نگاريءَ واري روايت جون ڪهاڻيون آهن، جن ۾ اينٽي هيروز به آهن ته اينٽي هيروئنز به – اهو زندگيءَ کي جيئن جو تيئن پيش ڪرڻ جي ڪري ئي آهي، جو سندس ڪهاڻين جا ڪردار اسان جا ڏٺل وائٺل ۽ ڄاتل سڃاتل ٿا لڳن.“ (سنڌي، 2018ع: 364)

هن مجموعي جي ڪهاڻي ’تصوير‘ به سماجي ۽ فڪري حوالي سان سگهاري ڪهاڻي لکيل آهي. سندس ڪهاڻي ’تصوير‘ جيڪا ازدواجي زندگيءَ تي لکيل آهي. هن ڪهاڻيءَ ۾ گهر وارو پنهنجي گهر واريءَ جي تصوير ناهي ٿو، پر سندس زال کي شڪ ٿئي ٿو ته هو ڪنهن ٻيءَ عورت سان پيار ڪري ٿو ۽ ان جي تصوير کي ڏسي ٿو. اها ڳالهه پنهنجي سهيليءَ کي ٻڌائي ٿي، پر جڏهن کيس خبر پوي ٿي ته تصوير سندس آهي ته اها خوش ٿئي ٿي ۽ شڪ ڪرڻ جي ڪري شرمنده به ٿئي ٿي. ڪردارن جي شڪ وهم ۽ ان بعد حقيقت کي هن طرح پيش ڪري ٿو:

”آفيس جو ڪم پورو ڪري ناصر تکو بازار ويو. هڪ روغني تصوير جا فريم ڪرڻ لاءِ ڏني هئائين، سا ڪڍي سڌو گهر روانو ٿيو. رستي ۾ سوچي رهيو هو ته شهناز هيءَ تصوير ڏسي ضرور خوش ٿيندي. سندس طبيعت بحال ٿي ويندي. گهر پهچي ناصر شهناز جي ڪمري ۾ داخل ٿيندي چيو شهناز . . . شهناز ڏس! مون تولاءِ تحفو آندو آهي. شهناز . . . شهناز هاڻي طبيعت ڪيئن آهي؟ ناصر هڪ تصوير ڪڍي بيٺو هو. غور سان ڏنائين ته تصوير سندس

ئي هئي. اٿي ويهي رهي. شرم کان ڪنڌ هيٺ ڪٽي ڪيائين. ويتر جو ڏٺائين ته تصوير جي حاشي ۾ مصور جو نالو ناصر هو. ڇو تصوير پسند نه آئي ڇا؟ ناصر ڪلندي چيو. ان ڪي ئي ته ڪمري ۾ ويهي ٺاهيندو هئس.″ (سنڌي، 1958ع: 30-31)

سندس مجموعي ’سيمي‘ جي ٽين ڪهاڻي ’نشاني‘ جي عنوان سان لکي اٿس. هيءَ ڪهاڻي زميداري ظلم تي لکيل آهي. هيءَ به سماجي ۽ معاشي حوالي سان سگهاري ڪهاڻي لکيل آهي. زميندار ۽ ڪمدار جي ڪهاڻي آهي. جيئن ته ڪمدار ڪؤڙي کي گهر واري ۽ هڪ پٽ هو، پر زميندار جي نظر سندس گهر واريءَ تي پوي ٿي ته اهو زميندار ڪمدار کي مارائي ان جي جڳهه تي ٻئي ڪمدار سائينداد کي رکي ٿو ۽ پهرئين ڪمدار ڪؤڙي جي نشاني ڪهاڙي هوندي آهي. ڪمدار ڪؤڙي جي زال پنهنجي پٽ کي چوندي آهي ته پٽ هن نشانيءَ سان تون پنهنجي پيءُ جو بدلو وٺجانءِ.

حميد سنڌي نشاني ڪهاڻي ۾ زميندار جي ظلم کي هن طرح بيان ڪندي لکي ٿو ته:

″جمعو بدلي جون سٿوڻ سَٿڻ لڳو. خون وڏيري ڪرايو آهي، پر امان کي ان ڳالهه جي خبر نه آهي. ڪهاڙيءَ ڏي ڏٺائين تون به ڪيترن ڏينهن کان اجايل آهين. پرواهه نه ڪر. آءُ توکي وڏيري جي خون سان ڳاڙهو ڪري اڄ لاهيندس. . . اهي پُور پچائيندو رات جي ماني ڪائي سمهي پيو. آسُر جو آواز تي اک کُلي پيس. آواز چٽو ٻڌڻ ۾ پئي آيس. مون کي خبر نه هئي ته انسان جي ويس ۾ تون شيطان آهين. ماٽس جو آواز هو. ڏس زيبان مون تو لاءِ ڇا نه ڪيو آهي. ڪؤڙي کان پوءِ تنهنجو سڄو بار مون پاڻ تي کنيو آهي. پري هٽ ڪتا – ڏماڪو ٿيو، هاٿي موقعو اچي ويو. هن سوچيو – ڪوٺي مان تکو ڪهاڙي ڪٽي نڪتو. اوندهه ۾ سفيد چمڪندڙ ڪهاڙي اُپي ٿي ۽ ان سان گڏ هڪ رڙ بلند ٿي ۽ رت جا گرڙاٽ.″ (سنڌي، 1958ع: 37-38)

سندس ’سيمي‘ مجموعي جي چوٿين ڪهاڻي ’حُسن جو پوڄاري‘ لکيل آهي، جيڪا ازدواجي زندگيءَ تي لکيل آهي. هڪ نوجوان حُسن کي پسند ڪندو آهي ۽ چاهيندو آهي ته اهو ڪنهن حسين ڇوڪريءَ سان شادي ڪري. جڏهن اهو حسين ڇوڪريءَ سان شادي ڪندو آهي

۽ ان جي حُسن تي غرور به ڪندو آهي، پر ڪجهه ڏينهن کان پوءِ سندس گهر واريءَ کي بخار ٿيندو آهي ۽ ان جي منهن تي ماتا نڪري آئي، جنهن ڪري سندس چهرو خراب ٿي ويندو اٿس. اهو نوجوان پنهنجي زال جي اها حالت ڏسي ان کي مائٽن ۾ ڇڏي اچي ٿو ۽ پاڻ نشي ۾ پناهه وٺي ٿو. جڏهن زال کي خبر پوي ٿي ته اها مائٽن کي ڇڏي پنهنجي مڙس جي خدمت ڪري ٿي ۽ رب جي اڳيان روئي ٿي ۽ آخر ۾ سندس چهرو روشن ٿئي ٿو ۽ سندس مڙس کي به احساس ٿئي ٿو ته هن تي مون شڪ ڇو ڪيو ۽ پوءِ پنهنجي زندگي خوشيءَ سان گذارين ٿا.

حميد سنڌي ڪهاڻي ’حُسن جو پوڄاري‘ به گهريلو ماحول تي لکي آهي. ان ڪيفيت کي هن طرح پيش ڪري ٿو:

> ”رحم ڪر اي مالڪ!! مون کي پنهنجي مجازي خاوند جي پُرمسرت زندگي گهرجي– هو ياد الاهي ۾ مشغول هئي ته اعجاز نشي جي حالت ۾ گهر آيو. سڏ ڪيائين، پر فريده جي ڪنن تائين نه پهتو. هن جو غصو وڌي ويو. مارڻ لاءِ ڏوڪيندو سندس ڪمري ۾ گهڙي آيو. فريده بدستور خدا کان دعا پني رهي هئي. ڳوڙهن جون بوندون هيون جي ڳلن تان ڪِري مصلي کي آلو ڪري رهيون هيون. اعجاز جو نشو غائب ٿي ويو. هو وڌيڪ ڪجهه ڪري نه سگهيو، پر سندس قدم پٺتي هٽي ويا. هن جون نگاهون فريده جي پُرنور چهري تي ڄمي ويون. هن قدرت جو لافاني حُسن ڏٺو، جنهن کان اڄ تائين هو محروم هو. هو ظاهري صورت جو شيدائي هو، پر اڄ ڪيس فريده سهڻي نظر آئي.“ (سنڌي، 1958ع: 48)

حميد سنڌي جي ڪهاڻي ’هاءِ حياتي ... هي محبت‘ تي لکيل آهي. هن ڪهاڻيءَ ۾ هڪ سياستدان هڪ نوجوان کي روڊ تي ايڪسيڊنٽ ڪري وڃي ٿو پر ڪير به ان جي ويجهو نٿو وڃي، پر هڪ افسانا نگار جڏهن پرسان وڃي ٿو ته سڀ ماڻهو گڏ ٿين ٿا ۽ سندس پيٽ اچي ٿي ۽ اها روئي ٿي. پوءِ هي افسانا نگار ان کي ٽئڪسي ڪرائي ڏئي ٿو. پوءِ زندگي جيڪا رُڪجي وڃي ٿي، اها ساڳي رفتار سان هلڻ لڳي ٿي.

حميد سنڌيءَ جي هيءَ ڪهاڻي ’هاءِ حياتي هي محبت‘ زميندارِي ظلم تي لکيل آهي.

”آءٌ سوچيندي سوچيندي پري نڪري آيو هئس. منهنجي خيالن جو سلسلو ٽُٽي پيو، جڏهن منهنجي هڪ خون جي ڍڳي تي نظر پيئي. رت ته ڪنهن انسان جو ٿو ڏسجي! دماغ سوچيو نه نه ڪنهن جانور جو هوندو . . .! دل وراڻي ڏني – منهنجون متلاشي نگاهون حقيقت کي پروڙڻ لاءِ ارد گرد کي واچڻ لڳيون. سامهون هڪ انسان جو چچريل لاش نظر آيم. منهنجي دل ڏڪي ويئي. هڪ هڪ حسين نوجوان ڏسڻ ۾ ٿي آيو. اُف . . .! هاءِ حياتي . . . جوانيءَ ۾ موت . . .!!! زندگيءَ جون ٻه مختلف راهون.“ (سنڌي، 1958ع: 51-52)

هن مجموعي جي آخري ڪهاڻي ’سيمي‘ نالي سان لکيل آهي، جيڪا محبت جي ڪهاڻي آهي، پر هن ۾ اهو فڪر ڏيکاريو ويو آهي ته جنهن ڇوڪريءَ کي هن چاهيو ته اها آسانيءَ سان حاصل ٿي وڃي ته پڇتائي ٿو ته مون توسان شادي ڇو ڪئي. تون مون کي نه ملين ها، پر آخر ۾ چوي ٿو ته مذاق ٿو ڪريان.

حميد سنڌي لکي ٿو:

”شاديءَ کان اڳي اهي هٿ جن سان سڄي گهر جو ڪم ڪار ڪندي هئي، ڪلاڪن جا ڪلاڪ ڏسندو رهندو هوس. انهن ئي نازڪ نٻڙن هٿن سان پنهنجن نٻڙن پائرن کي ڪيڏائيندي هئي. صبح ۽ شام جو سڀني لاءِ چانهه تيار ڪندي هئي. دلفريب چٽر چٽيندي هئي. مان سڀ ڪجهه وساري اهي نظارا پسندو هوس ۽ هاڻي هوءَ انهن هٿن سان مون کي پيار ڪندي آهي. آءٌ سيمي کي ڏسي عجب ۾ پئجي ويس. . . هر هر چڱي طرح پئي ڏٺومانس. . . ڇا هيءَ اها ئي سيمي آهي، جنهن لاءِ اڳي مان بيقرار هوندو هئس. اچانڪ مون کي محسوس ٿيو ته آءٌ هن عورت کي ڪونه ٿو سڃاڻان، جنهن سان آءٌ پيار ڪريان ٿو سا ڪا ٻي آهي. هيءَ سيمي نه آهي.“ (سنڌي، 1958ع: 58-64)

سندس ڪهاڻيون ان دؤر جون مشهور ۽ ڪامياب ڪهاڻيون آهن. حميد سنڌيءَ جي ڪهاڻين جو ٻيو مجموعو ”اداس واديون“ ٻه دفعا ڇپيو. پهريون ايڊيشن زندگي پبليڪيشن طرفان 1965ع ۾ ڇپيو ۽ ٻيو ايڊيشن 1985ع ۾ نيو فيلڊس پبليڪيشن طرفان ڇپيو. هن مجموعي ۾

ڪُل يارهن ڪهاڻيون شامل آهن ۽ مهاڳ حميد سنڌي لکيو آهي. منهنجي پيڙا منهنجو من جي نالي هي جهان ڪي اداس وادي سڏي ٿو.

حميد سنڌي ’اداس واديون‘ جي مهاڳ ۾ لکي ٿو:

”انهن غمگين ۽ اداس وادين جو خالق هو ئي آهي. جن به ڪردارن کي جنم ڏنو آهي، اهي ڪانئس زندگيءَ جو هر سُک طلبيندا. جي ڪن سان ناانصافي ٿي آهي ته ڪانئس پيڙا جا ڪي ڏنگ طلبيندا – هو هر گهر تي هر چاهنا تي ۽ هر تمنا تي هر انهي آس ۽ اميد تي ڦٽڪي اٿندو، چاڪاڻ جو اهي ڪردار ڪيس ڪؤڙا ته ڪينهن.“ (سنڌي، 1965ع: ؟)

حميد پنهنجي ڪهاڻين جي ڪردارن کي پنهنجي ماحول ۽ سماجي حالتن ۽ نفسياتي لاڙن مطابق پيش ڪري ٿو. هن ’اداس واديون‘ مجموعي جي پهرين ڪهاڻي ’ڪارو رت‘ جي نالي سان لکي آهي. موضوع پراڻو آهي پر هن اهڙي ٽيڪنڪ سان ڪردارن کي پيش ڪيو آهي، جو ان ۾ فڪر جي گهرائي نظر اچي ٿي.

پيروءَ جي زال جنا شيروءَ کي چاهيندي هئي، پر شيروءَ کي نوڪريءَ سانگي ڳوٺ کان ٻاهر وڃڻو پوي ٿو، جنهنڪري جنا جي شادي سندس ويڳي پاءُ پيروءَ سان ٿئي ٿي. جڏهن اها خبر شيروءَ کي پوي ٿي ته ان جي اندر ۾ بدلي جي باهه پڙڪي ٿي ۽ هڪ ڏينهن پيروءَ کان بدلو وٺڻ اچي ٿو ۽ رات جو سندس تيز ڌار واري اوزار سان پيروءَ جي سِسي لاهي ڇڏي ٿو ۽ جنا به پنهنجي مڙس سان وفا ڪري ٿي ۽ شيروءَ جي سسي لاهي ان جي رت کي ڪارو رت چوي ٿي.

حميد سنڌي ڪهاڻي ’ڪارو رت‘ ۾ مڙس سان وفا تي لکي ٿو:

”پيرو در کولي ٻاهر ليئو پاتو. ڪنهن سڃاتل شخص جو پاڇو معلوم ٿيس. خوشيءَ وچان بي اختيار ٿي پڇيائين! ڪير! . . . متان ادو شيرو . . . هن جي جملي پوري ڪرڻ کان اڳ اهو شخص اندر گهڙي آيو. پيرو هاڻي ڪيس چڱي طرح سڃاتو ۽ پاڪر پائڻ لاءِ ٻنهي ٻانهن کي کوليندي ڪجهه چوڻ تي هو، ته ايتري ۾ آيل شخص جي هٿن کي تيزيءَ سان حرڪت آئي. . . هلڪي دانهن سان پيروءَ جي سسي وڃي پري پيئي ۽ ڌڙ اتي ئي نچندي نچندي ڍهي پيو.“ (سنڌي، 1965ع: 1-2)

ظاهري طرح به قتل هئا، پر جنا مڙس سان نڀاءُ ڪندي شيروءَ جي سسي لاهي ان جي رت کي ڪارو رت محسوس ڪرڻ لڳي، جنهن مان هن کي ڪا به اميد نه هئي وفا جي.

ڪهاڻي ’ڪارو رت‘ جي باري ۾ ڊاڪٽر نواب ڪاڪا پنهنجي پي.ايچ – ڊيءَ جي ٿيسز ۾ لکي ٿو ته:

> ”موضوع روايتي هوندي ڪردارن جي عمل سبب منفرد آهي.“ (ڪاڪا، 2015ع: 255)

هن مجموعي جي ٻي ڪهاڻي ’يادن جي جزيري ۾‘ جي عنوان سان لکيل آهي، جيڪا سماجي حوالي سان لکيل آهي، جيڪي معاشري جو اڄ به حصو آهن. هيءَ ڪهاڻي هندو گهراڻي تي لکيل آهي. ڪهاڻيڪار جي ڪهاڻي پيش ڪرڻ جو انداز نرالو آهي. هن ۾ دادا پرسرام جي شخصيت کي نمايان پيش ڪيو آهي. دادا پرسرام کي ٻه ڌيئرون آهن. سندس گهر واري دادا پرسرام کي ۽ ٻن نياڻين کي ڇڏي هميشه لاءِ هلي ويندي آهي، ۽ دادا پرسرام ان جو بدلو پنهنجي ٻن معصوم نياڻين کان وٺندو آهي، پر آخر ۾ ان جي ننڍي ڌيءَ ان کي ماري پنهنجي عصمت جو بدلو وٺندي آهي ۽ هميشه لاءِ گهر کان نڪري ويندي آهي.

حميد سنڌي ڪهاڻي ’يادن جي جزيري ۾‘ ۾ انسانيت کي لڄائيندڙ واقعي کي بيان ڪندي لکي ٿو:

> ”اچانڪ منهنجي نظر ڪمو تي پيئي. هوءَ بکايل شينهڻ وانگر نظر پئي آئي. سندس هٿ ۾ چمڪندڙ ڇُري هئي. سندس اکيون لال هيون. هوءَ وڌلندي دادا ڏانهن وڌي رهي هئي. مون پانيو دادا ڪجهه ڪندو، پر ڏٺم ته هو ڪنبي رهيو هو. هڪ هنڌ بيهه دادا. . . پٽتي نه هٽ. . . مان اڄ صفائي ڪرڻ گهران ٿي. هاٿي وڏيڪ پاپن جون ڳنڍڙيون ڪٽڻ جي سگهه ڪانهيم، نه وري چاهيان ٿي ته تون شيل کي به پنهنجن پاپن جو نشانو بڻائين. ڄاڻان ٿي ته تو چو اهو مون کان بدلو ورتو، صرف انهيءَ لاءِ جو منهنجي ماءُ توکي ڇڏي ٻئي ڪنهن سان ڀڄي ويئي ۽ تون عورت ذات کان بدلو وٺڻ لاءِ آتو هئين، پر تو ظالم پنهنجي سڳي ڌيءَ کان بدلو ورتو.“ (سنڌي، 1965ع: 30)

دادا پرسرام جنهن جون ڳاڙهيون اکيون، ڪڪا وار ۽ پيرون جن ۾ شرارت مرڻ کان پوءِ به نه ويئي. ’يادن جي جزيري ۾‘ جي ڪهاڻيءَ جي

باري ۾ ڊاڪٽر نواب ڪاڪا پنهنجي پي.ايڇ – ڊيءَ جي ٿيسز ۾ لکي ٿو ته:

”ڪهاڻيءَ جي ٽيڪنيڪ پراڻي قصي يا ڳالهه واري رکي ويئي آهي. ڪردارن جي پيشڪش ۽ تاثر جديد ڪهاڻيءَ وارو آهي.“ (ڪاڪا، 2015ع: 255)

هن ڪان پوءِ سندس ڪهاڻي ”هڪ خواب ۽ هڪ حقيقت“ جي عنوان هيٺ لکيل آهي. جيڪا سماجي ۽ فڪري حوالي سان سگهاري ڪهاڻي آهي. هن ۾ اندرا نالي ڇوڪريءَ جو ڪردار پيش ڪيل آهي ۽ سندس پيءُ ان لاءِ آسام جي ٽڪري تي بنگلو ٺهرائيندو آهي، پر سندس ڌيءَ ان بنگلي ۾ نه رهندي آهي ۽ پنهنجي زندگي ٻين جي خدمت ۾ صرف ڪري ڇڏيندي آهي، ۽ ڏکويل انسانن جي مدد ڪرڻ، نياڻين جي عصمت بچائڻ ۽ پنهنجي زندگي هميشه لاءِ انهن ماڻهن ڪي ارپي ڇڏي ٿي ۽ سندس پيءُ ان جي ڏک ۾ ديهانت ڪري وڃي ٿو. آخر ۾ اها به ديهانت ڪري وڃي ٿي، پر هڪ خواب جي ذريعي حقيقت پيش ڪئي ويئي آهي.

حميد سنڌي ”هڪ خواب هڪ حقيقت“ ڪهاڻيءَ ۾ ڪردارن جي حقيقت ۾ واپسيءَ کي هن طرح پيش ڪري ٿو:

”مان حيران ٿي ويس. . . ساڳي تصوير، ساڳيو روپ، ساڳي ادا، هٺ ۽ غصو!! بس فرق رڳو ايترو هو جو هن جي هٿن ۾ ساڙهي، منڊي ۽ ڪنگڻ چمڪي رهيا هئا ۽ هوءَ جيئري جاڳندي منهنجي سامهون هئي. هن يڪايڪ سامان ورائي ٽيبل تي ڦٽو ڪيو ۽ سندس قدم مون ڏانهن وڌيان. منهنجي ويجهو اچي گهُور ڪري، هوءَ خار ۽ غصي وچان مون ڏانهن نهارڻ لڳي.

”اندرا . . . ديوي! ها اندرا.“ (سنڌي، 1965ع: 48)

هن ڪهاڻيءَ ۾ همدرد عورت جو ڪردار واضح نموني پيش ڪيو ويو آهي، جيڪا پنهنجي زندگي ٻين لاءِ وقف ڪري ڇڏي ٿي.

حميد سنڌيءَ جي باري ۾ قاضي خادم لکي ٿو ته:

”حميد سنڌيءَ کي سنڌي ڪهاڻيڪارن ۾ اهم حيثيت حاصل آهي. ليکڪ جي طور به ۽ ادب جي واڌاري آٽيندڙ جي طور به هن جون ڪهاڻيون نهايت گهريون ۽ معاشرتي مسائل سان ڀرپور هونديون آهن ۽ انهن ڪهاڻين کي

ڪامياب بڻائيندا آهن هن جا تخليق ڪيل ڪردار."(قاضي، 1992ع: 101)

حميد سنڌيءَ جي ڪهاڻي "واچوڙن ۾ لاٽ" به سگهاري ڪهاڻي لکيل آهي، جيڪا زميندار ۽ هارين جي ڪهاڻي آهي. رئيس وڏي جيڪي هارين، پورهيتن تي ظلم ڪيا، ۽ ان جي ڪمدار بخشل جي زوريءَ هاريءَ جي ڌيءَ سان شادي نه ٿيڻ تي ان نئين ڪنوار جي مڙس کي بيگناهه قتل ڪرائڻ ۽ رئيس وڏي جي وفات بعد رئيس ننڍي مسئلا حق ۽ انصاف سان حل ڪيا. هي پڙهيل لکيل آهي ۽ سڀني هارين پورهيتن سان گڏ ماني به کائي ٿو ۽ هن ڪهاڻيءَ ۾ زميندار جي پٽ جو مثبت ڪردار پيش ڪيو ويو آهي.

حميد سنڌيءَ جي 'واچوڙن ۾ لاٽ' ڪهاڻي زميندار ظلم تي لکيل آهي، جيڪا هيٺ ڏجي ٿي:

> "اڄ جڏهن هو گهوڙي تي تيز وڃي رهيو هو، ته سندس خيال به ان کان تيز ڊوڙي رهيا هئا. هو ماڻ ميڻ ۾ زندگيءَ جي مختلف پهلوئن تي ويچاريندو رهيو. هن انهن پهلوئن کي ايترو ته پروڙيو جو شام ٿي ويئي، ته به هو ويچارن تي ويچاريندو رهيو. انهن ويچارن جي نتيجي ڪمدار کي حيران ڪري ڇڏيو. هن بٽئيون نهايت انوکي طريقي سان ڪيون. زميندار لاپو معاف ڪمدار کي ٿويو زميندار جي حصي مان نڪري هاريءَ کي ان جو اڌ پلئه پئي ان مان ڪا به ڪاٽ نه ٿئي، صدين جو هارين تي قرض سپ معاف."
> (سنڌي، 1965ع: 48-49)

هاڻي اهو دؤر ختم ٿيو، رئيس وڏي جي ظلم ۽ ستم جو – هاڻي رئيس ننڍو پنهنجي علم ۽ عقل سان پورهيتن ۽ هارين کي حق ڏيڻ لڳو ۽ هاريءَ جي ان ڌيءَ سان پاڻ شادي به ڪيائين، جنهن جي مڙس کي رئيس، ڪمدار جي چوڻ تي مارايو هو. حميد سنڌيءَ جي ڪهاڻين جا موضوع سنڌي سماج جي پراڻين رسمن، غلط سوچن، وڏيرا شاهي ۽ ان جي ڏاڍ ۽ ڏمر جو شڪار مظلوم هاري، سماجي اڻ برابريءَ جو شڪار معاشرو خاص طور تي عورتن سان ٿيندڙ سماجي ناانصافي ۽ معاشري جي فرسوده ريتن رسمن جو شڪار سنڌي عوام ۽ انهن سان ٿيندڙ سياسي سماجي استحصال رهيو ۽ هن جي ڪهاڻين ۾ سنڌ ۽ سنڌي ٻوليءَ جو عشق ۽ فني ۽ فڪري پهلو نظر اچي ٿو. هن ڪيترين ئي ڪهاڻيون سماجي مسئلن تي لکيون آهن، جيڪي اڄ به معاشري جو

حصو آهن. هن کان علاوه حميد سنڌي ’اداس واديون‘ جي عنوان سان ڪهاڻي لکي آهي. هيءَ ڪهاڻي سماجي حوالي سان سگهاري ڪهاڻي آهي. هيءَ به زميندار ۽ غريب ماڻهوءَ جي ڪهاڻي آهي. هن ۾ ڏيکاريو ويو آهي ته هڪ غريب پنهنجي زال جو سودو ڪري ٿو ۽ سچ لهڻ کان پوءِ هڪ يا ٻن ماڻهن کي گهر وٺي اچي ٿو ۽ زال کي تيار ڪري اندر موڪلي ٿو، پر وقت گذرڻ سان سندس ڌيءَ کي به ان ڪم سان لڳائي ٿو ۽ زميندار وڏي عمر ۾ هن جي ڌيءَ کي سريت ڪري ويهاري ٿو ۽ پوءِ شادي ڪري ٿو. آخر ۾ هن ڇوڪريءَ کي احساس ٿئي ٿو ته هن وڏي عمر واري زميندار سان ڇو شادي ڪئي.

حميد سنڌيءَ جي ڪهاڻي ’اداس واديون‘ زميندار ظلم تي لکيل آهي، جنهن ۾ لکي ٿو:

> ”حمي تنهنجي ڌيءَ منهنجي دل اهڙي تي موهي ڇڏي آهي جو مون کي موٽائڻ جو ارادو لاهي ڇڏيو آهي. هاڻ اچي هي وٺ، مان سمجهان ٿو ته اهو ڪافي آهي. ماڻس جو منهن انهي خال مثل هو، جنهن ۾ هوا سان گڏ اڏرندڙ دز به نظر نٿي آئي. پڻس فيصلو قبول ڪيو ۽ هوءَ رئيس جي وينل سريت بڻجي ويئي. نيٺ هڪ ڏينهن اهو به آيو جو هن مري ويل رئيساڻيءَ جي اچي جاءِ ورتي. هن کي سڀ اختيار هئا.“ (سنڌي، 1965ع: 90)

هيءَ ڪهاڻي زميندار نظام تي لکيل آهي ۽ زميندار جي ڪردار کي عيان ڪيو ويو آهي. هن ڪهاڻيءَ کان پوءِ سندس ٻي ڪهاڻي ’سمنڊ ۽ مان‘ به سٺي ۽ سگهاري ڪهاڻي لکيل آهي. هيءَ ڪهاڻي ٻن محبت ڪندڙن جي جذبي تي لکيل آهي. زوبي ۽ جميل هڪ ٻئي کي چاهن ٿا، پر انهن جي محبت اڌوري رهجي وڃي ٿي. زوبي جميل سان شادي نٿي ڪري ۽ جميل وري سلما سان شادي ڪري ٿو. شاديءَ کان پوءِ زوبي کي احساس ٿيو ته هوءَ جميل جي محبت کي سمجهي نه سگهي ۽ سمنڊ تي وڃي ٿي، اتي زندگيءَ جو انت آڻي ٿي. ڪهاڻيءَ ۾ زوبيءَ جو ڪردار عام سطحي ڪردار پيش ڪيو ويو آهي.

حميد سنڌيءَ جي ڪهاڻي ’سمنڊ ۽ مان‘ ٻن چاهيندڙن تي لکيل آهي، ان ۾ لکي ٿو:

> ”سمنڊ ۽ مان ٻئي اڪيلا هن جون ڇوليون گجيءَ سان، منهنجي من جون ڇوليون ڳڻتي ويچار سان پريل، منهنجي لاءِ اها ئي زندگي هئي، اها جيون جوت هئي جو سمنڊ ۽

مان ٻئي اڪيلا هئاسون، پر هڪ ٻئي جا ساٿي نه – زوبي ائين نه آهي. سمنڊ جو سينو ته هڪ گهر آهي، جنهن ۾ سچ محبت جا نغما ٻڌي ٿو، سچي ڏينهن جي ٽڪ لاهڻ خاطر هو سمنڊ جي گود ۾ پناهه وٺي ٿو.“ (سنڌي، 1965ع: 105-99)

هيءَ ٻن چاهيندڙن جي ڪهاڻي آهي، پر زوبي جميل جي پيار کي سمجهي نٿي سگهي ۽ سمنڊ جي آغوش ۾ پناهه وٺي ٿي.

حميد سنڌي جيڪي به ڪهاڻيون لکيون آهن، انهن ۾ سماجي حوالي سان ڪنهن اهم موضوع کي کڻي ٿو ۽ ڪهاڻين ۾ حالتن جي عڪاسي به بهترين نموني ڪئي اٿس. هن جون ڪهاڻيون سماج مان ئي کنيل آهن ۽ سماجي ۽ فڪري حوالي سان جاندار آهن.

حميد سنڌيءَ جي ڪهاڻي ”منهنجي دنيا مرگهه ترشنا“ ۾ ٻن پيئرن جي ڪردارن کي عيان ڪيو ويو آهي، جيڪي هڪ ڇوڪري کي چاهين ٿيون، پر ڇوڪرو سندس پيڻ سان شادي ڪري ٿو ۽ فري کي نٿو چاهي، جنهن ڪري فري اڪيلي رهجي وڃي ٿي.

حميد سنڌي ڪهاڻي ’منهنجي دنيا مرگهه ترشنا‘ ۾ به ٻن چاهيندڙن جي ڪيفيت بيان ڪندي لکي ٿو:

”مان اڄ اداس آهيان. من ماندو، اندر ۾ لوچ پوچ، نه هن پاسي قرار، نه هن پاسي چين. مون هن سان پيار ڪيو، جو هو مون کي وڻندو هو. مان هن کي ايترو ته چاهيندي هيس، جو شايد ڪير ڪيس ايترو چاهي. هو اڄ ڪجهه سوچيندي وڃي رهي هئي. مون ظفر ڏي نهاريو. سندس اکيون بند هيون. اکين ۾ موتي ۽ چپ ڦڙڪي رهيا هئس. ڇهري تي بي چيني ڪنهن جو انتظار . . . مان بي اختيار اٿيس. مون کي لڳو هو مون کي پڪاري رهيو آهي.“ (سنڌي، 1965ع: 110-114)

هن جي گهر وارن جو به اچڻ وڃڻ ٿيندو هو، پر هن ڪهاڻيءَ جي بنيادي ڳالهه اها آهي ته فري ظفر کي چاهي ٿي، پر ظفر سندس پيڻ زوبي کي چاهي ٿو ۽ ٻنهي جي منزل هڪ ئي آهي ۽ ٻئي ملي وڃن ٿا، پر فري اڪيلي رهجي وڃي ٿي.

حميد سنڌيءَ جي ڪهاڻي ’ان داتا‘ لکيل آهي. هيءَ ڪهاڻي فڪري ۽ سماجي حوالي سان سگهاري ڪهاڻي آهي. هيءَ ڪهاڻي

جابلو علائقي جي ڪهاڻي آهي، جيڪي ٻوڏ ۽ بيماريءَ سبب بک مري رهيا آهن، پر جڏهن ماڻهن کي خبر پوي ٿي ته امداد ڏيڻ سرڪاري عملدار آيا آهن ته انهن ۾ اميد جاڳي ٿي ۽ آفيسر جيڪو پئسا ڏئي ٿو، اهو پاڻ کي ان داتا سمجهي ٿو. پر جڏهن عوام جو ڏک ڏسي ٿو ته ان آفيسر جو غرور مٽيءَ ۾ ملي وڃي ٿو.

حميد سنڌيءَ ڪهاڻي ’ان داتا‘ ۾ غربت جا عڪس هن طرح پيش ڪيا آهن:

”اڙي سائين، اڙي حاڪم، ابو ٿي، ٻچا مري ويا، پنج رپيا. . . ڏهه ماڙهو کائڻ وارا، ابو ٿي، الائجي ڇو ڪجهه وقت کان پوءِ محسوس ڪرڻ لڳس منهنجي پيشاني گهنججي ويئي هئي. مان ڪرسيءَ کي تخت سمجهڻ لڳس. گهرڻ وارا گهٽا، ڏيڻ وارو هڪ، مون کي ائين لڳو ته مان هنن جو ان داتا آهيان.“ (سنڌي، 1965ع: 117)

جڏهن به جابلو علائقن ۾ قحط سالي اچي ٿي ته سرڪار پنهنجي عملي وارن کي پئسا ڏئي ٿي ۽ چوي ٿي ته غريب، بيماري ۽ مري ويلن جي امداد ڪريو. هيءَ به سگهاري ڪهاڻي لکي اٿس. جابلو علائقي وارن جي هن ڪهاڻي ’ان داتا‘ جي باري ۾ ڊاڪٽر نواب ڪاڪا پنهنجي ٿيسز ۾ لکي ٿو ته:

”ان داتا ڪهاڻيءَ جا ڪردار ۽ حالتون اڄ به ساڳي حالت ۾ موجود آهن. جابلو علائقي ۾ آيل ڏڪار سبب آفيسر متاثرن ۾ نوٽ ورهائيندي پاڻ کي ان داتا سمجهي ٿو، پر ڪيس محسوس ٿئي ٿو ته هو ان داتا ناهي. ڪهاڻيءَ ۾ بکن ۽ بيمارين ۽ عام انسانن جي دردناڪ حالتن کي چٽيو ويو آهي.“ (ڪاڪا، 2015ع: 256)

هن کان پوءِ ’خوشبو جا گهاوَ‘ ڪهاڻي لکي اٿس. هيءَ ڪهاڻي به ٻن چاهيندڙن جي ڪهاڻي آهي، جن جا معصوم پوتر احساس آهن. ڪين هڪ ٻئي جي خوشبو ۽ گهاون جو احساس آهي.

حميد سنڌيءَ جي ڪهاڻي ’خوشبو جا گهاوَ‘ پيار محبت تي لکيل آهي، جنهن ۾ لکي ٿو:

”اچانڪ مون کي محسوس ٿيڻ لڳو ته مان، مان نه آهيان. مان پنهنجي هٿي وڃائي چڪو آهيان. چوڌاري وڏا وڏا سرنهن جا وڻ، جهڳٽن ۾ پکڙيل هئا. ڪٿي ڪٿي نم جا وڻ

جهڪيا بيٺا هئا. سرنهن جي گلن ۽ نم جي ٻور جي خوشبو اهڙي ته ذهن ۾ رچجي ويئي هئي جو نشي ۾ مدهوشيءَ جو گُمان ٿي ٿيو. واقعي مون کي سندس پر ۾ ويهڻ جي همت نه ٿيندي هئي. مان سندس پر ۾ ويهندو هوس ته ائين محسوس ٿيندو هو ته هيءَ خوشبو ۽ هڳاءُ جي دنيا آهن.” (سنڌي، 1965ع: 121-125)

آخر ۾ ٻئي اڳتي وڃن ٿا ته ائين محسوس ٿئي ٿو ته هو منزل ڏي وڌي رهيا آهن.

هن جي باري ۾ قمر شهباز لکي ٿو ته:

”حميد جا افسانا انهن ڏينهن جي پيداوار آهن، جڏهن ته مزاحمتي ادب جي تواريخ لکي پئي ويئي. سندس ڪهاڻين ۾ ڌرتيءَ جي خوشبو ۽ سنڌوءَ جو چوهه هو.” (مرزا، 2016ع: 285)

هن ڪان پوءِ حميد سنڌي ’ٽڪي ۾ ٻاٽي‘ ڪهاڻي لکي آهي. هيءَ ڪهاڻي ٻن يتيم ٻارن جي ڪهاڻي آهي. سخت گرميءَ ۾ مولو ڪوهرن جي ٻاٽي ڪنيو در در هوڪا ڏيندو ٿي هليو. شمن به يتيم ۽ غريب هو. مولو جي هوڪي تي ٻاهر نڪري آيو. ڪانئس ٽڪي ۾ ٻاٽي وٺي ڪوهر وڪڻ چاهي ٿو، پر مولو ٻاٽي نٿو ڏئيس.

حميد سنڌيءَ ڪهاڻي ’ٽڪي ۾ ٻاٽي‘ ۾ غربت جا عڪس هن طرح پيش ڪيا آهن:

”ڪوسا ڪوهر. . . ڪوسا ڪوهر . . . هوڪو ٻڌائين ته وٺي ٻاهر پرهه پاتائين. ماٽس مٿان رڙ ڪيس: اڙي شمن ڪا سولي ٿئي. . . مهل تي ڏس اڙي ڏينهن تتي جو ٻاهر نه وڃ. . . او شمن. . . سندس رڙ اڌ ۾ رهجي ويئي. ٻاهر ڏيڍي ۾ ڌٻڙڪ جو آواز ٿيو ۽ ماٽس ڏيڍي ڏانهن ڊُڪي، شمن صفا وڇائجي ويو هو. سندس نڪ ۽ وات مان رت پي آيو. ماٽس رئندي رئندي ڪيس مٿي ڪيو ته ٻاهرين گهٽيءَ وارو در کُليو ۽ مولو ڪوهرن واري جهاتي پاتي. امان شمن کي ڇا ٿيو. . . امان شمن. . . ڏسين ته ڇا ٿيو اٿس. . . تو منهنجي پٽ جا هئڙا حال ڪيا آهن.” (سنڌي، 1965ع: 128)

هن ڪهاڻيءَ ۾ غريب ۽ يتيم جي ڪهاڻي آهي. هڪ کي چاچو پالي ٿو، پر طعنا ۽ مهڻا ڏئي ٿو ۽ پيو مولو پنهنجي گذر سفر لاءِ ڪوهر وڪڻي ٿو. ان کي به شمن جو چاچو ماري ٿو ۽ گاريون ٿو ڏئي ۽ ڪوهرن (چولن) جي مٿان ڪيرائي ڇڏي ٿو.

حميد سنڌيءَ جون ڪهاڻيون مشهور ڪهاڻيون آهن. هن ڪهاڻيءَ کان پوءِ ’اداس واديون‘ مجموعي جي آخري ڪهاڻي ’رانديڪو‘ آهي. سندس هيءَ ڪهاڻي فڪري حوالي سان جاندار آهي ۽ ڪردار نگاريءَ جي حوالي سان بهترين ڪهاڻي لکي اٿس. هن جيڪي به ڪهاڻيون لکيون آهن، ته اهي سڀ گهڻيون مشهور ٿيون ۽ اڄ به مشهور آهن. هن ڪهاڻيءَ ۾ هوٽل وارن ٻن دوستن جو ڪردار پيش ڪيل آهي، جيڪي ٻئي پائرن وانگر هئا. حسين وڏو هو، ان شادي نه ڪئي پر نصير ننڍو هو، ان شادي ڪئي. پر جڏهن نصير جو وڏو پٽ شادي ڪري ٿو ته حسين کي تمام گهڻو ڏک ٿئي ٿو ۽ هو رانديڪي وانگر ٽُٽي پوي ٿو ۽ آخر ۾ مري وڃي ٿو، پر سندس ڪهاڻيءَ ۾ ڪردار جاندار آهي، ڇو ته هي ڳالهائڻ ۾ هوشيار ۽ پنهنجا قصا ٻڌائڻ جو ماهر هو ۽ هر وقت ماڻهن کي کِلائڻ ۽ قصا ٻڌائڻ ۾ مشغول رهي ٿو، پر آخر ۾ ڏک مان چوي ٿو ته اهڙي منهنجو ڪير به ڪونهي ۽ ائين چوندي مري وڃي ٿو. ڪردارن کي هن طرح پيش ڪري ٿو:

> ”چاچو نصير اسان جي بلڊنگ جي هيٺان پڪوڙا تريندو ۽ چاچو حسين پڪوڙا ڏيڻ تي هوندو هو. سندن پڪوڙا اهڙا ته مشهور هوندا هئا، جو پري پري کان ماڻهو اچي سندس پڪوڙا کائيندا هئا. چاچو حسين ڳالهين جو ڳهير هوندو هو. بس شل ڪير ڇيڙيس، پوءِ جي مزي ۾ هوندو ته پلو ڙي پلو پئي پوند، نه ته گار جي ڳَئي پئي پوندس. چاچو نصير به پيو کِلندو هو. چاچو نصير ۽ حسين ڏسڻ ۾ ۽ رهڻ ڪرڻ ۾ به پائر هئا. هي ننڍي هوندي جا دوست اڄ ستر ورهين ۾ پائر هئا. انساني ازلي ۽ ابدي فطرت جو زندهه ثبوت هئا. چاچي نصير شادي ڪئي. چاچي حسين سڄي زندگي ائين زندهه دليءَ جي نذر ڪري ڇڏي. هو ڪنوارو رهيو. (سنڌي، 1965ع: 135-136)

هن ڪهاڻيءَ ۾ ڪردارن جي ذريعي ڏيکاريو ويو آهي ته وقت جي گذري وڃڻ ڪري چاچي حسين کي پڇتاءُ ٿئي ٿو ۽ هو سمجهي ٿو ته سندس ڪير به ڪونهي. پر جوانيءَ جا قصا پلي نموني ٻڌائيندو هو

ته ماڻهن جا ميڙ سندس ڳالهيون غور سان ٻڌندا هئا. هيءَ حميد سنڌيءَ جي ڪرداري ڪهاڻي آهي، جيڪا گهڻي مشهور ٿي.

حميد سنڌيءَ جي ڪهاڻين جو ٽيون مجموعو ”ويريون“ آهي. هي مجموعو 1981ع ۾ لکيو آهي. هي مجموعو زندگي پبليڪيشن وارن 1981ع ۾ حيدرآباد مان شايع ڪيو. هن مجموعي ۾ چوڏهن ڪهاڻيون آهن، جيڪي مختلف رسالن جي زينت بڻيون آهن. مثال طور: سهڻي، هلچل، باک، مهراڻ، روح رهاڻ ۽ مارئي وغيره ۾ شايع ٿيون آهن.

حميد سنڌي هن مجموعي ۾ پنهنجا پيش لفظ ”اٺاوان پنڌ اٺاوان لاڙا“ جي عنوان سان لکيا آهن. تعارف ماهتاب محبوب لکيو آهي. حميد پنهنجي ڪهاڻين جي ڪردارن سان لاڳاپي ۽ سندن درد کي پنهنجو درد سمجهي ٿو ۽ لکي ٿو ته:

> ”منهنجي حياتيءَ جا ويهه سال حياتي به اها جنهن ۾ انهن ڪهاڻين جي ڪردارن سان گڏ گهاريو اٿم. سندن ڏک مون کي ماريو آهي، سندن خوشين مون کي جياريو آهي. سندن حياتي منهنجي حياتيءَ کان ڪنهن به طرح مختلف نه آهي، ڇاڪاڻ ته منهنجي هر ڪهاڻي سنڌ جي ڪهاڻي آهي ۽ ان جو هر ڪردار سنڌي جي معاشري سان واسطو رکندڙ آهي ۽ مان به انهن وانگر معاشري جو اهڙو فرد آهيان، جيڪو ڪڏهن پريءَ ۾ ته ڪڏهن پاڪر ۾.“ (سنڌي، 1981ع: 7)

حميد سنڌيءَ جو هي مجموعو ان دؤر ۾ گهڻو مشهور ٿيو ۽ هن جون ڪهاڻيون اڄ به مشهور آهن. ڪردارن کان ڪو به ڪهاڻيڪار الڳ ٿي ناهي سگهيو. حميد سنڌي به ان حقيقت جو اعتراف ڪري ٿو. پنهنجي ڪردارن جي ڪنهن نه ڪنهن جذبي، احساس، عمل، رد عمل ذريعي ڪهاڻيڪار پنهنجي اندر جي احساس کي ظاهر ڪري ڇڏيندو آهي.

ماهتاب محبوب مهاڳ ۾ حميد سنڌيءَ لاءِ لکي ٿي ته:

> ”هڪ هوشمند حساس انسان وانگر حميد وٽ سوچ جي گهرائي آهي. سطحي سوچن ۽ سستن جذبن جو هن جي سڃاڻ ذهن ۾ گذر ناهي. جذبن جي سچائيءَ سان لکندو آهي. ڪنهن کي آئيڊيل بنائي فنڪار جو فنڪار سان ذهن ٽڪرائي لکڻ جي محتاجيءَ کان بنهه آجو آهي. هن جو

> چوڻ آهي ته ڪهاڻي سنئين سڌي سمجهه ۾ ايندڙ ٻوليءَ ۾ لکڻ گهرجي. پنهنجا خيال فلسفياڻي انداز ۾ زوري ٺنبڻ بدران ڪردارن جي زباني ادا ڪرائجن.” (سنڌي، 1981ع: مهاڳ)

حميد سنڌيءَ جو انداز جديد ڪهاڻيءَ جي اصول مطابق آهي. زندگيءَ جي ڪنهن حقيقي پهلوءَ کي نهايت پُراثر انداز ۾ پيش ڪري ٿو. هن مجموعي جي پهرين ڪهاڻي ’ويريون‘ آهي. هيءَ ڪهاڻي زميندار جي ڪهاڻي آهي، جنهن جو تمام وڏو ڪاروبار هو، پر جڏهن ان جي وفات ٿئي ٿي ته ان جو سڄو ڪاروبار ختم ٿي وڃي ٿو ۽ سندس حويليءَ ۾ رهندڙ خاندان جيڪو ڪالهه گڏ هيو، اڄ انهن جي دلين ۾ ويڇا اچي ويا. حويلي ٽڪرا ٽڪرا ٿي ويئي ۽ اهي ماڻهو به هميشه لاءِ ختم ٿي ويا.

حميد سنڌيءَ جي ’ويريون‘ ڪهاڻي زميندارن جي زوال ۽ پاڻ ۾ نااتفاقي تي لکيل آهي. لکي ٿو:

> ”هي ويريون اسان جون دشمن آهن. ابراهيم ٻيا مائٽ پرسان اچي ويٺا هئس. هو يڪدم وڏي محمد ابراهيم وٽ آيو. رئيس محمد ابراهيم اچي هيءَ تيشي وٺ، اهي سڀ ويريون ٽوڙي ڇڏ. گهٽ ۾ گهٽ پاڻ واري ويري ته ڊاهه. اڙي سڀ گهُٽجي مري ويندو، ٻوساٽجي مري ويندو. اڙي ويريون ڊاهيو ته دليون صاف ٿين. دليون ڏوپنؤ. اڙي ڇو ٿا هڪ ٻئي کي گهُٽي ٻُوساٽي ماريو.” (سنڌي،1981ع: 23)

هر ڪهاڻي پنهنجي دؤر جي تاريخ آهي. سندس هن ڪهاڻيءَ ۾ خانداني تڪرار کي نمايان انداز ۾ پيش ڪيو ويو آهي. هن ۾ اهو ڏيکاريو ويو آهي ته وڏا مري وڃن ٿا ته ننڍا ڪيئن پاڻ ۾ وڙهن ٿا ۽ انت ۾ مري وڃن ٿا.

هر ڪهاڻي پنهنجي دؤر جي تاريخ آهي. سندس هن ڪهاڻيءَ ۾ خانداني تڪرار کي نمايان انداز ۾ پيش ڪيل آهي. هن ۾ اهو ڏيکاريو ويو آهي ته سندن وڏا مري وڃن ٿا ته ننڍا ڪيئن پاڻ ۾ وڙهن ٿا ۽ انت ۾ مري وڃن ٿا.

حميد سنڌيءَ جي مجموعي جي ’ڏو پار‘ ڪهاڻيءَ بابت ڊاڪٽر نواب ڪاڪا پنهنجي پي.ايڇ – ڊيءَ جي ٿيسز ۾ لکي ٿو ته:

”ڏو پار ڪهاڻيءَ ۾ يتيم پائٽي ۽ پائٽين تي چاچي جا ظلم ۽ باشا اتي ڏڪر جو ماهر، عمر ۾ قد ۾ ننڍو، پڪو نشاني باز، شمعدان جو شيشو هڪ ڏڪ سان ٽوڙي ويندو هو. جنهن ڪري ڪيس ڏوپار چيو ويندو هو. چاچي جي سخت مارڪٽ ڪرڻ ڪان پوءِ سندس اندر ۾ بغاوت جي اهڙي باهه ڀڙڪي جو هڪ ڏينهن نشانو وٺي جو اِٽيءَ ڪي ڏڪ هنيائين ته سڌو وڃي چاچس جي دون ۾ لڳي. بولاٽي ڪائي ڪِريو. رت ٽيندِيون ڪري وهڻ لڳو. ڪهاڻيءَ ۾ ظلم، ڏاڍ ۽ بي حسيءَ جي انتها ڪان پوءِ بغاوت ڪي ڏيکاريو ويو آهي. هيءَ سماج جي حقيقت رهي آهي جو پيءُ جي وفات ڪان پوءِ اولاد زماني جي ٺوڪرن ۾ اچي وڃي ٿو.“ (ڪاڪا، 2015ع: 258)

هيءَ ڪهاڻي سماجي حقيقت تي مبني آهي. اڄ به اهڙا واقعا ٿين ٿا سماج ۾.

حميد سنڌي ’ڏوپار‘ ڪهاڻيءَ ۾ لکي ٿو:

”هاڻيءَ ٻڏاءِ اڙي اهو روز روز نه توهان گهٽيءَ ۾ اِٽي ڏڪر ٽا ڪيڏو ۽ شمعدار جا شيشا شرطن تي پچو. اڄ نوٽيفائيڊ ايريا وارن جو ماٿهو به آيو هو. نقصان پٺهين پريندو يا ماٺهين پريندي. سو دفعا انهيءَ ڳالهه تي پادر ٺوڪيا اٺمانءِ پر ڪتي جو پڇ ڦڏو سو ڦڏو. پيٽس ڪنڌ هيٺ ڪري مشين تي ويٺي هئي. نيٺ چاچس اچي ڏڪن بجن ۽ چماٽن سان ورتس. هٽي سيڪاٽي وڌائينس ۽ پوءِ ڪٺ تي اڇلايائينس. بڙبڙ ڪندو ڪمري ۾ هليو ويو. پيٽان آئيندي جي ٻڌو اٿم ته اٽي ڏڪر ڪيڏي اٿو ته رتوچاڻ ڪري ڇڏيندوسانءِ.“ (سنڌي، 1981ع: 25)

هن ڏنو ته چاچي جا ظلم وڌي ويا آهن ته هن نشانو وٺي سندس چاچي کي اٽي اهڙي هنئي جو دون ۾ لڳس ۽ اتي ئي سندس چاچو مري ويو.

هن ڪهاڻيءَ ڪان پوءِ سندس ٽين ڪهاڻي ’روشن اوندهه‘ جي نالي سان لکي آهي. هيءَ ڪهاڻي به سهڻي انداز ۾ لکيل آهي. هن ۾ زميندار جو قصو آهي، جيڪو عورتون ڪٽائڻ ۾ ماهر هوندو آهي. ان جي شخصيت کي واضح بيان ڪيو اٿس.

حميد سنڌيءَ جي ڪهاڻي روشن اونداهه جي باري ۾ ڊاڪٽر نواب ڪاڪا پنهنجي پي.ايچ – ڊيءَ جي ٿيسز ۾ لکي ٿو ته:

”حميد سنڌي هن روشن اوندهه ڪهاڻيءَ ۾ ڪردارن جي عمل ذريعي ڪرڻي ڀرڻي واري چوڻي سچ ثابت ڪئي آهي. علي خان جنهن جي ٽر ۾ هاڪ هئي، ڀانهون ڪٽائڻ ۽ ورائڻ، ورايل ڀانهون پاڻ وٽ رهائڻ، شراب ڪباب سندس شوق ها. ٻه جوان ڏيئرون گهر ۾ ويٺي وهي چڙهي رهيون ۽ پاڻ ڏيئرن ڪان ٻه ننڍي زال پرڻجي آيو هو. نيٺ هڪ ڏينهن اهڙو آيو جو سندس ڌيءَ ريشان سندس ئي نوڪر جاڙي خان سان گهران نڪري ڀڳي، جن کي جهنگ ۾ ئي گولين جو ٻک بڻايو ويو. ڳالهه ۽ واقعو جاگيرداري نظام ۾ عورت سان ناانصافيءَ تي ٻڌل آهي.“ (ڪاڪا، 2015ع: 259)

حميد سنڌيءَ جي هيءَ ڪهاڻي جاگيرداري نظام ۾ ٿيندڙ عورت تي ظلم ۽ جڏهن پنهنجي حق لاءِ اٿي ٿي ته ان کي قتل جي سزا ڏيئي هميشه خاموش ڪيو وڃي ٿو. هيءَ حقيقت آهي سماج ۾ ائين ناانصافي ٿيندي رهي آهي. ڪردار جي زندگيءَ جي اوندهه روشن آهي.

حميد سنڌيءَ جي ڪهاڻي ’روشن اوندهه‘ جاگيرداري نظام تي لکيل آهي، جنهن ۾ لکي ٿو:

”وڏيرو عليم خان جيتوڻيڪ ٽر جو ڪو تمام وڏو زميندار ڪونه هو، پر سندس هاڪ ۽ رعب ملڪان ملڪ ٻڌبو هو. ڀانهن ڪٽڻ ۽ موٽائڻ ۾ هن جو مٽ نه هو. ڀانهن ويئي ناهي ۽ پاڳيا اچي عليم خان جو در وٺندا. بس پوءِ هو منٿ ڪري وٺندو هو. ڀانهن ڪٽائڻي هجي ته عليم خان کي اشارو ڏيو، پوءِ ويٺا رنگ ڏسو. عليم خان پاڻ ٻه شوقين هو.“ (سنڌي، 1981ع: 32)

هي جاگيرداري نظام جي ڪهاڻي آهي ۽ زميندار جي ڪڌن ڪرتوتن جي ڪري سندس نياڻي نوڪر جاڙي خان سان گهر مان نڪري وڃي ٿي. سندس پيءُ ان کي هميشه لاءِ موت جي آغوش ۾ سمهاري ڇڏي ٿو.

هن ڪان پوءِ سندس ڪهاڻي ’جهيڙي‘ جي نالي سان لکيل آهي. هيءَ ڪهاڻي هڪ عورت جي پيار ۽ پوءِ ان عورت جي بيوفائيءَ تي لکيل آهي. جهيڙي هڪ پيلڻ عورت آهي، جنهن سان هي ڳالهيون ڪري ٿو، پر پوءِ هن کي خبر پوي ٿي ته هي جوڙو پيشيور هو.

ڊاڪٽر نواب ڪاڪا پنهنجي پي.ايڇ – ڊي ٿيسز ۾ جهيڙي ڪهاڻيءَ جي باري ۾ لکي ٿو ته:

> ”جهيڙي ڪهاڻيءَ ۾ هڪ طرف عورت جي پيار ۾ بيوسي جيئن ريحانه اسڪول ۾ ڪنهن ٻئي کي چاهيندي هئي، هاڻي ڪنهن ٻئي کي چاهڻ لڳي. رستي ويندي رات جي اونداهي ۾ گاڏيءَ مان پيٽرول ختم ٿيڻ سبب اونداهي ۾ هن کي پيلن جو جوڙو مليو. مرد پيٽرول وٺڻ ويو. سندس زال جهيڙي هن سان روح رچنديون ڪرڻ لڳي. هي ٻه ڪيس چاهڻ لڳو. پر بعد ۾ پتو پيو ته هي پيشيور هئا. سندن اهوئي گذر هو. ڪيس پنهنجي ريحانه ياد اچي لڳي. ڪهاڻيءَ ۾ عورت جا روپ، انداز ۽ پيار ۽ عورت تي پروسو ڪرڻ ۽ سندس ويساهه گهاتيءَ کي پيش ڪيو ويو آهي.“ (ڪاڪا، 2015ع: 259)

ڪهاڻيءَ ۾ ريحانه هن کي ڇڏي ڪنهن ٻئي سان هلي وڃي ٿي، پر پوءِ آخر ۾ موٽي اچي ٿي ۽ هي سندس گود ۾ ڪِري پوي ٿو ۽ پوءِ هميشه لاءِ هڪ ٿي وڃن ٿا. ڪهاڻيءَ جي ڪردارن کي هن طرح پيش ڪيو اٿس:

> ”ڊڪي ڪولي پيٽرول جو ڊبو ڪڍيو ۽ ڪار جي اندرين روشنيءَ تي پرس مان ڏهين جا نوٽ ڪڍيم. هو ڏاڍي تيز نظرن سان ڀتو ۾ پيل نوٽن جي ٿهي کي ڏسي رهيو هو. سندس اکين ۾ هلڪي چمڪ ڏسي منهنجي جسم ۾ ٿڌي لهر گهمي ويئي، پر پوءِ پنيان بيٺل زالس ڏي نهاريم. ڪجهه ڏي آيم، پاڻ کي اڪيلو نه سمجهڻ لڳس. توهين ڪير آهيو. سائين اسين پيل آهيون، پورهيو ڪيون ٿا. دادو ڪان آياسين ٿي، ٽڪيٽ نه هو. بابو هن ٽيشڻ تي لاهي ڇڏيو، هاڻ اڳيان ڪنهن وستي وڃون ٿا.“ (سنڌي،1981ع: 45)

هن ڪان پوءِ سندس ڪهاڻي ’ست پٽيتي‘ لکيل آهي. هيءَ ڪهاڻي ستن پٽن جي ڪهاڻي آهي. سندن ماءُ کي فخر ٿيندو آهي ته

ان وٺ پٽ آهن ۽ سندس ڏير وٽ هڪ نياڻي آهي، پر ڪو به پٽ نه آهي. پر آخر ۾ ماءُ سان اها جُٺ ڪيائون جو اها به ڪين بددعائون ڏيڻ لڳي ۽ سندن پيءُ انهن جي اها حالت ڏسي نشي ۾ پناهه ورتي، پر آخر ۾ سندس ڏير جي ڌيءَ سندس خدمت ڪري ٿي. هن ڪهاڻيءَ ۾ ڏيکاريو ويو آهي ته اجائي خوشامد، نياڻيءَ جي اولاد کان نفرت، براين ۾ پٽن کي ڇڙواڳ ڇڏڻ ڪري اهي ٻار برائي ڪن ٿا، پر انجام خراب ٿئي ٿو انهن جو.

حميد سنڌيءَ ڪهاڻي ’ست پٽيتي‘ ۾ لکي ٿو:

”پاڳل ست پٽ ڄڻي ائين ٿي سمجهيو ته سندس جهڙو ڀاڳوند ۽ ڀليرو ڌرتيءَ تي ڪو ڪونهي. سندس گهر ۾ ٻه ڏيرياڻيون هيس. هڪ کي قدرت اولاد ڪونه ڏنو ۽ ٻيءَ کي نياڻي هئي. پاڳل جي لاءِ ته ست پٽ ڀلي پلان جو ڇيهه ٿي ويو هو. سندس پير پٽ تي ڪونه هو. جيتوڻيڪ ڇورن اوڙي پاڙي توڙي گهر ۾ رڻ ٻاري ڏنو هو. نيٺ اوڙي پاڙي وارن ٻڌي ڪري سڄي ٽولي کي هڪ هڪ ڪري ڏاڍي مار ڪڍي. پاڳل جي لاءِ ته ويل هو. هو اصل رجهي پي.“ (سنڌي، 1981ع: 52-53)

پر آخر ۾ سندس پٽ ان کي مارين ٿا ۽ سندس وڏو پٽ علي سندس ڏير جي ڌيءَ تي بُري نظر وجهي ٿو، جنهن ڪري اها ان پٽ کي ماري ڇڏي ٿي ۽ ان کي پڇتاءُ ٿئي ٿو ته هن کي ايڏا پٽ نه هجن ها، ڌيءَ هجي ها. هيءَ به سماجي ڪهاڻي آهي ته پٽن جي ڄمڻ تي مائٽ خوش ٿين ٿا، پر سندن تربيت صحيح نه ڪرڻ ڪري هو آوارا ۽ بي ادب ٿي وڃن ٿا.

هن ڪهاڻيءَ کان پوءِ سندس ’جنت‘ ڪهاڻي لکيل آهي. هيءَ ڪهاڻي به عورت جي ڪهاڻي آهي، جنهن جي شادي مائٽ خاندان کان سواءِ ڏارين ۾ نٿا ڪن، ڇو ته سندس پيءُ زميندار هوندو آهي. ڏارين ۾ سڱ نه ڪندو آهي، پر پوءِ سندس ڌيءَ کي آسيب جو چڪر ٿيندو آهي ۽ پوءِ مجبورن هي هن عورت جي شادي ڪرائين ٿا، پر پوءِ آخر ۾ هوءَ مري وڃي ٿي ۽ ٻه پٽ به شهنشاهه (جن) وٺي وڃي ٿو.

ڊاڪٽر نواب ڪاڪا پنهنجي پي.ايڇ – ڊيءَ جي ٿيسز ۾ ’جنت‘ ڪهاڻيءَ جي باري ۾ لکي ٿو ته:

”جنت ڪهاڻيءَ ۾ جنت جي ڪردار ذريعي عورت کي گهر ۾ خانداني برتري جي ڪري ويهاري ڇڏڻ ۽ سندس ڪردار ۾ پيدا ٿيندڙ خرابين کي پيش ڪيو ويو آهي. هڪ اهڙي باهه ٿي پڙڪي جيڪا وجودن کي ساڙي ڇڏيندي آهي.“ (ڪاڪا، 2015ع: 259)

هن ڪهاڻيءَ ۾ عورت کي گهٽي عمر ويهارڻ ڪري ان جي ذهني ڪيفيت خراب ٿئي ٿي ۽ هوءَ نفسياتي مريض ٿئي ٿي.

حميد سنڌي ڪهاڻي ’جنت‘ ۾ عورت سان ٿيندڙ ڏاڍ ۽ ان جي نتيجي کي بيان ڪندي لکي ٿو:

”چاچو دين محمد جهل ئي نه ڏئي، اچي ڏنائين جنت کي مار. نظير پنهنجي ماءُ پيءُ کي سگ لاءِ موڪليو، انهن کي به بيعزتو ڪري ڪڍيائين. چي اسين خانداني ماڻهو ڇوڪري اسان جي پنهنجي خاندان ۾ ويندي. ائين وقت گذرندو رهيو. هڪ ڏينهن خبر پئي ته جنت کي جن آيو آهي. هن زور سان هٿ پڪڙي ڇيو نه منو ڏس اتي ڪجهه آهي. ها چئه ته اتي ڪجهه آهي. مون آهستي سان ڇيو جنت اتي باهه آهي، ساڙيندڙ باهه – مون زور سان هٿ ڇڏايو. منهنجو هٿ سڙي چڪو هو.“ (سنڌي، 1981ع: 61-64)

هن ڪهاڻيءَ کان پوءِ سندس ڪهاڻي ’احساس جي منزل‘ لکيل آهي، جيڪي پاڻ ۾ محبت ڪن ٿا، پر روشن ڪنهن ٻئي کي چاهي ٿي ۽ شادي ڪري ٿي، پر ان کي آخر ۾ محسوس ٿئي ٿو ته هن پريتم سان شادي ڇو نه ڪئي.

ڊاڪٽر نواب ڪاڪا پنهنجي پي.ايڇ – ڊيءَ جي ٿيسز ۾ حميد سنڌيءَ جي ڪهاڻي ’احساس جي منزل‘ بابت لکي ٿو ته:

”احساس جي منزل ٻن محبت ڪندڙن جي ڪهاڻي آهي، جيڪي پاڻ ۾ شادي نه ڪري سگهيا، پر روشن جي محبت شادي بعد به پريتم سان برقرار رهي. ڪيس گناهه جو احساس ٿئي ٿو، پر هوءَ پيار ڪري رهي هئي. ڪردارن کي ڪڏهن همسفر ساٿي وٽ اها موٽ نه ملندي آهي ته هو

پنهنجي ماضيءَ جي پيچرن تي پيار جا پاڇا ڳولي ونندو آهي.” (ڪاڪا، 2015ع: 259)

هن ڪهاڻيءَ ۾ ٻن پيار ڪرڻ وارن جي ڪهاڻي آهي، جيڪي ٻهرين سڻا دوست هئا ۽ هڪ ٻئي جي گهر ايندا هئا، پر روشن ڪنهن ٻئي سان شادي ڪري ٿي. شاديءَ کان پوءِ ان کي احساس ٿئي ٿو ته هن پريتم سان شادي ڇو نه ڪئي.

حميد سنڌيءَ جي ڪهاڻي ’احساس جي منزل‘ ٻن چاهيندڙن تي لکيل آهي، ان ۾ لکي ٿو:

“اچانڪ هڪ دعوت ۾ پريل جسم سان وڻندڙ مهانڊو ڏٺم ۽ سچاڻڻ ۾ گهڻي دير ڪانه ٿيم. پرسان وڃي آهستي چيم ڇري ڇوڪري . . . اڙي گل صاحب ڏيو خبر ڪيئن آهيو. سندس لهجو جيتوڻيڪ تڪلف وارو پر هوءَ مون ڏانهن عجب نظرن سان گهوري رهي هئي. جيتوڻيڪ هينئر هوءَ البيلي روشن ڪانه هئي، ڇو جو هوءَ ٻن ٻارن جي ماءُ، گهر هلاڻ واري سيبتي زال هئي، پر تنهن هوندي به هن ۾ ايتري ڪشش ۽ جاذبيت هئي جو هوءَ بنهه مون تي ڇانئجي ويئي. پوءِ ته مون روشن سان ملڻ کان ڪين گهٽايو. روشن ڇا پيئي سوچين. هن دفعي هن يڪدم جواب ڏنو مون کي هاڻ ڪجهه محسوس ٿئي ٿو گناهه جو احساس – ها گناهه جو احساس. هن ڪڪوريل شام کي ئي ڏس، گهرو وڃي ۽ انهيءَ تي سوچ. توکي محسوس ٿيندو اسان گناهه ڪيو آهي. . . تو ڪڏهن محسوس ڪيو آهي ته مان انهيءَ شام مثل آهيان.” (سنڌي، 1981ع: 67-70)

هن کان پوءِ حميد سنڌيءَ جي ڪهاڻي ’پري پيو پنڀور‘ لکي آهي. هيءَ ڪهاڻي معاشي ۽ فڪري حوالي سان سگهاري ڪهاڻي لکيل آهي. هن ۾ مزدور کاڻين ۾ ڪم ڪن ٿا، پر هڪ رات کاڻ ۾ اوچتو ڌماڪو ٿئي ٿو ۽ مزدور مري وڃن ٿا. ان مان هڪ مزدور جي زال اکين جي نور کان محروم ٿي وڃي ٿي، جنهن کي سماج ۾ جيئڻ نٿو ڏنو وڃي.

ڊاڪٽر نواب ڪاڪا پنهنجي پي.ايڇ – ڊيءَ جي ٿيسز ۾ حميد سنڌيءَ جي ڪهاڻي ’پري پيو پنڀور‘ جي باري ۾ لکي ٿو ته:

> ”ڀُري پيو پنڀور ڪهاڻيءَ ۾ ڪاٺين ۾ ڪم ڪندڙ هڪ مزدور جي گهر واري شاني جڏهن بيواهه ٿي ۽ اکين جي نور کان به محروم ٿي ويئي ته دنيا جون حوس ڀريون نگاهون منجهس چُڀڻ لڳيون. سندس ماس پٽيو ويو. ڪيس اهو نظارو ياد آيو، جڏهن پاڻ خونخوار ڪتن وچ ۾ هڪ ڪتي کي بيوس ڏٺو هئائين. ڪهاڻيءَ ۾ سماج جي وحشي پڻي کي ظاهر ڪيو ويو آهي. معصوم ۽ بيوس ڪردار حد کان وڌيڪ پوڙهين ٿا. شاني کي به محسوس ٿيو ته شايد پنڀور ڀُري پيو آهي. تهذيب ۽ انسانيت ختم ٿي چڪي آهي.“ (ڪاڪا، 2015ع: 259)

هن ڪهاڻيءَ ۾ ڏيکاريو ويو آهي ته ڪاٺين ۾ ڪم ڪندڙ مزدور مري وڃي ٿو ۽ سندس گهر واريءَ تي دنيا جون خراب نظرون پون ٿيون ۽ اها هڪ ته اکين کان محروم ٿئي ٿي، پر پوءِ هوءَ معاشي طور بدحاليءَ جي زندگي گذاري ٿي. سندس پاڙي وارا ان کي ڪاٺو ڏين ٿا. اها جيئن انهن کان ڪاٺو وٺڻ وڃي ٿي ته ڪجهه ماڻهو سندس پيڇو ڪن ٿا.

حميد سنڌيءَ ڪهاڻي ”ڀُري پيو پنڀور“ ۾ درد ۽ تڪليف ۽ ڪردارن جي ڪيفيت کي هن طرح بيان ڪيو آهي.

> ”ڪوئلي جي ڪاٺين جي جو گهگهو هو. شاني ورهين کان انهيءَ ماحول ۽ فضا ۾ رهي هئي، پر اڄ هوءَ اهڙن خيالن ۾ گم هئي جو انهيءَ گهگهو ڪيس چرڪ وجهي ڇڏيو هو. پنهنجي قاتل بي نور اکين جي ڇڏن کي ڦيرائيندي رهي ۽ هن جو چرڪ وڃان ساهه تيزيءَ سان ڪڇڻ لڳو. گهگهو آخري رانپاٽ ڪري بس ڪئي. انهيءَ سان فضا، ماحول ۽ شاني پنهنجي اڳوڻي حالت ۾ اچي ويئي. هن جي بي نور اکين جي آڏو ڪنهن جي تصوير تري آئي. موڪرو منهن، وڏيون اکين، چپن تي هلڪي مرڪ هئي. ان جي موهه ۾ موهجي ويئي. تون هل ڪٽي شايد هنن بارود وڃائي ڇڏيو آهي. هلو پلا نه هو مان به هلان ٿي. . . چڱو . . . گهر سويل اڄجان متان ڪچهرين ۾ ويهي رهو. هاها تون پلي هل. . . شاني حسين جو آواز ڪجهه پريو ٻڌو. پاڻ تڪي تڪي ٽڪريءَ جي چيڙي تي پهتي. هن کان دانهن نڪري ويئي.

سندس پيرن هيٺان زمين نڪري ويئي.“ (سنڌي، 1981ع: 72-75)

هن ڪان پوءِ هن ’ٽڪنڊو‘ ڪهاڻي لکي آهي، جيڪا ٽن ڪردارن جي وچ ۾ گهمي ٿي، پر منجهيل ذهنيت جو مالڪ سليم آهي ۽ ٻيا به ٽي ڪردار آهن: زري، ظفر، ريشان – هي ٽڪنڊو ٺهي پيو. پر هي زريءَ سان محبت ڪري ٿو، پر زري نٿي مليس. هيءَ ڪهاڻي ٻن محبت ڪندڙن جي ڪهاڻي آهي.

حميد سنڌيءَ جي ڪهاڻي ’ٽڪنڊو‘ ٽن دوستن تي لکيل آهي، ان ۾ ڪردارن جي سوچ ۽ فڪر کي هن طرح پيش ڪري ٿو:

”زري توکي خبر آهي ته مان انتها پسند آهيان پيار ۾، دوستيءَ ۾، قرب ۾ ۽ جيئڻ ۾. مان فراخ دلي سان جيئڻ چاهيان ۽ وڏيءَ دل سان مات کائيندو آهيان. سليم سچ وڏو زهر آهي، پر جي مان ائين چوان ته تون جيئڻ نٿو چاهين، تون هر قدم تي صرف مات کائڻ چاهين ۽ تون نه زندگيءَ مان مطمئن آهين، نه زندگيءَ جا دائرا تو مان مطمئن آهن. اها دنيا آهي، اهو جيئاپو آهي. شايد ڪو وقت اچي ته مان توکي ڏيکاريان، ڪنهن رستي تي تون ڏار بيٺي هوندينءَ ۽ مان هنن وڻن جي جهڳٽن ۾، هن پاڻيءَ ۾ پاڻي گڏيندو رهندو هوندس. ائين نه چئه سليم – زري دنيا نه آهي.“ (سنڌي، 1981ع: 80)

هن ڪان پوءِ حميد سنڌي ’پيار جي ريکا‘ نالي ڪهاڻي لکي آهي. هن ۾ هڪ ڇوڪريءَ جو ڪردار آهي، جنهن کي پيار محبت تي ڪو به ويساهه ڪونهي. هوءَ هڪ دوست کي چڙي ٿي ته ان کي وري ٻيو دوست ملي وڃي ٿو، پر هوءَ محبت ۾ يقين نٿي رکي. هيءَ ڪهاڻي صرف هڪ ڇوڪريءَ جي چوڌاري گهمي ٿي.

هن ڪان پوءِ حميد سنڌي ’دربان‘ ڪهاڻي لکي آهي، جنهن ۾ ڪجهيءَ کي وڻ کي دربان جي نالي سان سڏن ٿا. اهو وڻ حويليءَ جي ٻاهران لڳل آهي. هيءَ هڪ اهڙي ڪهاڻي آهي، جيڪا ڪجهيءَ جي وڻ کي محور بنائي لکي ويئي آهي. هن ڪهاڻيءَ جي باري ۾ تنوير عباسي پنهنجي راءِ ڏيندي لکي ٿو ته:

”حميد جون ڪهاڻيون ڏرتيءَ جون ڪهاڻيون آهن. انهيءَ ڏرتيءَ جون ڪهاڻيون آهن جتي حميد جنم ورتو، پليو، نپنو، وڏو ٿيو. حميد جا ڪردار ڪي آسماني ڪردار نه آهن، پر اهي به ڏرتيءَ جا ڪردار آهن. هن انهيءَ ڏرتيءَ جي ماحول ۽ ڪردار جو اونهو اڀياس ڪيو آهي. هو انهن کي رومانوي انداز ۾ پيش ڪري ٿو. انهن مان هڪ ڪهاڻي دربان آهي.“ (مرزا، 2016ع: 388-389)

حميد سنڌي ’دربان‘ ڪهاڻيءَ ۾ ڪجيءَ جي وڻ کي محور بڻائي لکيو آهي، جيڪو ائين ٿو لڳي ته دربان اسان جي تهذيب جي علامت آهي ۽ ان ۾ رهندڙن جي محبت جو مرڪز آهي ۽ هڪ علامت آهي اتحاد جي.

حميد سنڌيءَ ڪهاڻي ’دربان‘ ۾ ڪجيءَ جي وڻ کي هن طرح دربان بڻايو آهي:

”چاچا هن کي دربان ڇو ٿا چون؟ چاچو ڪجيءَ جي اوچائي ڏي ڏسندو هو ۽ چوندو هو، بابل مٿي نهار، هيءَ ڪجي توکي ٻين ڪجين کان اوچي لڳي ٿي يا نه؟ ها چاچا تمام گهڻي اوچي آهي. حويليءَ جي پٽ کان به اوچي – بابل هيءَ ڪجي حويليءَ مان به ڏسبي آهي. هيءَ حويلي جي لنگهه وٽ دربان وانگر بيٺل آهي. سڌي، اوچي، اڏول، ڪو ڦيڏ، ٽيڏ، ڦير يا ڦند به ته ڪونهيس. هيءَ ڪجي اسان جي حويليءَ جو دربان آهي.“ (سنڌي، 1981ع: 94-95)

هن کان پوءِ دربان کي ڪٽيو ويو، ڇو ته خاندان وڏيا ۽ انهن ۾ ويريون آيون ۽ اها اوج ختم ٿي ويئي ۽ حويلي به ويران ٿي ويئي. هن ڪهاڻيءَ جي باري ۾ ادل سومرو لکي ٿو ته:

”دربان اسان جي تهذيبي ورثي جي علامت آهي. انهن ڊهندڙ قدرن جو نشان آهي، جي انا پرستي ۽ خود غرضي جي اثرن هيٺ فنا ٿي رهيا آهن. هن ڪهاڻيءَ ۾ ماضيءَ سان محبت ۽ ماضيءَ جي شاندار روايتي قدرن جي پڇ ڊاهه خلاف ردعمل آهي. دربان حويليءَ جي رهواسين جي محبتن جو مرڪز ۽ انهن جي اتحاد جي علامت آهي.“ (مرزا، 2016ع: 389)

هن ڪهاڻيءَ کان پوءِ حميد سنڌي ’هرڙيءَ جي ڳالهه‘ ڪهاڻي لکي آهي، جنهن ۾ هن هڪ ٻار جي جذبات کي ظاهر ڪيو آهي. هو هڪ زميندار جو پٽ آهي، پر هڪ هاريءَ جي پٽ جي هرڙي هن کي پسند اچي ٿي. پوءِ زميندار جو پٽ ان هرڙيءَ کي گهر وٺي وڃڻ لاءِ ضد ڪري ٿو. هن ڪهاڻيءَ ۾ هڪ ٻار جا پاڪ جذبا بيان ڪيا ويا آهن. پوءِ هاريءَ جو پٽ ان هرڙيءَ کي ماري ڇڏي ٿو.

حميد سنڌي ڪهاڻي ’هرڙيءَ جي ڳالهه‘ ۾ زميندار ۽ هاريءَ جي پٽ جي احساسن ۽ نتيجي کي پيش ڪري ٿو، ان ۾ هو لکي ٿو:

> ”اڙي بابا هيءَ هرڙي ڪنهن جي گهلي آيو آهين. بابا، چاچا ڪمدار وٺي ڏني آهي. غلامو هاريءَ جي پٽ جي آهي بابا. هو وري ڏئي نه پيو ۽ روئي پيو. چاچا ڪمدار دڙڪا ڏيئي هرڙي کڻي آيو. الائجي ڇو مون کي چرڪ پئجي ويو. اٿي ويهي رهيس، پر پٽ هيءَ پرائي آهي، غلاموءَ جي پٽ جي آهي، توهان کي نه وٺي اچڻي هئي. بابا هرڙي مون کي وڻي ٿي، مان ته کڻي هلندس. سائين ڪهڙي ڳالهه آهي، هي راڄ سڄو تنهنجو آهي. سڄي تنهنجي ملڪيت آهي، هرڙي ڪهڙي شئي آهي.“ (سنڌي، 1981ع: 102-103)

حميد سنڌيءَ جي ڪهاڻي ’سونهن ۽ سوپيا‘ به پيار جي ڪهاڻي آهي. سندس گهر وارو گهڻو چاهيس ٿو پر شاديءَ جي ٿوري عرصي بعد سندس مڙس مري وڃي ٿو. پهرين ته ساهرا خيال رکن ٿا ۽ آهستي آهستي سڀ زيور وٺي اهي کپائي ٽيجها ۽ چاليها ڪن ٿا، جيڪي سندس مڙس ان عورت کي تحفي ۾ ڏنا هئا، پر جڏهن سڀ زيور کپي وڃن ٿا ته ان کي چون ٿا ته تون ٻي شادي ڪر، پر هوءَ مڙس سان وفا ڪري ٿي ۽ هميشه لاءِ گهر ڇڏي پنهنجي ننڍڙي ڌيءَ سميت ٻئي شهر وڃي پورهيو ڪري ڌيءَ کي ڊاڪٽر ڪري ٿي.

حميد سنڌيءَ ڪهاڻي ’سونهن ۽ سوپيا‘ ۾ محبت ۽ احساس جي تاثرات کي هن طرح پيش ڪيو آهي:

> ”هوءَ ڪا گهڙي ڇهن سونين چوڙين کي تڪيندي رهي. سندس هٿ ان جي گولائي، سونهن ۽ چمڪ کي توريندي رهي. آهستي آهستي سون جي چلڪي جا ترورا وڌي سندس اکين جي چمڪ کي وڌائيندا ويا. نه رونق مون هميشه تنهنجي ٻانهن ۾ ڪڇ جون کڙڪنديون چوڙيون

ڏٺيون آهن. سون جي سونهن ئي ٻي آهي. اڄ اهي سونيون چوڙيون پاءِ ته مان تنهنجي سنگ مرمر جهڙين ٻانهن ۾ انهن جي سونهن ڏسان ۽ ٻڌان ته اهي ڪهڙو واڄون ٿيون ڪن، پر رونق مان مري به ويس ته ايترو ضرور ٿيندو جو هاڻ تنهنجون ٻانهون شيشي جي چوڙين ڀڄڻ سان زخمي نه ٿينديون. ان جي سونهن کي ڪٽي به داغ نه لڳندو. توکان جي سونيون چوڙيون لهرايائون ته به تنهنجي ڏکين ڏينهن جون ضرور ساٿياڻيون ٿينديون.“ (سنڌي، 1981ع: 107-108)

”ويريون“ مجموعي جي آخري ڪهاڻي ’ٿوڻ ڏرتي‘ لکيل آهي. هن ڪهاڻيءَ ۾ هڪ يتيم ٻار جي ڪهاڻي آهي، جيڪو مست (مولائي) آهي. جيئن چوي ٿو ته مولا هڻ گوڏي جيڏو ته ائين مينهن اچي ٿو ۽ اهڙو وسڪارو ڪري ٿو، جايون جڳهيون سڀ هيٺ ڪِريو پون. سندس چاچو ان جملي چوڻ کان روڪيس ٿو، پر مجال ڪو چوڻ وڃي، پر آخر ۾ اهو مست وڏو ٿئي ٿو ۽ هن کي مومل نٽي ملي ته پنهنجي زندگيءَ جو دان ڏيئي ڏرتيءَ کي نرم ڪري ٿو.

مست جي ڪردار کي هو هن طرح پيش ڪري ٿو:

”مستن تي ڪهڙي ميار، پرو نٽهڻ اُس ۾ ڪي ڪلاڪ جهمر هڻندو رهيو. ڊگهي چولي جو پلو مٿي ڪري جهلي دانهون ڪندو رهيو، پيچ مولا، هڻ ڪو گوڏي جيڏو. پيچ مولا هڻ ڪو مولا گوڏي جيڏو، پيچ مولا هڻ ڪو مولا گوڏي جيڏو، هڻ ڪو مولا گوڏي جيڏو، پيچ مولا. رب جي ذات وڏي آهي. آهي ته ڪائو ڪڇ، نه ته ماڻڪن کي به موٺ، پروءَ جي چوڌاري ماڻهن جا ميڙ هئا. جڏهن ڪو ڪرم ڪري. پرو جهڙا مست ته گهڻيئي، پر پرو سڏبو ئي هو مينهائي مست.“ (سنڌي، 1981ع: 114)

حميد سنڌيءَ جو چوٿون مجموعو ”راڻا جي رجپوت“ آهي. هن ۾ حميد سنڌي ”جيئن لکيو آ مون“ جي عنوان سان لکيو آهي ۽ هن مجموعي ۾ علي احمد بروهي به شروع جا ”به اکر“ جي عنوان سان لکيو آهي. هن مجموعي ۾ ڪُل يارهن ڪهاڻيون لکيل آهن ۽ مجموعو 1984ع ۾ ناري پبليڪيشن ڇپرايو آهي. هن مجموعي جي ناشر نذير ناز، حميد سنڌيءَ لاءِ لکي ٿي ته:

”حميد سنڌيءَ جي لکڻ جو پنهنجو اسٽائيل آهي. هي بنيادي طور هڪ حقيقت پسند ليکڪ آهي، جنهن کي سماج جي ناسورن جي پوري طرح ڄاڻ آهي. سماجي حقيقت پسنديءَ جي لحاظ کان دل کي اهي ڪهاڻيون وڻنديون، جيڪي دلچسپ هجن ۽ سچائيءَ سان لکيل هجن. حميد سنڌي هر ڪهاڻي دل جي سچائيءَ سان لکي آهي. هن جي هر ڪهاڻي ادبي تاجي پيٽيءَ ۾ جڙيل آهي.“(سنڌي، 1984ع: 3-4)

هن مجموعي جي پهرين ڪهاڻي ’چوري ڇڏ ۾ ڇپرين‘ آهي. هن ڪهاڻيءَ ۾ پٺن جي عورت جيڪا سريلي آواز ۾ گانو ڳائي سڄي محفل ۾ رونق لڳائي ڇڏي ٿي. هيءَ سماجي، معاشي ۽ فڪري حوالي سان سگهاري ڪهاڻي آهي، ڇو ته پٺ غريب هوندا آهن. سندن گذر سفر صرف ڳائڻ تي هوندو آهي ۽ جيڪي پئسو ملندو اٿن، انهيءَ مان گهر جو خرچ هلائيندا آهن، پر پوءِ ان محفل ۾ زميندار جو پٽ گانو ٻڌڻ ايندو آهي ته ان عورت کي حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ڪري ٿو، پر زميندار جو پٽ پهرين شادي شده هوندو آهي. آخر ۾ اهو زميندار جو پٽ ان پٺن جي عورت کي پڇائي شادي ڪندو آهي، پر پنهنجن مائٽن جي دٻاءُ ۾ اچي ان عورت کي طلاق ڏيئي ڇڏيندو آهي ۽ اها عورت پنڻ تي مجبور ٿيندي آهي. هوءَ چوندي اٿس ته صاحب پئسا ڏي ته سگريٽ وٺان. هيءَ ڪهاڻي به زمينداري ظلم تي لکيل آهي. هميشه ائين ئي ٿيندو آهي. زمينداري ظلم ڪري غريب پوڪين ٿا.

حميد سنڌيءَ جي ڪهاڻي ’چوري ڇڏ ۾ ڇپرين‘ به زميندار ظلم تي لکيل آهي:

هيءَ ڪهاڻي سماجي ۽ فڪري حوالي سان لکيل آهي. هن مجموعي ۾ حميد پنهنجا پيش لفظ ’جيئن لکيو آ مون‘ جي عنوان سان لکي ٿو:

”حقيقت ۾ منهنجين ڪهاڻين جو خميرُ سنڌ جي سڄڻن واسيل مٽي ۽ اتان جو مٺو جرڪندڙ پاڻي آهي، جنهن جي خوشبو ۽ مٺاڻ تاريخ جي صفحن تي ڦهليل سڄي دنيا جي هر ماڻهوءَ کي پاڻ ڏي پيو ڇڪيو آهي ۽ انهن انهيءَ سون ورني خمير مان وري سون پيو ٺاهيو آهي.“ (سنڌي، 1984ع: 5)

حميد سنڌي ٻي ڪهاڻي ’گولا جي گولن جا‘ لکي آهي، جيڪا چئن دوستن جي ڪهاڻي آهي. چارئي دوست سُٺن عهدن تي هوندا آهنۦ هر چنڇر تي گڏجي تاس واري راند کيڏندا آهن، پر انهن مان هڪڙو دوست ٻي شادي ڪندو آهي ۽ ان جا ٽيئي دوست ان تي ناراض ٿين ٿا ۽ فڪرمند ٿين ٿا ته سندس پهرين گهر واري ۽ سندس ٻارن جو ڇا ٿيندو. هيءَ ڪهاڻي سماجي حقيقت تي مبني آهي.

حميد سنڌيءَ جون ڪهاڻيون سماجي ڪهاڻيون آهن. هي حقيقت پسند ڪهاڻيڪار آهي. هن جي باري ۾ مختلف ليکڪن جا مختلف رايا آهن، تن مان تنوير عباسي به آهي. تنوير عباسي، حميد سنڌيءَ جي افسانن لاءِ لکي ٿو ته:

> ”حميد Fiction ۽ Fact گڏيو آهي. هن جون ڪهاڻيون اسان جي دؤر جي تاريخ جي اها ڏارا آهن، جنهن جي لهرن جا لک لباس آهن، جيڪي حميد اکين ڏٺا آهن ۽ سندس قلم محفوظ ڪيا آهن.“ (مرزا، 2016ع: 398)

ورهاڱي کان پوءِ، جن ڪهاڻيڪارن پنهنجي ڪهاڻين ۾ عوام ۽ انقلابي، سماجي، سياسي، معاشي موضوعن کي اوليت ڏني، انهن سڀني مان هڪ نرالو ۽ يگانو لکندڙ حميد سنڌي آهي، جيڪو سماجي براين تي لکندو اچي ٿو.

سندس باري ۾ ملڪ نديم لکي ٿو ته:

> ”حميد سنڌيءَ جي ڪهاڻين جا پلاٽ سنڌي سماج مان ئي ڪنيل هوندا آهن. (؟، 1983ع: 4)

سندس ’راڻا جي رجپوت‘ جي ٽين ڪهاڻي ’بابا منهنجو چوزو‘ جي عنوان سان لکي آهي، جنهن ۾ هڪ ٻار جي جذبن جي عڪاسي ڪئي اٿس. هيءَ ڪهاڻي غريب استاد ۽ زميندار جي ڪهاڻي آهي. استاد پنهنجي ڳوٺ ۾ مشاعرو ڪرائي ٿو ۽ پري پري کان شاعر گهرائي ٿو. انهن ۾ هڪ شاعر جيڪو زميندار به هوندو آهي، اهو به شريڪ ٿئي ٿو، پر کائڻ ۾ ان کي چوزو پسند آهي، ٻيو ڪو به گوشت پسند نه آهي. پوءِ اهو چوزو ان کي ڀوڄ ڪري کارائيندو آهي ته ان ميزبان جو پٽ ڪاوڙجي وڃي ٿو ۽ ڀوڄ هاري ڇڏي ٿو.

ڪهاڻيءَ ۾ ٻار جا معصوم جذبا ۽ شاعر جي ڪولي سطحي سوچ ڪي ظاهر ڪيو ويو آهي. ٻار ان شاعر جي مٿان اهو سمورو ٻوڙ ئي هاري ڇڏيو. ان منظر کي حميد سنڌيءَ هن طرح بيان ڪيو آهي:

”ڪاڏي ۾ گوشت ڪائبو ته ليلي جو، جي ڪڪڙ جو چوزو هوندو ته واهه، نه ته پڇ پري، دال ڀاڄيءَ جي ويجهو ڪونه وڃو. ها چوزو بابا! هر شئي ننڍي هجي بس جهڙو گلاب جو گل. اڙي دلبر ٻار آ، چوزي جي ٻوٽي ڏينس. دلبر ننڍڙي ڪي پاڻ وٽ سڏيو. مون ڏنو جانب جي منهن جو پنو لهي ويو. ٻارڙي رڙهي وڃي دلبر جو پاسو ورتو هو. هن ٻوٽي ڏنس، هن نه ورتي ۽ سٽ ڏيئي ڍاڪئون ڪنيائين: بابا منهنجو چوزو. هن دلبر کي گهوريندو ۽ چيائين سائين چوزو کاءُ ۽ پوءِ سڄو ٻوڙ جو ڏونگو ڪٽي مٿانئس اڇلايائين.“ (سنڌي، 1984ع: 45-50)

هن ڪهاڻيءَ کان پوءِ حميد سنڌي هڪ خط لکيو آهي ’دلبر موٽي آ‘ جي عنوان سان، ڇو ته اهو دوست جنهن خواهش ڪئي چوزي کائڻ جي اهو ناراض ٿي وڃي ٿو.

حميد سنڌي ڪيترين ئي ڪهاڻيون سماجي حوالي سان لکيون آهن. حميد سنڌيءَ جي باري ۾ مختلف ليکڪن جا مختلف رايا آهن. سندس ڪهاڻين جي بابت مهاڳ ۾ تنوير عباسي لکي ٿو ته:

”حميد جون ڪهاڻيون انڪري اهم آهن جو انهن ۾ هن سنڌ جي ويهين صديءَ جي ٻي، ٽين ۽ چوٿائي جو سماج، ماحول، ڪردار، انهن جا لاڙا، مونجهارا، انهن جي روش ۽ انهن جا مسئلا ويندي انهن جي ٻولي محاورن توڙي اصطلاحن کي محفوظ ڪري ڇڏيو آهي.“ (مرزا، 2016ع: 9)

حميد سنڌيءَ جي هر ڪهاڻي سماجي ۽ معاشي حقيقتن تي ٻڌل آهي. هن جون ڪهاڻيون پڙهڻ واري جي دل تي اثر ڪن ٿيون. هن مختلف عنوانن سان ڪهاڻيون لکيون آهن. هن کان پوءِ هن ڪهاڻي ’راڻا جي رجپوت‘ لکي آهي. هيءَ ڪهاڻي هڪ ناچو ڇوڪري جي ڪهاڻي آهي. هي بلڪل منفرد موضوع آهي. حميد سنڌي هن ڪهاڻيءَ ۾ هڪ زميندار جيڪو سُکيو ستابو ۽ دولتمند هئڻ باوجود حُسن پرست آهي، هو جيڪو چاهي ٿو حاصل ڪري ٿو، پر آخر ۾ اهو ڇوڪرو سڀ

آسائشون ڇڏي ٻئي زميندار وٽ پناهه وٺي ٿو ۽ پوءِ هن حُسن جي پوڄاري زميندار کي ماري ڇڏي ٿو.

حميد سنڌي ’راڻا جي رجپوت‘ ڪهاڻيءَ ۾ ڪردارن ۽ محفلن جي منظرن کي هن طرح بيان ڪيو آهي:

”هن ڪنڌ کي جهٽڪو ڏيئي منهن تان وارن کي مٿي ڪيو ۽ ڦيري پاتي. سندس وڏا ۽ ڀٽون وارا ڦرندا لهرون هڻندا اچي هڪ هنڌ بيٺا. سندس پيرن ۾ ٻڌل گهنگرن آواز ڪيو، باجي واري سُر ملايو ۽ شروع ڪيائين:

مومل کي مجاز جا اکين
۾ الماس،
نه ڪا عام نه خاص،
جي وٺا سي وڍيا.

سندس ڀوانجهڙي اکين ۾ خمار هو. سندس نازڪ هٿ، سندس سنهڙي چيلهه سان وٽ وراڻيون ڏيندا وڌي ٿي آيا. هاڻ ته وائي وات هجي:

پڙهئا پٽت پير، توٽي مير، همير، مرندا

مومل سي ئي پسندا

ائين پئي لڳو ڄڻ هو مومل آهي. سندس چوڏاري ڪاڪ آهي. اڙي شال جئين، ڪوسو واءُ نه لڳئي. سونهن سلامت هجئي. اصل وڻ وڃائي ڇڏيئي. ائين مٿس نوٽن جو وسڪارو ٿي ويو.“ (سنڌي، 1984ع: 56-57)

هن ڪهاڻيءَ مان خبر پوي ٿي ته پيار کي پئسي تي خريد نٿو ڪري سگهجي. هيءَ ڪهاڻي زميندار طبقي تي لکي ويئي آهي، جيڪي پئسي جي زور تي ڪيترن ئي ماڻهن سان ناانصافي ڪن ٿا، پر آخر ۾ انهن جو انت خراب ٿئي ٿو.

هن کان پوءِ سندس ڪهاڻي ’ڪنچن ڪايا‘ آهي، جيڪا سماجي حوالي سان بهترين ڪهاڻي آهي. هيءَ غريب گهراڻي تي لکيل آهي، جيڪا سماجي ۽ فڪري حوالي سان سگهاري آهي. هڪ غريب ڇوڪرو جيڪو سچو ڏينهن ڪنچا (ٻلور) کيڏي ٿو. هڪ ماڻهوءَ کي چوندو آهي ته مان توکان گهر خريد ڪندس. اهو چوندو اٿس: ڀهرين ڪماءِ تي صحيح، سڄو ڏينهن ڪنچا کيڏي وقت پيو وڃائين. هي ڪنچا تنهنجي

ڪم جا نه آهن، پر پوءِ ڇوڪرو اهي ڪنچا ڪپائي چولا وٺي ڪپائيندو آهي.

پوءِ اهو ڇوڪرو ڪنچا ڪپائي ڪوهر (چولا) وٺندو آهي ۽ پوءِ گهر جو سڄو خرچ هلائيندو آهي. هيءَ ڪهاڻي غريب طبقي جي عوام جي عڪاسي ڪري ٿي.

حميد سنڌيءَ جون ڪيترين ئي ڪهاڻيون غريب، مفلس ۽ بيوس ماڻهن تي لکيل آهن. انهن مان هيءَ ڪهاڻي به هڪ آهي. هن کان علاوه سندس ڪهاڻي 'جت جر وهي ٿو جال' ڳوٺن ۾ ڪوهن تي لکيل شاندار ڪهاڻي آهي. هن ڪهاڻيءَ ۾ پاڻيءَ جي منظرڪشي سٺي نموني ڪئي اٿس. سڀاجهڙو ولو پنهنجي ڳوٺ ۾ واٽر سپلاءِ جي گندي پاڻيءَ جو تصور ڪري ٿو ته سندس روح ڏڪي ٿو ۽ هو واٽر سپلاءِ جا پائيپ ڀڃي ٿو. هو چوي ٿو ته جر (ڪوهه) جو پاڻي جنت آهي. هيءَ ڪهاڻي شاندار نموني بيان ڪئي اٿس.

ولوءَ جي اهڙي عمل ڪي سماج ۽ قانون ڪيئن ٿو ڏسي، ان کي بيان ڪندي حميد سنڌي لکي ٿو:

> "چون ٿا ته نئين واٽر سپلاءِ جي مين لائين ڪوڏر سان بيهي ڀڳو اٿس. بابي ڳالهه کي وڌايو، واٽر سپلاءِ، ڪوڏر ۽ ولو. بابي ڏي نهاريم. هاڻ هو چپ هو ۽ مون به ڪٽي ماٺ ڪئي. سڌو ٿاڻي تي پهتس. صوبيدار غلام علي مون سان گڏ پڙهيو هو، سو ٽپ ڏيئي اٿي بيٺو. پاڪر پائيندي چيائين، يار وڪيل صاحب معاف ڪجانءِ، چاچي ولو هن دفعي وڃائي ڇڏيو. ڪم اهڙو ڪيو اٿس جو شايد سر وڃيس. ڏس ته سهين مسين ته هن ڳوٺ کي واٽر سپلاءِ ملي آهي. بنهه نئين لائين کي ڪُنو اٿائين." (سنڌي، 1984ع: 99)

ڳوٺن ۾ ماڻهو ڪوهن مان پاڻي ڀريندا هئا ۽ پوءِ آهستي آهستي واٽر سپلاءِ وارو سسٽم آيو ته ڪوهن جو هميشه لاءِ خاتمو ٿي ويو.

حميد سبزوئي 'هڪ اڻڻڪ انسان' ڪتاب ۾ پنهنجي مضمون ۾ حميد سنڌيءَ لاءِ لکي ٿو ته:

> "حميد سنڌي اسان جي دؤر جو قداور ۽ مڃيل ڪهاڻيڪار آهي. سندس ڪهاڻين جا موضوع اسان جي سماج مان ئي

> کنيل آهن. هن کي اهم مقام حاصل آهي. اهو مقام هن کي انفرادي اسلوب ۽ جيئرن جاڳندڙ ڪردارن جي ڪري مليو آهي.“ (مرزا، 2016ع: 364)

سندس ڪهاڻيءَ ’جي قيام مڙن‘ ڪافي ڪهاڻين جو تت آهي. هي چوي ٿو ته هو بادشاهه آهي، پر شايد اهو پوڙهو ٿي چڪو آهي. اڄ ان وٽ سواءِ يادگيرين جي ڪجهه به ناهي بچيو.

حميد سنڌيءَ جي ’جي قيام مڙن‘ يادگيرين تي لکيل آهي:

> ”هو اڳتي وڌي مُلان اسڪول جي در تي پهچي ٿو ته هڪ نينگر ڪوهرن جو ڇٻو ڪنيو بيٺو آهي ۽ هوڪو پيو ڏئي: هل ڪوسا ڪوهر – هل ٽڪي ۾ ٻاٽي. هو ننڍڙو ٻار هن کي چوي ٿو. مولو مون وٽ هڪ پئسو آهي، سپاٽي ٽڪو ٿيندو، پوءِ مون کي ٽڪي ۾ ٻاٽي ڏيندين. ٻارڙو گهٽيون لتاڙيندو ٿاڪ منجهند ماٽيندو گهر موٽي ٿو. هڪ حويلي آهي ۽ ننڍڙي هرٽيءَ سان ڪيڏي ٿو ۽ سندس اکين کي چُمي ٿو، جيڪي ساٽس ڳالهائڻ جي ڪن ٿيون.“ (سنڌي، 1984ع: 112)

هاڻي ڪيس احساس ٿئي ٿو ته ڪلهه جيڪي ميڙ ملاڪڙا هئا، اڄ اهي نه آهن. سڀ دوست، مائٽ ڇڏي ويا. شايد بادشاهه پوڙهو ٿي چڪو آهي.

هن ڪان پوءِ سندس ڪهاڻي ’واٿهڙو ڪر واٿ منجهي‘ لکي اٿس. هيءَ ڪهاڻي ٻيلي ۾ رهڻ وارن جي ڪهاڻي آهي. جيڪي پهرين ٻيلي ۾ خوشحال زندگي گذارين ٿا. انهن وٽ روشني، پاڻي سڀ ڪجهه هوندو آهي پر ٻيلا تباهه ڪندڙ جڏهن اچن ٿا ته اهي ٻيلي کي لُٽي ويندا آهن ۽ انهن جي روشني هميشه لاءِ ڪٽي ٻيلي کي اونداهه ۾ ڇڏي ويندا آهن ۽ ٻيلي جا نوجوان روشنيءَ جي تلاش ۾ ويندا آهن، پر اهي جوانيءَ مان پوڙهائپ تي پهچندا آهن، گهڻا ته مري به ويندا آهن، پر آخر ۾ اهي روشني ڳولڻ ۾ ڪامياب ٿيندا آهن.

ٻيلن جي تباهيءَ جي ڪري فطري ماحول تي تمام خراب اثر پيا آهن. جهنگلي جيوت مري ويئي، مينهن وسڻ گهٽجي ويا، گرمي پد وڌي ويو. ان تباهيءَ کي حميد سنڌي ڪهاڻيءَ ۾ هن طرح پيش ڪيو آهي:

”اوچتو هڪ رات ٻيلي ڪان ٻاهر واري دنيا جي ماڻهن اسان تي حملو ڪيو ۽ هنن اسان جو ٻيلو ڦُرڻ شروع ڪيو. هنن سڀ ڪجهه لُٽيو: دولت، متاع، عزت، آبرو ۽ پوءِ اسان جو قيمتي سرمايو اسان جي روشني، دوست روشني علم جي هجي يا ڄاڻ جي، روشني تهذيب جي هجي يا تمدن جي، روشني ريتن جي هجي، رسمن جي وڃڻ کان پوءِ انسان بلڪل انڌو ٿي پوي ٿو. ائين ٽپ ڏيئي اٿي بيٺو ۽ چيائين جهونا هڙ کول ۽ ڏيکار انهيءَ ۾ ڇا آهي. مٿا چيم ته روشني آهي، تون مون کي پهريان هتان ڪڍ.“ (سنڌي، 1984ع: 126)

ڪهاڻي ’واٺهڙو ڪر وٺ منجهي‘ ۾ لفظن جي چونڊ موزون ۽ جاندار تاجي پيٺو. موقعي جي مناسبت سان ٺهڪندڙ محاورا ۽ چوٽيون سندس ڪهاڻيءَ جو راز آهن.

هن ڪهاڻيءَ کان پوءِ سندس ٻي ڪهاڻي ’هڪ ٻيو ماڻهو‘ جي عنوان سان لکيل آهي. هيءَ يتيم ٻار جي ڪهاڻي آهي ۽ سندس ماءُ پورهيا ڪري ان کي پڙهائي ٿي. هيءَ ڪهاڻي سماجي ۽ معاشي آهي، پر جڏهن ڇوڪرو وڏو ٿئي ٿو ته ان کي ڪلارڪي نوڪري ملي، پر هو بُري صحبت ۾ اچي وڃي ٿو ۽ طوائفن تي پئسا لُٽائي ٿو.

هن ڪهاڻيءَ ۾ اهو ڏيکاريو ويو آهي ته هڪ غريب عورت پورهيو ڪري پنهنجو ۽ پنهنجي پٽ جو گذر سفر ڪري ٿي، پر ان جو پٽ مامي وانگر ٿيڻ چاهي ٿو ۽ غلط صحبت اختيار ڪري ۽ طوائفن ۽ شراب جي نشي ۾ محو ٿي وڃي ٿو ۽ آخرڪار مري وڃي ٿو.

هن مجموعي جي آخري ڪهاڻي ’پاڙي ناهي پروڙ‘ آهي. هيءَ به سماج جي حقيقي ڪهاڻي آهي. هيءَ شاهڪار ڪهاڻي آهي. ماسي حليمان غريب آهي. ان ڪهاڻيءَ ۾ غريب جي اهڙي جهلڪ ڏيکاريل آهي، جيڪا درد ڀري آهي. ايتري ٻُک جو هڪ ٻار ڦلن لپ چوري ڪري پيٽ ڀري ٿو.

حميد سنڌيءَ جي ڪهاڻي ’پاڙي ناهي پروڙ‘ غربت تي لکيل آهي. مسڪين پورهيت ڪردارن کي هن طرح پيش ڪيو ويو آهي:

”دستور موجب گُلڻ پڪوڙائي ڏانهن منهن ڪري واڪو ڪيائين ادا گلڻ ڀين آني جا سنهان ۽ ٻي آني جون ڪچوريون ڏجانءِ، متان سڀ مال کپائي نه ڇڏين ۽ منهنجا

ٻچا ٻک مارين. ها ماسي تنهنجي حصي جا پڪوڙا ڦابو آهن. ماسي ماٺ ميٺ ۾ پڙو ڪنيو. ويچارن ئي ويچارن ۾ چپا مٿي تي، پڙو هٿ ۾ لوڏيندي هوءَ هلڻ تي هئي ته اوچتو هٿ کي سٽ آئي ۽ هن ڏنو ته ڪير ڪانئس پڙو کسي وٺي ڀڳو. بيهجان چورا – اڙي چورا نپاڳا! شل ٽنگون ڀڄنديءِ. هن کي ائين لڳو ته گهٽيءَ ۾ رُلندڙ ٻُک گهر ۾ ڪاهي پيئي.” (سنڌي، 1984ع: 149-150)

هن ڪهاڻيءَ ۾ ڏيکاريو ويو آهي ته هڪ بيواهه عورت پنهنجو ۽ ٻارن جو پيٽ مشڪل سان پالي ٿي. پر هڪ غريب ٻار ان جا ڦلا ۽ پڪوڙا چوري ڪري ڪائي ٿو وڃي، پر جڏهن رات جو اها مائي گهر اچي ٿي ته ٻُک جي ڪري هن کي پنهنجا ٻار به ان ٻار وانگر لڳن ٿا ۽ اها عورت چوي ٿي ته گهٽيءَ ۾ رُلندڙ ٻُک سندس گهر ۾ ڪاهي پيئي آهي.

حميد سنڌي ڪيترين ئي ڪهاڻيون غريب طبقي تي لکيون آهن. سندس هر ڪهاڻي ڪنهن نه ڪنهن سماجي ۽ معاشي مسئلي کي پيش ڪري ٿي. پڙهندڙن کي ائين محسوس ٿئي ٿو ته اهي حقيقي ڪهاڻيون اڄ به اسان جي دؤر ۾ موجود آهن.

’راڻا جي رجپوت‘ مجموعي کان پوءِ حميد سنڌيءَ جو مجموعو ”جاڳ به تنهنجي جيءَ سان“ لکيو آهي. حميد سنڌيءَ جون مختلف ڪهاڻيون تمام گهڻيون مشهور ڪهاڻيون آهن. هن کي ڪيترين ئي ڪهاڻين تي انعام به ملي چڪا آهن.

حميد سنڌيءَ جو 1996ع ۾ پنجون مجموعو ”جاڳ به تنهنجي جيءَ سان“ لکيو هو. هي مجموعو سنڌي ادبي بورڊ وارن شايع ڪرايو آهي. ڪُل سورهن ڪهاڻيون شامل اٿس. سندس تعارف تنوير عباسيءَ لکيو آهي. حميد سنڌي ’ٻه اکر‘ جي عنوان سان لکيو آهي ۽ ناصر مورائي پڻ ’حميد سنڌيءَ جي ڪهاڻين جا ڪردار‘ جي نالي سان لکيو آهي ۽ خواجه سليم احمد به ’ڌرتي دان گهري ٿي‘ لکيو آهي.

تنوير عباسي، حميد سنڌيءَ جي باري ۾ لکي ٿو ته:

”حميد سنڌي نه فقط پنهنجي دؤر جو منفرد ڪهاڻيڪار آهي، پر هن ورهاڱي کان پوءِ، سنڌي ڪهاڻيءَ جي نئين جنم ۾ وڏو عملي حصو ورتو آهي.“ (سنڌي، 1996ع: مهاڳ)

حميد سنڌي ’جاڳ به تنهنجي جيءَ سان‘ مجموعي جي پهرين ڪهاڻي ’ريب فريب زندگيءَ جا‘ لکي آهي. هيءَ ڪهاڻي اهڙي نوجوان جي آهي، جيڪو بيروزگار آهي ۽ سندس پيءُ جو دڪان اٿس، پر ان دڪان تي هو هٿ نٿو وندرائي، بلڪ پنهنجي ماسات کي چاهي ٿو، پر سندس پيءُ نٿو مڃي، جنهن ڪري هو مائٽن کي ڌمڪي ڏئي ٿو ته هو خودڪشي ڪندو، جنهن ڪري هو اسٽيشن تي اچي ٿو، پر سندس ارادو مٽجي وڃي ٿو، پر هڪ گلر کي ريل جي پٽڙيءَ تان بچائيندي ان جو پير تار ۾ ڦاسي پوي ٿو، انڪري مري وڃي ٿو.

حميد سنڌي ڪهاڻي ’ريب فريب زندگيءَ جا‘ ۾ نوجوان جي اندر ۾ جانورن سان محبت کي هن طرح پيش ڪري ٿو:

”هن ڊوڙندي گلر کي ڪنيو ۽ جيئن ئي ريل جو پٽو ٽپڻ جي ڪئي ته سندس پير تارن ۾ وچڙيو. . . ۽ ان کان پوءِ پيڙا ۽ درد محسوس ٿيو. هن کي محسوس ٿيو ته هو فضائن ۾ اڏامي وري ڪنهن اوڙاهه ۾ ڪِريو آهي، جنهن کان پوءِ هن کي هوش نه رهيو.

ماءُ پيءُ ڏانهن ڏٺائين. سندس اکين ۾ هڪ سوال هو، توهان دير چو ڪئي؟ هنن ڪجهه نه ڪُڇيو، هو روئندا رهيا. هن آهستي پڇيو: گلر بچيو؟ پٽس ڳوڙها ڳاڙيندي ڪنڌ سان ها ڪئي ۽ اشارو ڪيائين. گلر سندس پر ۾ ٻئنچ وٽ ڪون ڪون پئي ڪئي. سندس جوت ٽم ٽم لاتيون بيٺي هئي. هو مُرڪي پيو ۽ پڇيو: نڳ، فريبي – دوڪيباز! پوءِ هن جون اکيون هميشه لاءِ ٻوٽجي ويون.“ (سنڌي، 1996ع: 6)

هن ڪهاڻيءَ جو انت دردناڪ ڏيکاريو ويو آهي. ڪردار جيڪو پنهنجي جان جي به پرواهه نٿو ڪري، هڪ گلر کي بچائيندي پنهنجي زندگيءَ جو انت آڻي ٿو.

تنوير عباسي، حميد سنڌيءَ جي ڪهاڻين بابت لکي ٿو ته:

> ”حميد سنڌي نه فقط هن دؤر جي اهم ترين ڪهاڻيڪارن مان آهي، پر سنڌي ڪهاڻيءَ کي سنڌي ادب ۾ رائج ڪرڻ ۽ ان کي مقبول بنائڻ ۾ سندس وڏو ڪردار آهي.“ (سنڌي، 1996ع: مهاڳ)

’جاڳ به تنهنجي جيءَ سان‘ مجموعي جي ٻي ڪهاڻي ’ڇُڪَ‘ جي عنوان سان لکيل آهي. اهڙي جيئري جاڳندڙ ڪردار جي ڪهاڻي آهي، جيڪو ڪَلُنِ جو واپاري آهي. ڇُڪ ڪيڻ سندس سائيڊ بزنس آهي. محمد پڇل هڪ غريب مزدور آهي، جيڪو ڇُڪ ڪيرائڻ لاءِ اچي ٿو، پر

محمد هاشم بنا پئسي جي اهو ڪم نٿو ڪري. جڏهن ڪجهه پئسا باسي ٿو ته ڇُڪ ڪڍڻ لاءِ راضي ٿئي ٿو. ڇُڪ نڪرڻ کان پوءِ محمد پڇل ائين پڳو، جيئن ڇُڪ هيس ئي ڪانه، پر آخر ۾ محمد هاشم کي ڪم دؤران دل جو دؤرو پوي ٿو ۽ هو اتي مري وڃي ٿو. هي مزدورن جي لاءِ سخت هو.

هن ڪهاڻيءَ ۾ هڪ اهڙو ڪردار ڏيکاريو ويو آهي، هي سيٺ اهو سيٺ هو، مزدور لاءِ موت. مزدوري ائين ڳهي ويندو هو جو ڪجهه ڪُڇي نه سگهندا، پر آخر ۾ کيس دل جو دؤرو پوي ٿو ۽ هو مري وڃي ٿو.

حميد سنڌي پنهنجي ڪهاڻين جا ڪردار سنڌ جي سماج مان ئي کنيا. هن وٽ موضوعن جي کوٽ ڪانهي. سندس ٽين ڪهاڻي ’وڏو ماڻهو‘ جي عنوان سان لکيل آهي. هن ڪهاڻيءَ ۾ هڪ زميندار جيڪو نوڪري به ڪندو آهي، هن کي هڪ پٽ آهي، جيڪو شادي شده آهي ۽ ان کي ٻار به آهن. هي پنهنجي پيءُ کان متاثر هوندو آهي. هي چوندو آهي ته وڏو ماڻهو ڪيئن ٿجي، پوءِ پنهنجي پٽ انور کي پڙهائيندو آهي ۽ چوندو اٿس ته توکي وڏو ماڻهو ٿيڻو آهي ڏاڏي وانگر ۽ ڪجهه عرصي کان پوءِ، جڏهن سندس پيءُ گذاري وڃي ٿو ته ان جي ٽيجهي ۽ چاليهي تائين سڀ پئسا ختم ٿي وڃن ٿا. هاڻي هي سوچي ٿو ته گهر ۽ ماءُ جو خرچ ڪيئن پورو ٿيندو. ان سوچ ۾ وڃي ٿو پيءُ جي چاليهي ته پاڻ به پاڻيءَ ۾ ڪِري مري وڃي ٿو. سندس پٽ انور ٿي ڏينهن سندس قبر تي اچي ٿو ۽ چوي ٿو ته بابا مون کي وڏو ماڻهو ٿيڻو آهي، پوءِ هميشه لاءِ هليو وڃي ٿو.

حميد سنڌي ’وڏو ماڻهو‘ ڪهاڻيءَ ۾ ڪردارن جي انت کي هن طرح پيش ڪري ٿو:

> ”هو تڪڙو تڪڙو وڃي واهه جي ڪناري تي ويٺو ۽ جهڪي جلدي جلدي وضو ڪرڻ لڳو. هو جيئن جيئن جلدي ڪندو ويو، تيئن کيس محسوس ٿيو ته هو انهيءَ گپ ۾ ويهندو پيو وڃي ۽ گهڙيءَ کان پوءِ هو سڄو پاڻيءَ ۾ هو. الائجي ڇو ڪانئس دانهن نه نڪتي. هن پريان ويندڙ ڳوٺائين يا شفن وڏيري کي سڏ ڪيو ته مان پاڻيءَ ۾ ڪِري پيو آهيان، اچي مون کي ٻاهر ڪڍو. هاڻي هن جي لاءِ اهوئي قبرستان هو، اهوئي واهه جو ڪنارو، ماضي ۽ ماضيءَ جا رستا، پر هاڻ هو مٽين مٽيءَ هيٺ هو. پنهنجي پيءُ جهڙي قبر اندر، هن جي

قبر تي سندس پٽ انور صرف تي ڏينهن آيو.” (سنڌي، 1996ع: 16-17)

هيءَ ڪهاڻي حقيقي ڪهاڻي آهي، جيڪو ماڻهو غربت سبب پنهنجو ۽ پنهنجي ٻارن جو گذر سفر نٿو ڪري، اهو ان ئي فڪر ۾ مري وڃي ٿو. هيءَ سماج جي حقيقي ڪهاڻي لکي اٿس.

هن ڪهاڻيءَ کان پوءِ ’منوءَ جي ڪهاڻي‘ لکي اٿس، جيڪا پڙهڻ کان پوءِ معلوم ٿئي ٿو ته اها ڪهاڻي ٻين ڪهاڻين وانگر شاهڪار ڪهاڻي آهي. سندس ڪهاڻيءَ ۾ به هن هڪ معصوم ٻار جا جذبا بيان ڪيا آهن، جڏهن هو پهريون دفعو حويليءَ کان ٻاهر جو ماحول ڏسي ٿو ته تعجب ڪائي ٿو ۽ هي هڪ استاد جي سار سنڀال هيٺ رهي ٿو، جيڪو هندو آهي، پر ان استاد جي ڏيءَ هنن کي ڇڏي هندستان هلي وڃي ٿي.

حميد سنڌي ’منوءَ جي ڪهاڻي‘ ٻار جي جذبن کي هن طرح پيش ڪيو آهي:

> ”اڃا هو بيٺو ئي مس ته زور سان گهنڊ وڄڻ لڳو. هو وائڙن وانگر چوڌاري نهارڻ لڳو. پوءِ ڊوڙي ڪوٺي جي ٻي ڪنڊ تائين ويو ۽ پلئوڙي جي پيت ۾ ٺهيل ٽنگن مان ٻاهر نهارڻ لڳو. کيس گهٽو ڪجهه نظر نه آيو. هن پٺتي پيءُ ڏي نهاريو. پٽس ڪِلي چيو منو اهو اسڪول جو گهنڊ آهي. بابا اهو اسڪول ڇا ٿيندو آهي؟ ائين نوڪر اڇي پاسي ۾ بيٺو، ڇاهي گلو؟
>
> سائين استاد ڇاڱو مل آيو آهي.
>
> واهه واهه سڌ ڪرينس، منو! تنهنجو ماستر اچي ويو آهي. هاڻي اهوئي سڀ ڪجهه توکي سمجهائيندو ته اسڪول ڇا ٿيندو آهي.” (سنڌي، 1996ع: 18- 19)

هيءَ ڪهاڻي هڪ ٻار جي معصوم جذبن جي عڪاسي ڪري ٿي ته ڪيئن حويليءَ مان نڪري عام ماڻهوءَ واري زندگي ۾ ڪيترين ئي نين شين کي ڏسي ٻار کي تعجب ٿو ٿئي ته هو سوال ڪري ٿو. سندس پيءُ ۽ استاد ان کي سمجهائين ٿا.

هن کان پوءِ سندس ڪهاڻي ’خانو چور نه آهي‘ به سماجي ڪهاڻي آهي. هيءَ ڪهاڻي هڪ غريب ٻار جي آهي، جيڪو ٻين ٻارن سان اسڪول پڙهڻ لاءِ وڃي ٿو. هو نبل ڪمزور به آهي. سندس

اسڪول ۾ داداگير ڇوڪرا هئا، جيڪي غريب ڇوڪرن کان آنڪي وٺندا آهن ته خانو آنڪي پرڻ لاءِ چوري ڪندو آهي، پر جڏهن هنن داداگيرن اگهه وڌايو ته خانو انهن کي چوندو آهي ته هاڻي ڪير به پئسا نه پريندو ۽ خانو چور نه آهي. ائين چوڻ سان اهي داداگير ڇوڪرا ان کي مارين ٿا ۽ آخر تائين چوندو آهي هنن داداگيرن کي نه ڇڏيو ماريون، پر آخر ۾ هي مري وڃي ٿو. هيءَ به شاهڪار ڪهاڻي آهي. سنڌي ادب جي شاهڪار ڪهاڻين مان هڪ آهي. ڪيئن اهو غريب جو ٻار همٿ ڪري، انهن داداگير ڇوڪرن جو مقابلو ڪري ٿو. هي به هڪ ٻار جي معصوم جذبن جي عڪاسيءَ تي لکيل ڪهاڻي آهي.

حميد سنڌيءَ ڪهاڻي ’خانو چور نه آهي‘ ۾ حق ۽ سچ لاءِ آواز بلند ڪرڻ ۽ وڙهڻ کي هن طرح پيش ڪيو آهي:

”اڙي نورا، اڙي شمن، علڻ، رحيم ٻڌو ڪو به هاڻي پيرو ۽ سندس شودن جي آنڪي نه پريندو. هو ڏسو سامهون وڃي ٿو پيرو ۽ سندس شودن جو ٽولو، نه ڇڏيون دسيون. همت ڪيو، وَڌو- همت ڪيو. نينگرن هڪ ٻئي ڏي نهاريو ۽ پوءِ سٺ ڏيئي پيرو ۽ سندس ٽولي ڏانهن پڳا. آنڪي ڪير نه پريندو، وٺون نه ڇڏيون. هنن پوئتي خانوءَ ڏني نهاريو، جو رت ڳاڙيندو ٽڙندو ڏانهن آيو پئي. اچ ڏينهن پريان ڪمزورن جي سرسي ٿي هئي. هو هاڻ نعرا هڻي رهيا هئا. شودن پچڻ جي ڪئي، پر هنن اصل ڪٽي دسين. ڪين مرڻ جهڙو ڪري ڇڏيائون.“ (سنڌي، 1996ع: 30)

هن ڪهاڻيءَ ۾ ڪمزورن جي سرسي ٿي ۽ خانو خاموش اونڌو پيو هو، پر سندس چپن تي مرڪ هئي. ڇچريل ۽ رتائون منهن ٻهڪي رهيو هو.

ناصر مورائي ’جاڳ به تنهنجي جيءَ سان‘ ۾ هڪ عنوان ’حميد سنڌيءَ جي ڪهاڻين جا ڪردار‘ ۾ حميد سنڌيءَ لاءِ لکي ٿو ته:

> ”دنيا جا وڏا ڪهاڻيڪار پنهنجن موضوعن، ڪردارن ۽ اسلوب بيان مان سڃاتا ويندا آهن ۽ ان طرح منفرد هوندا آهن. حميد سنڌي اسان جي سنڌي ڪهاڻيڪارن ۾ منفرد ڪهاڻيڪار آهي. هن جيئن ته ننڍپڻ سنڌ جي ڪيترن ئي شهرن، ڳوٺن ۽ واهڻن ۾ گذاريو آهي ۽ اتي تعليم به حاصل ڪئي ته سندس لاشعور ۾ انهن شهرن، ڳوٺن ۽ واهڻن ۽ اتي رهندڙ ماڻهن جون يادگيريون آباد آهن. سندس انهن ٻالجتي جي مشاهدن ئي کيس هڪ ڪهاڻيڪار بنائي ورتو آهي.“ (سنڌي، 1996ع: 11)

هن ڪهاڻيءَ کان پوءِ ’ڪُچان ته ڪوڪ ٿئي‘ ڪهاڻي لکي اٿس. هيءَ به سماجي ڪهاڻي آهي. هيءَ به هڪ غريب ماڻهوءَ جي ڪهاڻي آهي. پهرين ته هي حويليءَ ۾ ڪم ڪندو آهي، پوءِ وري پنهنجي هوٽل کولي گهر جو خرچ هلائيندو آهي. هن کي ٽي ٻار هوندا آهن، پر هن کي سلهه جي بيماري ٿيندي آهي ته سندس گهر واري ماڻهن جي گهر جو ڪم ڪار ڪري گهر هلائيندي آهي. زميندار جو پٽ سندس علاج ڪرائي ٿو.

هيءَ سماجي ڪهاڻي آهي، جيڪا بُک، بيروزگاري، غربت ۽ بيماريءَ جي مسئلن کي عيان ڪري ٿي. سماج جي حقيقي ڪهاڻي لکي اٿس.

حميد سنڌيءَ جي هيءَ ڪهاڻي ’چور ڪير ساڌ ڪير‘ شاندار ڪهاڻي آهي، جنهن ۾ مذهب جي آڙ ۾ حاجي صاحب پنهنجي اصليت لڪائي ويٺو آهي. شاهه محمد جيڪو سيٺ هو، ان وٽ مائي جنان پنهنجي پٽ کي ڇڏرائڻ لاءِ منٿون پيئي ڪري، ڇو ته مائي جنان جي پٽ شاهه محمد جا پئسا چورايا هئا. شاهه محمد ان جي پٽ کي پوليس جي حوالي ڪري ٿو، پر پوءِ اها مائي انهن ٻنهي جي اصليت ماڻهن کي ٻڌائي ٿي ته هي نورپور جا مشهور چور آهن، ٻئي شهر اچي سيٺ ٿي ويا آهن. جنان شاهه محمد جي زال هئي. هوءَ شاهه محمد جي چوريءَ جي عادت کان گهران نڪري ويئي ۽ ڪيترن سالن کان پوءِ ملي هئن. هاڻي هوءَ چور هئي ۽ هو ساڌ هئا.

حميد سنڌيءَ ڪهاڻي ’چور ڪير ساڌ ڪير‘ ۾ ڪردارن جي اصليت کي هن طرح وائکو ڪري ٿو:

> ”مائيءَ هيڏو ميڙ ويندي ڏٺو ته وري بر ٿي ويئي. اڙي بابا ٻڌو ائين نه وجهو، نه هاشم سيٺ آ نه حاجي وڏو ماڻهو آ. ٻئي نورپور جا مشهور چور ڳنديچوڙ آهن. هن شهر ۾ اچي وڏا ماڻهو ٿيا آهن. هنن جو اصل نسل ته ٻڌو بيهو.
>
> هاڻ هاشم وري پنهنجي دڪان مان نڪري سُري آيو. سڌو اندر حاجي وٽ وڃي بيٺو. واهه حاجي واهه! واهه جي پنهنجي ۽ ٻين جي عزت ڪرائي اٿئي. تو ڪيس سڄاتو به نه. هو سندس گهر کان ڀڳل زال هئي. هوءَ سندس چوريءَ جي عادتن کان ڀڳي ۽ ساڌ بڻجڻ لاءِ جبل جهاڳڻ نڪري پيئي. اڄ هو ساڌ هئا، ۽ هيءَ چور هئي.“ (سنڌي، 1996ع: 42-43)

هن اهڙن مڪالمن سان ڪهاڻيءَ جي پڄاڻي ڪئي آهي، جنهن گهڻو تاثر ڇڏيو آهي. هن جون اهڙيون ڪهاڻيون ڪيس ٻين ڪهاڻيڪارن کان الڳ حيثيت ڏيارين ٿيون. افسانوي ادب جي تاريخ ۾ ڪيس انفرادي اسلوب ۽ انداز وارو ڪهاڻيڪار بڻائين ٿيون.

هن ڪهاڻيءَ کان پوءِ حميد سنڌيءَ جون ڪجهه ڪهاڻيون ڊرامائي تاثر رکن ٿيون. انهن ۾ اهم ڪهاڻي 'تنهنجو سفر منهنجو سفر' فيڊلائين جي هڪ مسافر جي ڪهاڻي آهي، جيڪو صبح جو ريل گاڏيءَ ۾ ڳوٺ وڃي ٿو ته هڪ اسٽيشن تي هڪ ڪنوار، هڪ اڌڙوٽ ۽ هڪ نوجوان ملن ٿا. هن ڪهاڻيءَ جي ٽيڪنڪ جو اهو ڪمال آهي جو اهو واقعو اهڙي حالت ۾ ٿئي ٿو، جو ريل گاڏيءَ ۾ پوري روشني نه آهي ۽ انهن جا مهانڊا به نظر نٿا اچن، پر ان جي قد ۽ عمر جو اندازو لڳائي سگهجي ٿو ۽ فيڊر لائين وارو واپس اچي ٿو ته ان کي جيڪي صبح ماڻهو مليا، اهي ئي ملن ٿا، پر هاڻي گهوٽ نوجوان آهي ۽ وڏي عمر واري ڪنوار آهي ۽ هو پنهنجي ڀيڻ کي ياد ڪري سمهي پوي ٿو. هيءَ ننڍي ڪهاڻي ٽيڪنڪ ۽ موضوع جي لحاظ کان تمام وڏي آهي. نه واقعو، نه ڊائلاگ، رڳو چار ڪردار – اها اڄوڪي سنڌ جي سماج جو ناسور آهي ته اڻ برابري، اڌڙوٽ سان ننڍي ڇوڪريءَ جي شادي ۽ نوجوان سان وڏي عمر واري عوت جي شادي ۽ ڏي وٺ ڪن ٿا.

حميد سنڌي 'تنهنجو سفر منهنجو سفر' ڪهاڻيءَ ۾ ڪردارن جي بيوسيءَ کي هن طرح ظاهر ڪيو آهي:

> "ادا او ادا! منهنجي ننڍڙي ڀيڻ سڪيلڌي مومل جو خيال ڪجان. ائين چئي هن دروازو بند ڪيو ۽ اندر اچي اوڇنگارون ڏيئي روئڻ لڳو. گاڏي هلي، ته به هو سُڏڪندو رهيو. برقعي واري عورت جيڪا هاڻ سمجهيم ته سندس ڪنوار آهي، اٿي اچي هن جي پاسي ۾ ويٺي. هن برقعي جو مٿيون حصو لاهي ڇڏيو ۽ پوءِ هن نينگر کي آهستي وٺي هنج ۾ ليٽائي ڇڏيو. اهو نينگر ننڍي ٻار جيان، جيڪو ماءُ جي هنج ۾ هڙڪندو ۽ سڏڪندو آهي، ان وانگر پئي رنو. گاڏي اچي وڏي اسٽيشن کي ويجهو ٿي ۽ روشنيءَ جا ڀاڇولا نهڻ لڳا. گاڏيءَ ۾ روشني اچڻ لڳي. مون ٿورڙو نئڙي ڏٺو، مائي ويچار ۾ هئي. هن جيئن منهن هن پاسي ڪيو ته مان ڇرڪي ويس. هيءَ عورت وڏي عمر جي پڪي مائي هئي. گاڏي جيئن بيٺي ته اهي ئي ڏهل شرنايون ۽ ماڻهن

جو گوڙ هو. جوانڙو اٿيو، آرس پڳائين، زال کي برقعو پارايائين، پوءِ پليٽ فارم تي لاٿائين.“ (سنڌي، 1996ع: 47-48)

هيءَ ڪهاڻي سماجي حقيقت تان پردو کڻي ٿي. هڪ يتيم ڇوڪريءَ جي شادي وڏي عمر واري سان ٿئي ٿي ۽ ان جي پاءُ جي شادي به انهيءَ وڏي عمر واري عورت سان ٿئي ٿي. سنڌي سماج ۾ ڏي وٺ تي شاديون ٿين ٿيون، تنهن مان ڪي شاديون ڪامياب ٿين ٿيون، ڪي ناڪام.

هن ڪهاڻيءَ کان سنڌس ڪهاڻي ’اسان اڏارا آٽي اونگ چاڙهيا‘ به معاشري جا عڪس پيش ڪري ٿي ۽ سماجي ڪهاڻي آهي. هيءَ ٻن دوستن جي ڪهاڻي آهي. خدا ڏنو پنسارڪو دڪان هلائيندو آهي، جنهن وٽ نياز ڪم سکي ٿو. نياز ٻه شاديون ڪيون آهن ۽ ٽين شادي به ڪري ٿو، پر هاڻي سنڌس صحت خراب ٿئي ٿي ۽ اهو مري وڃي ٿو، پر سنڌس دوست خدا ڏني شادي ڪانه ڪئي. هو هاڻي نياز جي گهر ايندو هو ۽ هاڻي نياز جي سڄي ملڪيت هن کي هٿ آئي. پوءِ آهستي آهستي هن نياز جي گهر وڃڻ ڇڏي ڏنو، پر هڪ ڏينهن نياز جي ٽين زال گهر کان پنهنجن ٻارن کي وٺي خدا ڏني کي چوي ٿي ته هي سيٺ خدا ڏنا هي رئيس الله بخش آهي، منهنجو مڙس اٿئي، جي نياز جي ملڪيت مان حصو نه ڏيندين ته آندا ڪڍرائي ڇڏينديمانءِ سمجهيئه.

هيءَ هڪ اهڙي ڪهاڻي آهي، جنهن ۾ هڪ ماڻهو مري وڃڻ کان پوءِ سنڌس گهر جي حالت کهڙي ٿئي ٿي. هن ڪهاڻيءَ جو تاثر حقيقي زندگيءَ جي عڪاسي ڪري ٿو.

هن کان پوءِ سنڌس ’زوراور‘ ڪهاڻي آهي. هيءَ هڪ درزيءَ جي ڪهاڻي آهي، جيڪو وڏن جي ڪٽيل (الٽر) ڪپڙن مان ٻارن کي ڪپڙا ٺاهي ڏيندو هو ۽ حويليءَ ۾ ڪم ڪندو هو. حويليءَ جا ماڻهو ان سان گڏ گهڻو رلي ملي ويا ۽ هن درزيءَ جو هڪ جملو مشهور هو: ”وڏو ڪو زوراور آهين سائين“.

هن ڪهاڻيءَ کان پوءِ سنڌس شاهڪار ڪهاڻي ’زبرو ڏڪ‘ آهي. هن ڪهاڻيءَ ۾ هڪ حجامڪو ڪم ڪندڙ کي ڪتن پالڻ جو گهڻو شوق هوندو آهي، پر آخر ۾ اهي ئي ڪتا ريس ۾ هارائي زخمي ٿين ٿا ۽ پاڻ به زخمي ٿئي ٿو.

تنوير عباسي، حميد سنڌيءَ جي ڪهاڻي ’زيرو ڊڪ‘ جي ڪردار تي جيڪو حجامڪو ڪم ڪندو آهي، پر ڪيس ڪتن پالڻ جو به خفت آهي، لکي ٿو ته:

”انهيءَ ڪهاڻيءَ ۾ حميد نه فقط ڪردار نگاريءَ جو ڪمال ڏيکاريو آهي، پر انهيءَ طبقي جي خفتين جي ٻوليءَ کي ڊائلاگن ۾ محفوظ ڪري ڇڏيو اٿائين.“ (مرزا، 2016ع: 391)

سندس ڪهاڻين ۾ اهي ڪردار اسان جي روزمرهه جي زندگيءَ جي اپٽار ڪن ٿا. سندس ڪردار سماج مان ئي ڪنيل آهن.

حميد سنڌيءَ ’زيرو ڊڪ‘ ڪهاڻيءَ ۾ ڪتن جي شوقينن ۽ سندن سوچ ۽ عمل کي هن طرح پيش ڪيو آهي:

”سائين هاڻ بس ٿا ڪيون، سوئر ڪاري ڪري ڇڏي آهي، ڏاڍا پلوڙ ماريا اٿئون.

رئيس! ڇڏڻو ناهي، هاڻي ڊڪيو به آهي، ڇڏيوس نه.

ائين ڪندي ڏنم ته نبن پاڻ ميدان ۾ لٿو، ڪنهن رڙ ڪيس، استاد نبن ايڏانهن نه ايڏانهن نه.

يار شينهن ٿا مرن. سوئر جي گهمري هجي، بر ٿيو بيٺو هو. بس نبن جيئن ڊڪيل ڪتن کي ڪٽڻ لاءِ نئڙيو ته سوئر ڦير ڏيئي اچي ڪڙڪيس. بس ڪنيو ويس، وچي ڪوٺ جي ڪنڊ ڪان ڪڍيائينس. چوڏاري رڙ مچي ويئي. ڪئين ڪتا ڊڪيا پيا هئا. اسان جو استاد نبن ڊڪيو پيو هو. استاد هي کهڙو قهر ڪيئه. منهنجي اکين ۾ پاڻي هو. سائين هي ٻُلٽري ٻچا ڪري پاليا اٿم. اصل جهڙي اچي ويم. ڏاڍا وٽندا هئم، ٻچا مارائڻا نه هئا. مون هڪ ڏينهن استاد کي چيڙائڻ لاءِ چيو: استاد هي ٻُلٽري به لوسي ٿي ويو آهي.“ (سنڌي، 1996ع: 72-73)

هن ڪان پوءِ ”جاڳ به تنهنجي جيءَ سان“ جي مجموعي جي ڪهاڻي ’چوري ساڻ چسن‘ لکي آهي. هڪ هاريءَ جي ڪهاڻي آهي، جنهن جا ٻه پٽ به هاري آهن، پر انهن ٻنهي پٽن مان هڪ پٽ هوشيار ۽ ڍڳن جي چوريءَ جو ماهر هوندو آهي. هُن ڳوٺ جي ڇوڪريءَ کي اغوا ڪري ورتو، جنهن ڪري زميندار ان کي مارائي ۽ ان جي موت کي ايڪسيڊنٽ قرار ڏيئي روڊ تي اڇلرائي ڇڏي ٿو، سندس پيءُ ڏاڍو

پريشان آهي. هيءَ به سماجي ڪهاڻي آهي ته زميندار پنهنجي مفاد لاءِ ڪيئن غريب ماڻهن جون خون ڪرائين ٿا ۽ عيش سان زندگي گذارين ٿا.

تنوير عباسي ’جاڳ به تنهنجي جيءَ سان‘ جي مهاڳ ۾ حميد سنڌيءَ لاءِ لکي ٿو:

> ”ڪهاڻيءَ ۾ توازن پيدا ڪرڻ ڪهاڻيڪار جي فني مهارت جو ثبوت آهي. حميد جا ڪردار اهڙا آهن، جهڙا توهان ۽ مون ڏٺا آهن – فطري ۽ اڻ اُپاريل.“ (سنڌي، 1996ع: مهاڳ)

حميد سنڌي ’چوري ساڻ چسن‘ ڪهاني زميندار ۽ هاريءَ جي پٽ تي لکي آهي:

هن ڪهاڻيءَ ۾ ڏيکاريو ويو آهي ته زميندار ڪيئن غريب ماڻهن کي ماري ڇڏين ٿا. هن ڪهاڻيءَ جي پڄاڻي هن هاريءَ جي موت سان ٿئي ٿي.

هن ڪان پوءِ سندس ڪهاڻي ’اسان تي الزام آندا جڳ جيئڻ جا‘ لکي آهي. هيءَ ڪهاڻي به زميندراي نظام تي لکيل آهي. هن ڪهاڻيءَ ۾ ڏيکاريو ويو آهي ته ملڪيت جي ڪري زليخا کي ويهاري ڇڏين ٿا، جيڪا وهمن وسوسن ۽ ذهني مونجهاري جو شڪار ٿئي ٿي. هن ڪهاڻيءَ ۾ زليخا جي داخلي ڪيفيتن ۽ مونجهارن کي بيان ڪيو ويو آهي.

حميد سنڌيءَ جي ڪهاڻي ’اسان تي الزام آندا جڳ جيئڻ جا‘ زميندراي ظلم کي هن طرح پيش ڪري ٿي:

> ”زليخان پنهنجي خوابن جي شهزادي سان ڳالهيون پئي ڪيون. هوءَ هن دنيا کان پري، پرين جي ديس ۾ ويئي هئي. سندس شهزادو ڪانئس پري نه هو. انهيءَ جوان جنهن جو وري رنگ ڀورو ۽ شڪل سهڻي هئس ۽ ڪنن ۾ ڪيوٽيون هئس، زليخا کي ڏڪندو ڏٺائين ته مٿان ڪٽي ڪٽي ورايائينس. هوءَ سڄي ويڙهجي سيڙهجي ويئي. هوءَ آهستي آهستي هوش ۾ ايندي پئي ويئي. هن ڳيتون ڏيئي رڙ ڪرڻ چاهي: جن، جن – پر ڪانئس صرف ڀڙڪو نڪتو، جيڪو هن ٻڌو. ڀوري جوان سندس منهن تي هٿ ڏنو. ها اسين جن آهيون، ڪوهه سليمان کان آيا آهيون. مان جنات

جي بادشاهه جو پٽ آهيان. هي منهنجو وزير آهي. اسين پرين جهڙي شهزادي کي نقصان نه پهچائينداسين.” (سنڌي، 1996ع: 70-80)

پر آخر ۾ اهي ٻئي جوان مارجي وڃن ٿا ۽ اها زليخا انهن جي خيالن، سوچن ۾ پنهنجي سڄي زندگي گذاري ڇڏي ٿي. جيئن ته سنڌي سماج جو اهو ناسور رهيو آهي ته زميندار ملڪيت جي ڪري پنهنجين ڌيئرن ۽ ڀينرن جي شادي نٿا ڪن، جنهن ڪري اهي ذهني مسئلن جو شڪار ٿين ٿيون.

هن ڪان پوءِ سندس ڪهاڻي ’پرديسي پکيئڙا‘ لکي آهي. هيءَ به حميد جي شاهڪار ڪهاڻي آهي. هيءَ هڪ باغائي جي ڪهاڻي آهي، جيڪو پنهنجي پٽ کي چوي ٿو ته سچل ڪانياٽي هلائيندي ڪنهن پکيءَ جو ڪنپ ڪِريو ته سمجهه وڏو ڪِيس ڪري ڇڏيئه. خاص طرح وهين جو خيال ڪجانءِ. هي پتڪڙو پورڙو پکي پرديسي اٿئي، پر اهو ٻار آخر ۾ ان پکيءَ جا ڪنپ ٽوڙي ٿو ۽ سندس پيءُ اهو چئي مري وڃي ٿو ته هر هڪ پرديسي آهي.

حميد سنڌي ڪهاڻي ’پرديسي پکيئڙا‘ ۾ پکين سان محبت جي جذبي کي هن طرح پيش ڪيو آهي:

”هن ڪيترن سالن کان وهين کي قطارون ڪندي، ڪتل جي مند ۾ ڪجين جي چوڌاري لامارا ڏيندي، ٻن ڳڙين خاطر جان جوکم ۾ وجهندي ڏٺو ۽ سندس پيءُ ٻچل باغائي جا ڏڪ بچائيندي ڏٺو. هي پهريون سال هو جو ٻچل بيماريءَ سانگي سچل کي ڪانياٽي سونپي هئي. پر هن هدايت سان ته سچل! ڪانياٽي وهندي، پر ڪنهن پکي پکڻ جو ڪنپ ڪِريو، سمجهه ته ڪِيس ڪري ڇڏيئه: خاص طرح وهيي جو ته خيال ڪجانءِ. هي پتڪڙو پورڙو پکي، پرديسي اٿئي. سچل حيران ٿي پڇيو هيس: پر بابا! هي پکي ته هتي جو آهي، پرديسي ڪيئن ٿيو؟

نه من! ڏورانهين ملڪ جو پتڪڙو پکي آهي. هي ڪتل جو عاشق آهي. ڪي سوين ڪوهه لتاڙي ڪجين جي باغ ۾ اچيو منزل هٽي. ڪتل جون ٻه ڳڙيون سندس شوق به آهي ۽ پيٽ پوڄا به.” (سنڌي، 1996ع: 83)

هيءَ باغائي جي ڪهاڻي آهي، جيڪو پکين سان پيار ڪري ٿو، پر هاڻي بيماريءَ سبب پنهنجي پٽ کي ڪانپاٽي ڏئي ٿو. هيءَ شاندار ڪهاڻي پنهنجو پرپور تاثر ڇڏي ٿي.

هن ڪهاڻيءَ کان پوءِ ’ڪاڪ ڪنڌي قبرون‘ ڪهاڻي لکي اٿس. هيءَ ڪهاڻي هڪ سماجي ڪهاڻي آهي، جنهن ۾ هڪ جعلي ڊاڪٽر آهي، جيڪو سڄي عمر غريبن، يتيمن، بيواهن جي ملڪيت ڦٻائي ٿو ۽ سندس مائٽ ڪچري لاءِ کڏ کوٽين ٿا، پر هي انهن سان وڙهڻ وڃي ٿو. جيئن ڪاٺ جي ڏاڪڻ تان لهي ٿو ته ڏاڪڻ ٽڙڪو ڏيئي پڇي پوي ٿي ۽ انهيءَ کڏ ۾ ڪِري مري وڃي ٿو.

حميد سنڌيءَ ’ڪاڪ ڪنڌي قبرون‘ ڪهاڻيءَ ۾ ملڪيت جي لالچ ۽ ڪردارن جي انت کي هن طرح ظاهر ڪيو آهي:

> ”هو ڪا گهڙي آواز کي ٻڌندو رهيو. پوءِ انهيءَ رخ ۾ ٽپو ڏيئي بيهي رهيو. هن يڪدم هڪل ڏنس: اڙي ڪهڙو آهين؟ معصوم علي تون! مُڙين نٿو، وري ڇا کي لڳو آهين؟
>
> معصوم علي ڪا گهڙي چُپ رهيو، پوءِ ڏاڍيان رڙ ڪري وراڻيائين: تنهنجي قبر ٿو کوٽيان شهباز علي. شهباز ڪا گهڙي چپ رهيو. ٽارچ گهمايائين، ڪانئس رڙ نڪري ويئي. ٻه وڏيون کڏون کوٽيل هيون، سي به قبضي واري پلاٽ ۾. ڊاڪٽر شهباز علي ٻنهه ڳاڙهو ٿي ويو. اڙي معصوم علي، موت ڪنيو اٿئي! تون پرائي پلاٽ ۾ بيهي کڏون ٿو کوٽين، گولي هڻندومانءِ. . . هو يڪدم بندوق کڻڻ هيٺ ڊوڙيو. تڪڙ ڏاڍي هيس، پر اڳيان به پُل صراط جهڙي ڏاڪڻ هيس. ڏاڪڻ لڏندي لمندي ٺڪاءُ ڏنو ۽ شهباز علي ڪپيل وڻ وانگر ڳاٽي ڀر هيٺ ماڙيءَ تي اچي ڪِريو.“ (سنڌي، 1996ع: 94-95)

هن ڪهاڻيءَ جا ڪردار جاندار آهن، پر آخر ۾ هيءَ ڪهاڻي شهباز جي انت سان ختم ٿئي ٿي، ڇو ته ظالم ڪيترو به طاقتور ڇو نه آهي، آخر ۾ ان جو انت ضرور ٿيڻو آهي.

هن مجموعي جي ڪهاڻي ’جاڳ به تنهنجي جيءَ سان‘ جيڪا هن مجموعي جي ناليواري ڪهاڻي آهي، هيءَ به سماجي ڪهاڻي آهي. هيءَ يتيم ڇوڪريءَ جي ڪهاڻي آهي، جنهن کي ناني پالي ٿي. ان ڇوڪريءَ جو پيءُ ٻي دفعا پئسن عيوض سندس رشتو طئه ڪري ٿو،

پر سندس نانيءَ جو مائٽ امير هوندو آهي، سندس زال مري ويندي آهي ته ناني ان سان پنهنجي ڌوهٽيءَ جو نڪاح ڪري ٿي، پر آخر ۾ ٻئي مري وڃن ٿا.

حميد سنڌي ’جاڳ به تنهنجي جيءَ سان‘ ڪهاڻي يتيم ڇوڪريءَ تي لکي آهي:

شاهه بانو ڪي سليم شهر وٺي وڃي ٿو ته سندن ٽرڪ سان ايڪسيڊنٽ ٿئي ٿو. ٻئي اتي ئي مري وڃن ٿا. هي به زماني جو دستور رهيو آهي ته پيءُ نشي جو عادي آهي، روزگار نه هئڻ ڪري پنهنجي نياڻيءَ جو سڱ پئسن عيوض وڪرو ڪري ٿو. هيءَ ڪهاڻي به سماجي حقيقت تي مبني آهي، ڇو ته پئسن عيوض پنهنجين نياڻين جو سودو ڪن ٿا، پر حميد سنڌيءَ جي اڪثر ڪهاڻين جو انت مرڻ سان ٿئي ٿو. سندس ڪهاڻيءَ ۾ سادي سلوڻي ٻولي استعمال ٿيل آهي. هن جي ڪهاڻين جا ڪردار سڀ سماج مان ئي کنيل آهن.

تنوير عباسي ’جاڳ به تنهنجي جيءَ سان‘ جي مهاڳ ۾ حميد سنڌيءَ لاءِ لکي ٿو ته:

> ”حميد پنهنجي سهيوڳين ۾ هڪ انوکي اسلوب جو مالڪ آهي، جنهن جي ڪهاڻين جا ڪردار، ماڳ ۽ انهن جو ماحول سنڌ جي سماجي تاريخ جو هڪ اهم باب آهي.“ (مرزا، 2016ع: 244)

حميد سنڌيءَ جي ڪهاڻين جو مجموعو ”درد ونديءَ جو ديس“ هي ڇهون مجموعه آهي، جيڪو زندگي پبليڪيشن وارن 2002ع ۾ ڇپرايو آهي. هن مجموعي ۾ ڪُل ڏهه ڪهاڻيون لکيون اٿس. هن مجموعي ۾ مختلف ليکڪن لکيو آهي، جيئن ته حميد سنڌي لکيو آهي ’سنڌ جي تاريخ جا پنا اڇا ناهن‘ – ليکڪ. ان کان پوءِ آغا سليم لکيو آهي ’حقيقت پسند ڪهاڻيڪار‘ ۽ پوءِ قمر شهباز لکيو آهي ’حميد – اڻٽڪ انسان‘ ۽ ان کان پوءِ ماهتاب محبوب لکيو آهي ’پارس جهڙو شخص ۽ سچائين جي آرسي‘ ۽ آخر ۾ سليم خواجه لکيو آهي ’پاڻ سچي رکڻ جي واٽ‘ وغيره.

هن جون ڪهاڻيون سنڌ جي مٽيءَ مان کنيل آهن. سادي، سچي ۽ کري نموني سان ڪردار جي اندروني ڪيفيت ۽ حقيقي واقعن کي بيان ڪيو اٿس. هن جا افسانا واقعاتي، ڪرداري ۽ سماجي حقيقت تي مبني آهن.

’زماني جو دستور‘ ڪهاڻي شمن باغائي جي آهي، جيڪو حويليءَ ۾ ايندو ويندو هو. حويليءَ ۾ سؤٽ ۽ پيڻ ڏنل هيون. شمس انهن جي پاڙي ۾ انگور ڪپائيندو آهي، پر سندس سؤٽ چوندي اٿس ته انگور ڪٽا آهن ۽ ان ڪي گهٽ وڌ ڳالهائي ٿي، انڪري هو ان کان هميشه لاءِ ناراض ٿي وڃي ٿو، پر هاڻي گهڻي وقت کان پوءِ ان جو پٽ اهي انگور ڪپائي ٿو. جڏهن هي ان کان سندس پيءُ جو پڇي ٿو ته هو وراڻي ٿو ته اهو بيمار آهي ۽ جڏهن هن جو پٽ انگور ڏئي ٿو ته سندس پيڻ چوي ٿي ته انگور ڪٽا آهن.

حميد سنڌي ’درد ونديءَ جو ديس‘ جي پهرين ڪهاڻي ’زماني جو دستور‘ ۾ غريب پورهيت ماڻهن جي زندگيءَ کي هن طرح پيش ڪيو آهي:

> ”مامو اڄ بي حال هو. سندس پٽ به ڇهو ڪنيو پيو هوڪا ڏئي. سوچن جي دهشتي درياهه مان نڪري واپس چونڪ وٽ پهتس ۽ ڏٺم ته نينگر ڪونه هو. پٺ ورائي مامي جي گهر ڏي ڏٺم. دم نه جهلي سگهيس. ڪهڙي منهن سان وڃان يا ڪا ٻي ويل وڃان. سندس نينگر به ته ڪونهي؟ اهي ويچار ويچاريندو گهر پهتس ته ڏسان در کان ٿورو پرڀرو مامي شمن جو پٽ ڇهو ڪنيو بيٺو آهي. اڙي بابا تون هت بيٺو آهين. مان توکي اتي پيو ڳوليان. پڇهين بيمار آهي، پڇڻ هلونس ها.“ (سنڌي، 2002ع: 46)
>
> ميمڻ عبدالمجيد سنڌي لکي ٿو ته:
>
> ”حميد سنڌي هن دؤر جو وڏو ڪهاڻيڪار آهي. گهڻو ڪري واقعاتي ڪهاڻيون لکيون اٿس.“ (ميمڻ، 2006ع: 185)

هن ڪهاڻيءَ ۾ اهو ڏيکاريو ويو آهي ته غريب ڪيئن محنت ڪري باغ مان انگور آڻي ٿو، پر وٺڻ وارا چون ٿا ته انگور ڪٽا آهن. اهو ئي زماني جو دستور آهي ته غريب جا انگور هميشه ڪٽا نڪرن ٿا.

هن ڪهاڻيءَ کان پوءِ سندس ٻي ڪهاڻي ’بند ڪتاب جو بند باب‘ لکيل آهي. هيءَ ڪهاڻي ٻن چاهيندڙن جي آهي. هي هڪ ليکڪ، استاد، وڏي عمر وارو ۽ شادي شده هو، پر هڪ ڇوڪري جيڪا هن کان عمر ۾ ڪيترائي سال ننڍي هئي، ان کي شاديءَ جي آڇ ڪري ٿو، پر هوءَ ڪنهن ٻئي سان شادي ڪري ٿي. آخر ۾ خيال ايندو اٿس ته هوءَ ان

سان ملڻ ويندي آهي، پر اهو ماڻهو ڪينسر جي بيماريءَ سبب ڳالهائي نٿو سگهي ۽ انهيءَ جي گهر واري کي هميشه لاءِ ڳوٺ موڪلي ڇڏيو اٿس. هوءَ چوي ٿي ته گل تون مون سان منهنجي گهر هل پر هي نه ويندو آهي.

حميد سنڌيءَ ڪهاڻي ’بند ڪتاب جو بند باب‘ ۾ ٻن چاهيندڙن جي احساس کي هن طرح ظاهر ڪيو آهي:

”گل سائين، توکي هي ڇا ٿي ويو آهي؟ تنهنجي سڄي حياتي هوندي ئي خالي ۽ اڪيلي، پر هيئن بنهه پڙپانگ ٿي ويندي، مون بنهه نه سوچيو هو. مڃان ٿي ته ڏوهه منهنجو آهي. گناهگار آهيان، ڏوهاري آهيان، پر ائين ڪبو آهي جو ٿي سال اڳ تنهنجي آڏو ڪيل هڪ اعتراف ۽ هڪ انڪار کان پوءِ تو اها سزا ڏني جو تون بنهه گم ٿي وئين. تنهنجي گهر جا سڀ ڀاتي جڻ ته تنهنجي وجود کان انڪاري هجن. ائين پئي لڳو ته تنهنجي اندر دفن ٿيل راز کان آگاهه ٿي ويا هجن. هنن توکي شايد اها سزا ڏني آهي جو تنهنجي پنهنجي ڳوٺ جي هن پراڻي گهر ۾ توکي دفن ڪري وساري ڇڏيو آهي.“ (سنڌي، 2002ع: 50)

هي گلي تان ڪپڙو هٽائي ڏيکاريندو اٿس ۽ اشارن سان چوندو اٿس ته هن کي گلي جو ڪينسر آهي، جنهن وجه سان هي ڳالهائي نٿو سگهي. سندس گهر وارن به ناتو ٽوڙي ڇڏيو آهي.

حميد سنڌي هن مجموعي جي ڪهاڻين بابت لکي ٿو ته:

”هي ڪهاڻيون تهدر نيون هوندي به سنڌ جي مٽي ۽ پاڻيءَ سان ڳوهيل جيئرن جاڳندن ساهوارن جا اهي داستان آهن، جيڪي مون من ۾ دفن ڪري ڇڏيا هئا. هي ڪردار ايترا ته طاقت وارا رهيا آهن، جو نيٺ مون کي مجبور ڪيائون ته سندن بابت لکان.“ (سنڌي، 2002ع: مهاڳ)

حميد سنڌي جيڪي ڪهاڻيون لکيون آهن، اهي حقيقي واقعن ۽ ڪردارن ۽ سماج مان ئي کنيل حقيقي ڪهاڻيون آهن.

ڊاڪٽر شمس الدين عرساڻي، حميد سنڌيءَ بابت لکي ٿو ته:

> ”ڪنهن دؤر ۾ هن ادبي ۽ قومي سجاڳيءَ جي تحريڪن ۽ سنڌي ادب ۽ ڪلچر جي ترقيءَ لاءِ سر ٽوڙ ڪوششون ڪيائين.“ (عرساڻي، 1982ع: 283)

هن کان پوءِ ’درد ونديءَ جو ديس‘ جي ٽين ڪهاڻي ”ٽيس ڏهاڳڻ ڏيهه ۾“ لکي آهي. هيءَ ڪهاڻي هڪ پنگياڻي جي ڪهاڻي آهي، جيڪا سيد نصير وٽ رهي ٿي ۽ سڄي زندگي انهيءَ لاءِ وقف ڪري ڇڏي ٿي ۽ آخر ۾ اهو سيد مري وڃي ٿو. هيءَ ڪهاڻي سماجي ڪهاڻي آهي. هن وٽ يادگيرين جو هڪ سمونڊ موجود آهي، انهن يادگيرين کي هو ڪهاڻين جي روپ ۾ آڻي ٿو.

حميد سنڌيءَ ڪهاڻي ’ڏهاڳڻ ٽيس ڏيهه ۾‘ ۾ شاهه نصير جي درگاهه تي صفائي ڪندڙ عورت جي احساسن کي هن طرح پيش ڪيو آهي:

> ”سائين منهنجي ماءُ هن درگاهه تي رتيديري کان اچي ڳائيندي هئي. جهوني ٿي ته هتي ئي ٻهاريدار بڻي. مون کي به رتيديري مان آڻي هت ويهاريائين. تڏهن درگاهه وسيل هئي. ڇا ته ميلا هئا، ڇا ته مٽيادار ماڻهو هئا. مون به اتان پرايو ۽ ڳائڻ لڳيس. ماءُ سان گڏ سائين شاهه نصير جو هيءُ اڱڻ ٻهارڻ لڳيس. اسين درگاهه جا ٻهاريدار آهيون. مٺل سائين جڳ پلي پنگي چوي، کهڙي خبر ته ڪير کهڙو ۽ ڪيترو گند ٻهاري ٿو. سائينءَ جو ڪٽي سيني لاتو ته سمجهان ٿي ته مان اندران ڪاري ٻاهران ڪاري سڄي اچي اجري ٿي پيئي آهيان. مٺل سائين منهنجي سائينءَ لاءِ دعا ڪجان. منهنجو هن کان سواءِ ڪير به ڪونهي.“ (سنڌي، 2002ع: 63)

هن جون ڪيتريون ئي ڪهاڻيون سماجي پسمنظر ۾ لکيل آهن. جڏهن پير جي درگاهن تي ميلا لڳندا هئا، انهن ڏينهن جي ڳالهه آهي. پر سندس مائٽ ملڪيت تي وڙهن ٿا. هن پير نصير شاهه جي ملڪيت تي قبضو ڪن ٿا ۽ آخر ۾ هي غريب ٿي وڃي ٿو ۽ مري وڃي ٿو.

خواجه سليم ’درد ونديءَ جو ديس‘ ۾ هڪ عنوان ’پاڻ سچي رکڻ جي واٽ‘ لکيو آهي. حميد سنڌيءَ جي ڪهاڻين بابت لکي ٿو ته:

”حميد وٽ پاڻءِ ته ڪائي ڪئميرا آهي، جيڪا ڪردارن جا، واقعن جا هڪ پاساوان عڪس جهٽيندي هلي ٿي، پر اها درد وندي ديس وٽ پهچي ٿي ته منجهس چڻ ته وڏيڪ لينس لڳي وڃن ٿا ۽ ان جا جهٽيل عڪس گهڻ پاساوان ٿي وڃن ٿا.“ (سنڌي، 2002ع: 40)

سندس ڪهاڻيون سماجي پسمنظر ۾ لکيل آهن. هن جي ڪهاڻين جا ڪردار اهڙا آهن، جيڪي اسان کي ڏٺل وائٺل آهن. اهڙن ڪردارن سان اڄ به اسان جو واهپو آهي.

ماهتاب محبوب ’درد ونديءَ جو ديس‘ ۾ هڪ مقالو ’سچائين جي آرسي‘ ۾ حميد سنڌيءَ جي ڪهاڻين بابت لکي ٿي ته:

”مجموعي ۾ اهڙن ئي نج نبار احساسن. . . اڏمن جو جيئرو عڪس ۽ ترجمان آهي.“ (سنڌي، 2002ع: 36)

هن کان پوءِ سندس ڪهاڻي ’هي زهر ڪير پيئندو‘ لکيل آهي. هيءَ ريئلزم جي ڪهاڻي آهي. هيڊ ماستر جيڪو رٽائر ٿئي ٿو ته هن کي ڇهه مهينا پينشن نٿي ملي. سندس ٽي جوان ڌيئرون ۽ جوان پٽ اٿس، پر هو ڇوڪرو غلط صحبت ۾ اچي ڪري آفيم کپائي ٿو ۽ پوليس کان لڪندو ٿو وتي ۽ سندس ڌيئرون جن جا ڪپڙا ڦاٽل آهن ۽ سندس گهر به پراڻو ۽ زبون حالت ۾ اٿس. دڪان وارن سودو ڏيڻ کان انڪار ڪيو اٿس. پينشن ڪاهڻ لاءِ ڪلارڪ رشوت ونن ٿا، پر هي نٿو ڏئي. آخر ۾ هيروئن جا پڙا پاڻيءَ ۾ وجهي پيئي ٿو ۽ مري وڃي ٿو.

حميد سنڌيءَ هن ڪهاڻي ’هي زهر ڪير ته پيئندو‘ ۾ رٽائرڊ استاد جي درد کي هن طرح پيش ڪيو آهي:

”سندس نياڻي وڏي ويجهو آيس. بابا سيڏو کپي ويو آهي. هاڻي عثمان بقالي به اوڌر تي سامان نٿو ڏئي. اڇو ته ڪجهه سامان وٺيو اڇجو. پٽس ڪنڌ لوڏيو. پيو بابا شاهينا ۽ رضيه جا ڪپڙا به ڦاٽي ويا آهن، سندن گنديون ڏسو ٿا، ڪي به وڳا ته وٺي ڏيون. استاد هيڏانهن ته ڏس سڄي جاءِ ڏري پيئي اٿئي، ڪنهن مهل هلي ويندي. سو دفعا چيو اٿمانءِ ته ڪجهه ته مرمت ڪراءِ، نه ته وڏو نقصان ٿيندءِ. يار توکان حال ته ڳجهو ڪونهي، ڇهون مهينو ٿيو آهي رٽائر ٿئي. هونئن به پرائمري ماستر يا هيڊ ماستر جي پگهار

گهٽي. هاڻ ته پگهار به بند ته پينشن به بند. روز وڃان ٿو اسڪول، من پينشن جا ڪاغذ ٺهي آيا هجن ۽ منظوري ملي هجي.“ (سنڌي، 2002ع: 66-67)

پر سندس پٽ هيروئن وڪٽي ٿو. سندس پويان پوليس پوي ٿي ته هي هيروئن جون پڙيون پنهنجي پيءُ کي ڏئي ٿو. سندس پيءُ اها پاڻ پي وڃي ٿو. نيٺ هي زهر ڪير ته پيئندو.

هن ڪان پوءِ سندس ڪهاڻي ’کهڙي مومل کهڙو راڻو‘ لکي آهي. هيءَ ڪهاڻي بئنڪ مئنيجر تي مبني آهي، جيڪو هڪ بيواهه ماسترياڻي جنهن کي ٻه ڌيئرون آهن، ان سان دل جون ڳالهيون ڪري ٿو.

آخر ۾ پنهنجي شهر مان شادي ڪري ٿو ۽ هيءَ عورت ٻي شادي ڳوٺ جي مئنيجر سان ڪندي آهي.

هن عورت جو مڙس گهٽي ملڪيت وارو هوندو آهي، پر هن کي دل جو دؤرو پوندو اٿس، جنهن ڪري مري ويندو آهي. پر هوءَ مئنيجر اقبال کي چاهي ٿي. هن سان ڪافي عرصو رهاڻيون ڪري ٿي، پر آخر ۾ اقبال دوڪو ڏئي ٿو ته هوءَ گل محمد جيڪو ان بئنڪ ۾ مئنيجر هو، ان سان شادي ڪري ٿي.

هن ڪان پوءِ سندس ڪهاڻي ’پل جو موهه‘ لکيل آهي. هيءَ ڪهاڻي ڦلان نالي عورت جي ڪردار تي مشتمل آهي، جنهن جي ٻه دفعا شادي ٿيل هوندي آهي، ٽين شادي رئيس سان ڪندي آهي، پر جڏهن رئيس مري وڃي ٿو ته هن کي ملڪيت مان حصو نٿو ملي، جنهن ڪري هيءَ ڪورٽن جا چڪر لڳائي ٿي. آخر ۾ هيءَ وڪيل ڪري ٿي، جيڪو هن کي ڦٻايل ملڪيت وٺي ٿو ڏئي، پر ڦلان ان وڪيل سان دل لڳي ڪري ٿي.

حميد سنڌي ڪهاڻي ’پل جو موهه‘ ۾ ڦلان جي ڪٿا کي هن طرح پيش ڪري ٿو:

”ڳالهه ٻالهه کهڙي، ٻه مڙس ڇڏيم، مائٽن ننڍي هوندي ئي شادي ڪرائي. گلو ڌاڙي ۾ ٻڌو ته پوليس گولي هٽي ڪيس پورو. ٻيو مڙس خاوند ڏنو مليو ته سُک جو ساهه کنيم. رئيس عبدالله جي نظر پيئي ته مارئي سمجهي کوهه تان کنيائين، پر مارئي ته هيس ڪانه. عبدالله کي اهڙي وٽي ويس جو پل نه ڇڏي. خاوند کي ڏنائين ڏوڪڙ ۽

سئي مار ته رئيس عبدالله خان آڏو ڪيئن ٿو بيهي. تڙي ڪڙي طلاق ڏنائين. عبدالله خان دير نه ڪئي، نڪاح ڪٺي وڌائين. اڳ به ٻه زالون هيس، چڱو اولاد هئس. عمر جو چڱو پڪو هو. منهنجو هو جوڀن، پاڻ ڏک نه جهليائين. ملڪيت وڏي هئي. سوين ايڪڙ ٻني سندس زالن، پٽن ۽ وارثن قبضا ڪيا. کاتا بدلايا، ڪک پن به نه ڇڏيائون. منهنجو حق به ماريائون، پر منهنجي ٻن نياڻين جو حصو به گم. شڪر جو سو ڪن ايڪڙ ۽ ڳوٺ واري جاءِ منهنجي نالي ڪري ويو هو.″ (سنڌي، 2002ع: 97)

هن ڪهاڻيءَ ۾ ڏيکاريو ويو آهي ته عورت جو مڙس مري وڃي ٿو ۽ اها عورت سٺي وڪيل جي تلاش ڪري ٿي. آخر ۾ ان جي تلاش ختم ٿئي ٿي ۽ ان جي مڙس جي ملڪيت واپس ملي وڃي ٿي.

هن ڪهاڻيءَ کان پوءِ سندس ڪهاڻي ′ٽانڊاٽا ٽا ٽمڪن′ لکيل آهي. هيءَ ڪهاڻي ٻن دوستن جي ڪهاڻي آهي. هڪ دوست هڪ ڇوڪريءَ کي ماءُ سميت شهر ۾ آڻي ٿو. پوءِ ان کي ڇڏي هو ڳوٺ ۾ شادي ڪري ٿو. سندس ٻيو دوست جنهن جو شهر ۾ گهر آهي، اهو ان ڇوڪريءَ کي چاهي ٿو.

حميد سنڌي ′ٽانڊاٽا ٽا ٽمڪن′ ڪهاڻيءَ ۾ ٻن دوستن جي سوچ ۾ فرق ڏيکاريو آهي. ڪيئن هڪ ساڳي ڇوڪريءَ سان بيوفائي ڪري ٿو ۽ ٻيو ان ڇوڪريءَ سان وفا ڪري ٿو.

هن ڪهاڻيءَ کان پوءِ سندس ڪهاڻي ′درد ونديءَ جو ديس′ جي عنوان سان لکيل آهي. هيءَ ڪهاڻي مالڪ جي جي پٽ ۽ نوڪرياڻيءَ جي ڌيءَ جي ڪهاڻي آهي. مالڪ جو پٽ پڙهائيءَ لاءِ شهر وڃي ٿو ۽ جڏهن واپس اچي ٿو ته ان ڇوڪري لالان سان عشق ڪري ٿو. هوءَ چوي ٿي ته مون کي لپسٽڪ کپي. هو ان کي پنهنجي ماءُ جي لپسٽڪ ڏئي ٿو، پوءِ ان ڇوڪريءَ جي شادي شمو نوڪر سان ڪرائين ٿا ۽ سالن کان پوءِ مالڪ جو پٽ پڙهي ڳوٺ اچي ٿو ته هو ان ان ڇوڪريءَ کي ڳولي ٿو، پر هاڻي اها ڇوڪري ميڊم ناز ٿي ويئي آهي. اها عورت هاڻي پيشيور ٿي ويئي آهي. عورت کي جنهن ماحول لاءِ مجبور ڪيو ويو هو، ان جو حصو ٿي ويئي.

پريتم پنهنجي چاهت جي پوترتائي ڳولڻ چاهي ٿو، پر ڪيس اها اڳوڻي پوترتائي نه ملي سگهي.

”تون ڪير آهين، تون لالان نه آهين. تنهنجي چپن تي جيجل جي لپسٽڪ جا نشان باقي آهن. تو ڪيئن اهي مقدس نشان مٽائڻ جي ڪئي آهي. تنهنجو ڏوهه ناهي. تون هاڻي لالان ئي نه آهين، تون ته ميڊم نازم آهي – ميڊم ناز.

هل ڙي شمون ڪڻ سامان. هو هاڻ به لالان کي ٿو ڳولي. ڏاڍيون پيار جون ڳالهيون ٻڌائي ورهين جا ورهيه چڏي ويو، پوءِ لالان ڪيئن ٿي بچي. شمون شال تنهنجو خانو خراب ٿئي، نه توسان شادي ٿئي ها نه هن ڪني ڪاروبار سان واسطو پئي ها.“ (سنڌي، 2002ع: 136)

هن ڪهاڻيءَ ۾ اهو ڏيکاريو ويو آهي ته هڪ معصوم ڇوڪريءَ جي شادي هڪ اهڙي انسان سان ٿئي ٿي، جيڪو ان عورت کي پيشيور بڻائي ڇڏي ٿو. آخر ۾ اهو ڏنڌو ڇڏي ٿي ڏئي.

هن ڪان پوءِ سنڌس ڪهاڻي ’چت ۾ لڳل گولي‘ لکيل آهي. هيءَ ڪهاڻي زميندار جي ڌيءَ جي ڪهاڻي آهي. هيءَ ڇوڪري يونيورسٽيءَ ۾ پڙهندي آهي ته هڪ ڪلاس فيلو ان کي خط لکندو آهي، پر هيءَ ڇوڪري ان سان شادي نه ڪندي آهي ۽ پنهنجي سؤٽ سان شادي ڪندي آهي. شاديءَ ڪان پوءِ سنڌس مڙس اظهر کي اهي خط ملن ٿا ته هي ان کي چوي ٿو ته تون ڪاري آهين. ان تي الزام هڻي ٿو، سنڌس زال پستول ڪڍي چت ۾ گولي هڻي ٿي ۽ هو خاموش ٿي وڃي ٿو.

حميد سنڌيءَ ڪهاڻي ’چت ۾ لڳل گولي‘ ۾ زميندار جي ڌيءَ جو خاڪو هن طرح پيش ڪيو آهي:

”مئنا هڪ پڙهيل لکيل جاگيردار قسم جي خاندان جي ڇوڪري هئي. هن جو پيءُ رڳو زميندار نه هو، پر هڪ بزنيس ٽائيڪون به هو. شهر ۾ وڏو ڪاروبار به هئس. بنگلن، فليٽن جو ڪاٿو نه هو. پٽس پنهنجي اڪيلي ڌيءَ کي به پڙهايو ۽ هڪ کليل خيالن وارو ماحول ڏنو، پر خانداني روايتن موجب ڪيس پنهنجي ڌيءُ پنهنجي ڀائٽيي اظهر سان پرڻائي ڏيڻي پيئي. اظهر ڪو گهڻو پڙهيل ڪونه هو، پر جيئن سڄو خاندان ئي ملڪيت وارو هو، سو هن جي ملڪيت جو ڪاٿو نه هو. هي اهي شاديءَ ڪان اڳ جا خط هئا، جيڪي هن الائي ڪٿي اڇلائي ڇڏيا. سنڌس پيڪاڻي

> گهران آيل ڪتاب، رسالا ۽ ٻيو سامان هن اسٽور ۾ رکرائي ڇڏيو هو. اظهر کي نوس نوس ڪندي اهي خط هٿ آيا هئا، جن کي نوڙيءَ مان نانگ ٿاهي اظهر ڪنيو.“ (سنڌي، 2002ع: 142-146)

مئنا جو مڙس اسڪول جي راند واري ٽيچر صبا کي چاهيندو آهي، جنهن ڪري پنهنجي زال تي الزام لڳائيندو آهي، پر آخر ٻئي ٺهي وڃن ٿا.

’دردونديءَ جو ديس‘ مجموعي جي آخري ڪهاڻي ’رومانس جي خودڪشي‘ ۾ هن سچي سنڌ جي ڪهاڻي لکي آهي ۽ سڄي سنڌ جو سير ڪيو اٿس. ان کان پوءِ بلوچستان جا شهر علائقا هن ڪهاڻيءَ ۾ بيان ڪيا اٿس. هي چوي ٿو ته سندن دور ۾ سنڌ ڪيتري آباد هئي. هتي پاڻي هو، هاڻي پاڻيءَ جي ڪوٺ آهي، بجلي هئي ۽ هڪ اميد هئي. اهي ماڻهو هئا محبت ڏيڻ وارا، پر هاڻي ڪير به نه رهيو آهي. هيءَ سندس ڪالم ڪهاڻي آهي.

حميد سنڌيءَ، ڪهاڻي ’رومانس جي خودڪشي‘ ۾ سنڌ جي اڳوڻي ماحول کي هن طرح بيان ڪيو آهي:

> ”سيوهڻ جي اسٽيشن ماڻهن سان سٽيل هوندي هئي. ٻهڪندڙ چهرا، ملڪان ملڪ کان آيل آسروند چوڌاري نعرا نينهن جا، جيئن گاڏي قلندر سائينءَ جي مقبري وٽان موڙ مٽيندي هئي ته، سنڌڙيءَ جا شهباز قلندر، حق قلندر جا نعرا لڳندا هئا. قديم خدا آباد، سائي بوبڪ ڏسندا دادوءَ جي نگريءَ ۾ داخل ٿيو هو، جتي کي دوست ڦوٽي ۽ ڪير واري خوشبودار چانهه ڪنيو بيٺا هوندا هئا. مرڪون ئي مرڪون هيون. لاڙڪاڻو ساهه سيباڻو، ڪامريڊ سوڀي جو شهر، دوست سليم خواجا يا ديوان گوپالداس انب ڪنيو ٽفن جهليو بيٺا هوندا هئا. مون کي ياد آهي ته ڏرتيءَ جو رومانس مون تي تڏهن وڌيڪ ڇانيل هوندو هو، جڏهن مان ريل رستي ڪوئيٽا ويندو هئس. انگريزن جي هيءَ ٺاهيل ريل جي پٽڙي عجيب نظارا پسائيندي هئي.“ (سنڌي، 2002ع: 160-161)

هن مجموعي کان پوءِ سندس مجموعو ’سو مون سپ ڇمار‘ لکيل آهي. هيءُ سندس ڪهاڻين جو اٺون مجموعو آهي. حميد سنڌيءَ

جي ڪهاڻين جا ڪردار سنڌ جي مٽيءَ مان ئي ڪنيل آهن. هن جون سڀ ڪهاڻيون سنڌ جي سماجي پس منظر ۾ لکيل ڪهاڻيون آهن.

ماهتاب محبوب، حميد سنڌيءَ جي ڪهاڻين جي باري ۾ لکي ٿي ته:

"حميد سنڌيءَ جون هي نيون ڪهاڻيون به سچائين جي آرسي کي سامهون رکي پوءِ لکيل آهن، جن کي دل جي نظر ۽ احساس جي گهرائيءَ سان پڙهڻ جي ضرورت آهي. داخلي توڙي خارجي مسئلا، مونجهارا يا ماڻهن جون محروميون ملولايون. . . نازڪ نرمل احساس . . . سندس ڪهاڻين جا خاص موضوع رهيا آهن." (سنڌي، 2002ع: 35)

هن مجموعي ۾ ڪجهه ليکڪن پنهنجا مقالا لکيا آهن ۽ هي مجموعو زندگي پبليڪيشن پاران 2007ع ۾ شايع ٿيو آهي. هن ۾ سندس اٺ ڪهاڻيون شامل آهن.

'سو مون سڀ ڇمار' مجموعي جي پهرين ڪهاڻي 'لڳي لڳي واءُ' لکيل آهي. هيءَ ڪهاڻي ڪوهرن واري مولوءَ جي پٽ جي ڪهاڻي آهي، جيڪو شهر ۾ پڙهڻ وڃي ٿو، هو غلط صحبت ۾ اچي ڪامريڊ ٿئي ٿو، پر آخر ۾ پوليس هٿان مارجي وڃي ٿو. ان کان پوءِ سندس پيءُ اها تحريڪ هلائي ٿو.

حميد سنڌي ڪهاڻي 'لڳي لڳ واءُ' ۾ سنڌ ۾ هلندڙ تحريڪن خاص طور ايم.آر.ڊي تحريڪ ۾ سنڌ جي ماڻهن جو جيڪو ڪردار هو، ان کي هن ڪهاڻيءَ ۾ پيش ڪيو آهي، لکي ٿو ته:

"سائين هاڻي بس مان وڌيڪ پڙهڻ نٿو چاهيان. مون کي ڪا نوڪري وٺي ڏيو ته مهرباني ٿيندي. مان جي ڪنهن ڪاليج يا يونيورسٽي ويس ته پوءِ مان بئي پاسي هليو ويندس!!! ڪهڙي پاسي، انهيءَ پاسي جنهن جي اوهان کي ڳالهه نٿي وڻي.

تون پڙهي ٻيهه، پوءِ جهڙي پاسي وڻئي تنهن پاسي وڃجان. هاڻي تون ڳوٺ وڃ، مولا بخش ۽ تنهنجي امڙ پريشان آهي. هفتي ڏيڍ ۾ مان اتي ايندس، پوءِ فيصلو ڪنداسين. هو ته هليو ويو، مون کي ان ويلي خيال نه آيو. اخبار پي

پڙهي ته ايم.آر.ڊي تحريڪ جون زوردار خبرون پي چپيون. ايم.آر.ڊي جو زور ڀهراڙين ۾ ڏاڍو هو.” (سنڌي، 2007ع: 10)

ان کان پوءِ ڳوٺ ۾ پوليس خالي هٿين شاگردن تي گوليون هلايون. ڪي ڌڪيا، پر رياض کي گولي هٽي ماري ڇڏين ٿا ۽ رياض جي تحريڪ سندس پيءُ مولو هلائي ٿو ۽ آخر ۾ هو به مري وڃي ٿو.

هن کان پوءِ سندس ڪهاڻي ’سو مون سپ ڇمار‘ لکيل آهي. هن ڪهاڻيءَ ۾ وهم ۽ وسوسو آهي. هو جنهن ڇوڪريءَ سان پيار ڪري ٿو، اها اڪيلي ۽ تصوراتي دنيا ۾ رهي نفسياتي مريض ٿي وڃي ٿي. هن جي شادي ٿئي ٿي، پر ان کي برين ٽيومر آهي، جنهن ڪري هوءَ مري وڃي ٿي ۽ سندس به پٽ به ان شهنشاهه جي پويان هليا وڃن ٿا، ڇو ته ان تي غيبات جو اثر ٿئي ٿو.

حميد سنڌي ’سو مون سپ ڇمار‘ ڪهاڻيءَ ۾ بند حويلين ۾ نياڻين جي زندگيءَ تي پوندڙ اثرن کي هن طرح ظاهر ڪيو آهي:

”ڊاڪٽر ڪمري مان نڪري اڱڻ ۾ آيو، پوءِ هلي حويليءَ واري دروازي جي ڪُنڊ تي ويهي رهيو. هن رئيس کي ڪا گهڙي گهوري ڏنو، چيائينس: سائين! توهان پاڻ سياڻا آهيو. دنيا الائي ڪاٿي پهتي آهي، ڀهراڙيون به شهر بڻجنديون پيون وڃن، ڇا جا جن ڇا جا بادشاهه، ڇا جا وري شهنشاهه؟ ڇا جي ڳالهه ڇا جي مهاڙ. اوهان جي نياڻي هسٽريا جي مريض آهي. هنن بند حويلين ۽ گهرن ۾ ائين ٿيندو آهي.“ (سنڌي، 2007ع: 32)

هن کان پوءِ سندس شادي ٿئي ٿي، پر اها سنجها ان جن کان پنهنجي جند ڇڏائي نٿي سگهي، اها بيماريءَ جي ڪري مري وڃي ٿي.

هن کان پوءِ سندس ٽين ڪهاڻي ’پليٽ فارم تي پيل پيتي‘ لکيل آهي. هيءَ ڪهاڻي به شاندار ڪهاڻي آهي. هن ۾ ريلوي اسٽيشن جو منظر بيان ٿيل آهي ۽ هيءَ ڪهاڻي ڪوليءَ جي ڪهاڻي آهي، جنهن کي ريلوي اسٽيشن تان هڪ پيتي ملي ٿي. اها پيتي کڻي گهر اچي لڪائي ٿو، پر سندس ضمير مطمئن نٿو ٿئي ۽ اها پيتي واپس ريلوي اسٽيشن تي رکي اچي ٿو.

حميد سنڌيءَ ’پليٽ فارم تي پيل پيتي‘ ڪهاڻيءَ ۾ هڪ پورهيت جي ايمانداري ۽ ضمير جي سجاڳيءَ کي هن طرح پيش ڪيو آهي:

”گاڏي اچڻ ۾ دير هئي، سو ساهي پٽڻ لاءِ سيمينٽ واري بئنچ تي ويهي رهيو. هن پليٽ فارم ڏي نهاريو. هاڻ پليٽ فارم ڪيس خالي پي لڳو. هي ڪجهه ويچارا پئسينجر گاڏيءَ جا مسافر هئا. سامان پاڻ پئي ڍويائون ۽ پري پري بيٺا هئا. هن پگهر اُگهي جيئن هيٺ نظر ڪئي ته سامهون ڪيس سائي رنگ جي هڪ پيتي نظر آئي. هن هيڏانهن هوڏانهن ڏٺو، ان جي ويجهو ڪو مسافر نظر نه آيو، پر پوءِ سوچيائين، هوندي ڪنهن جي. هو اٿيو هن پيتيءَ کي پير سان ريڙهيو. چڱي ڳري هئي، پر رڙهي آئي جو ايڏي وڏي به نه هئي. هن سوچيو مال مڙئي جهجهو اٿس. هن کي پڪ ٿي ته ڪنهن مسافر کان وسري ويئي آهي.“ (سنڌي، 2007ع: 55-56)

ڪولي هيءَ پيتي ڪولي ڏسندو آهي ته ان ۾ عورتن جا ڪپڙا ۽ زيور هوندا آهن. انهيءَ پيتيءَ مان هي هڪ وڳو ۽ رئو ڪڍندو آهي، باقي سڄي سائي پيتي موٽائي ڏيندو آهي. هيءَ به سماجي ڪهاڻي آهي.

هن ڪهاڻيءَ کان پوءِ سندس ڪهاڻي ’مرين ته آرهڙ ۾ مرجانءِ‘ به شاهڪار ڪهاڻي آهي. هن ڪهاڻيءَ ۾ ڏيکاريو ويو آهي ته سنڌو درياءَ جو سُڪڻ هڪ لحاظ کان سنڌ ڌرتيءَ لاءِ موت جو پيغام ثابت ٿي سگهي ٿو. اهڙي فڪر کي هن ڪهاڻيءَ ۾ پيش ڪيو آهي. هي هندو گهراڻو جيڪو ورهاڱي کان پوءِ هندستان وڃي ٿو، اتي دادا جو ديهانت ٿئي ٿو ته ان جو ڏوهٽو سندس ارٿيون درياءَ ۾ اڇلائڻ اچي ٿو، پر درياءَ ۾ ايترو پاڻي نه هوندو آهي، جنهن ڪري ليڪ چوي ٿو ته: ”مرين ته آرهڙ ۾ مرجان“، ڇو ته سنڌو درياءَ ۾ پاڻي گهٽو هوندو آهي.

حميد سنڌي ڪهاڻي ’مرين ته آرهڙ ۾ مرجانءِ‘ ۾ ڌرتيءَ سان محبت جي جذبي کي ظاهر ڪرڻ سان گڏ سنڌو درياءَ جي تباهيءَ کي به پيش ڪيو آهي، لکي ٿو ته:

”بابلا هي درياءَ بادشاهه ڪونهي. هت اهو پوتر پاڻي به ڪونهي، جنهن ۾ ڪاڪي موتي جي رک وهايون، پر دادا هي ٿيو چاهي. امان ۽ دادا موتي، جنهن سنڌوءَ جون ڳالهيون ڪندا هئا، اهو ڪاڏي ويو. هت ته اهي ٻيڙيون، اهي ملاح به ڪونهن، جن تي چڙهي هو سير ڪندا هئا. مڇيون پلا ماري ڪٽي گهر موٽندا هئا. اهو جل پوتر سمجهي گهر ڪٽي اچي پيئندا هئا. هريش هي شهر

ڪاڪي موتيءَ جو شهر آهي. هن پاسي سندس جاءِ هئي، جت رهندو هو. هي اڳڻ آهي، هو اها اوطاق آهي، جتي هو ويهندو هو. ڇڏ انهيءَ رک کي ته انهيءَ مٽيءَ ۾ ملي وڃي.” (سنڌي، 2007ع: 79-81)

آخر ۾ هي دادا موتيءَ جون ارٿيون پاٽي نه ملڻ ڪري سندس اباڻي گهر جي اڳڻ ۾ هاري ڇڏي ٿو ۽ چوي ٿو ته جنهن مٽيءَ مان ٺهيو، ان مٽيءَ ۾ ملي وڃي. جنهن مٽيءَ سان سندس عشق هو ۽ چوي ٿو ته هريش پيڻ سيتا کي چئجان ته مري ته آرهڙ ۾ مري، جو سندس هاڻيون درياءَ ۾ لوڙهي ته سگهون.

هن ڪان پوءِ سندس ڪهاڻي ’ڪڙيا ڪٽڻهار‘ لکيل آهي. هن ۾ هڪ عورت تي سندس مڙس ۽ زميندار پاڻيجي جي قتل جو ڪوڙو الزام هڻندا آهن، پر آخر ۾ ڪيس مان آزاد ٿئي ٿي.

حميد سنڌي ’ڪڙيا ڪٽڻهار‘ ڪهاڻيءَ ۾ زميندار ۽ مڙس ذريعي بيگناهه عورت کي ڦاسايو وڃي ٿو ته جيئن مقتول جي مگ زميندار حاصل ڪري سگهي.

سفورا جو مڙس عدلو ۽ زميندار شمن خان ٻنهي گڏجي شهمير کي مارايو هو، ڇو ته سفورا جي نياڻيءَ تي وڏيري جي بري نظر هئي، جنهن ڪري انهن شهمير کي مارايو ۽ الزام سفوران تي هنيو. پر آخر ۾ اها عورت بيان مٽائي ٿي ۽ وڏيري ۽ پنهنجي مڙس جي حقيقت ٻڌائي ٿي. هيءَ سماجي ڪهاڻي آهي.

هن ڪان پوءِ سندس ڪهاڻي ’اڪڙيون ميگهه ملهار‘ آهي. هن ڪهاڻيءَ ۾ ڏاڏي سونل جو ڪردار آهي، جيڪا حويليءَ ۾ رهندي آهي، پر آخر ۾ حويلي ڇڏي ٻئي گهر ۾ رهندي آهي ۽ پنهنجي مرضيءَ جي ماڻهن سان اٿندي ويهندي آهي. هن ۾ ڏاڏي سونل جي ساهڙي مائي آسيت ڪاسائڻ هئي، جيڪا گوشت پچائي کپائيندي هئي. هيءَ سماجي ڪهاڻي آهي، جنهن ۾ اهو ڏيکاريو ويو آهي ته ڪيئن گهر جون وڏيون گهر جي ماحول کي سٺي طريقي سان هلائين ٿيون.

آخر ۾ ڏاڏو عثمان ماسي آسيت جي پوٽي گلڻ کي حويليءَ کان ٻاهر گهلي اڇلائي ٿو، پر ڏاڏي سونل ان کي پرچائي ۽ حويليءَ کان ٻاهر وڃي ٿي هميشه لاءِ، حويليءَ کي هميشه لاءِ ڇڏي وڃي ٿي.

هن ڪان پوءِ حميد سنڌي ’ڇوٽڪاري جو پيغام‘ لکيو آهي، ۾ ڏاڏي سونل آسيت ڪاسائڻ جي مرڻ ڪان پوءِ تعزيت ڪري ٿي ۽ پنهنجي

ڪيترن ئي مائٽن سان ملي ٿي ۽ پوءِ هميشه لاءِ حويلي ڇڏي ٿي وڃي.

حميد سنڌي ’اڪڙيون ميگهه ملهار‘ کان پوءِ ’ڇوٽڪاري جو پيغام‘ هيئن لکي ٿو:

> ”ڏاڏي سونل جڏهن چادر پائي جهنڊ هٽي هڪ سان دنيا جهان کي ڏسندي اچي ٽانگي ۾ چڙهي ته هن جو فخر کان ڳاٽ اوچو هو. هن حويليءَ جي سالن کان هلندڙ روايتن کي جنهن نموني سان شڪست ڏني هئي، اهو سندس ئي مَرڪ هو. سندس جگر ۽ همٿ کي شاباس جو اڄ هوءَ ڪاسائين جي پاڙي پنهنجي ساهيڙي جو مرٽي پير ڏيڻ پي ويئي. ڏاڏي حويليءَ ۾ داخل ٿي ته ڏاڏي عثمان جو گوڙ لڳو پيو هو. اڄ تاريخي حڪم عدولي ٿي هئي. ڏاڏي چادر لاهي کٽ تي سَٽِي چاتي گوڙ لاٿو اٿئي عثمان، اسان کي جيئڻ به ڏيندين يا نه.
>
> حاجن مون جو توکي چيو هو ته ڪا جاءِ هٿ ڪر اسان کي هن حويليءَ ۾ ناهي رهڻو.“ (سنڌي، 2007ع: 103-110)

هاڻي حويلي ڊهي چڪي آهي، ان جون روايتون رسمون ختم ٿي چڪيون آهن ۽ هاڻي اهي حويليءَ جا ماڻهو به هميشه لاءِ دفن ٿي چڪا آهن.

هن کان پوءِ ’سو مون سپ ڇمار‘ ڪهاڻيءَ جي مجموعي جي آخري ڪهاڻي ’ڇپا اڏامي ويئي‘ جي نالي سان لکيل آهي. هيءَ ڪهاڻي هڪ ڇوڪريءَ جي ڪهاڻي آهي، جيڪا گهر مان نڪري وڃي شادي ڪري ٿي ۽ ان کي سندس پيءُ پليٽ فارم تي سجاڻي وٺي ٿو، پر هوءَ ائين ڇئي هلي وڃي ته ڇپا اڏامي ويئي.

ڪهاڻيءَ ۾ حميد سنڌي ڇپا جي گهر ڇڏڻ واري واقعي کي فطرت سان ڀيٽيندي لکي ٿو ته:

> ”جهرڪين جي چين چين ۽ پڙڪي تي نگهت جي روز جيان اک کُلي. هن جهرڪين جو جهيرو ۽ وراندي ۾ پڙڪو ڏيئي اڏامي وڃڻ، وري موٽي اچڻ تي هن مرڪي ڏنو ۽ پنهنجي ڌيءَ ڇپا جي پريان کٽ ڏي ڏٺو. آهستي آهستي سندس اک کُلندي ويئي ۽ هوءَ ٽپ ڏيئي اٿي ويهي رهي. هن کي

محسوس ٿيو ته ڇپا ڪٽ تي ڪانهي. هوءَ اڳڻ ۾ ويئي، رڌڻو ڳولي آئي، اندر ڪمري ۾ نهاريائين. ڇپا ڪٿي به نه هئي. هن جي هنيانءُ ۾ ڌڪ لڳو. جڏهن هن ڏٺو ته ٻاهرئين در جو ڪلف هيٺ اڇليو پيو هو ۽ ڪڙو لٿل هو. در رڳو ڀيڪڙيل هو.” (سنڌي، 2007ع: 113)

هن ڪان پوءِ سندس ڌيءَ هميشه لاءِ هلي وڃي ٿي ۽ شادي ڪري ٿي ۽ پوءِ آخري دفعو سندس پيءُ ظهير ان کي اسٽيشن تي هڪ ٻار سان گڏ ڏسي ٿو. هوءَ چوي ٿي ته بابا سائين، ڇپائون ويچاريون هونديون ئي اڏامڻ لاءِ آهن ۽ سندس ماءُ نگهت ان جي ڏک ۾ جهرڪين سان ڳالهائي ٿي.

حميد سنڌيءَ جون ڪهاڻيون سماجي پسمنظر ۾ لکيل آهن. ’سڪس ملين ڊالر‘ عنوان هيٺ ماهتاب محبوب، حميد سنڌيءَ جي ڪهاڻين لاءِ لکي ٿي ته:

”دردونديءَ جو ديس جهڙي سون ورني وکر ڪان پوءِ جو هي وکر املهه وکر آهي، جنهن جي ڪٿ نٿي ڪري سگهجي: سو مون سپ ڄمار.“ (سنڌي، 2007ع: 33)

”سو مون سپ ڄمار“ ڪان پوءِ سندس ڪهاڻين جون اٺون مجموعو ”ڪڻ ڪڻ ريت“ ۾ ڪيئي ڪهاڻيون لکيون اٿس. هي مجموعو سنڌي ادبي بورڊ وارن 2013ع ۾ ڇپرايو آهي. هن مجموعي ۾ ٽوٽل ٻٽيهه ڪهاڻيون لکيل آهن، پر انهن ڪهاڻين مان گهڻيون شروع وارن مجموعن ۾ شامل آهن، جيئن ته ويريون، اداس واديون، درد ونديءَ جو ديس ۽ سو مون سپ ڄمار شامل ۽ ڪجهه نيون ڪهاڻيون اٿس، جيڪي ڏجن ٿيون.

سيڪريٽري الهڏنو وگهيو، ’ڇپائيندڙ پاران‘ جي عنوان سان لکيو آهي. حميد سنڌي ’نوح جي ٻيڙيءَ جو مسافر‘ لکيو آهي. مدد علي سنڌي ’نئين رُت جو ڪهاڻيڪار‘ جي عنوان سان لکيو آهي.

هن مجموعي جي پهرين ڪهاڻي ’زندگي بڻجي نه شل سسئيءَ جا سُور‘. هيءَ سماجي ۽ معاشي ڪهاڻي آهي ۽ فڪري حوالي سان سگهاري ڪهاڻي آهي. هن ۾ هڪ هاري جمعو جنهن کي زميندار هارپو ڪرڻ نه ڏيندو آهي ۽ ڳوٺ مان لڏائيندو آهي. هي سڄو خاندان وٺي شهر اچي ٿو، پر هن کي ڪٿي به ڪم نٿو ملي. سندس گهر واريءَ کان پئسا وٺي جهوپڙي ورتائين، پر مزدوري نه ملڻ ڪري هو پريشان هو.

پاڙي واري ڪلو کي ڏنائين ته هن زال جو سودو ڪيو آهي، جنهن ڪري هن به زال جو سودو ڪيو، پر پوءِ شرمنده ٿئي ٿو.

حميد سنڌيءَ جي ڪهاڻي ’زندگي بڻجي نه شل سسئيءَ جا سور‘ هاريءَ جي دردن تي لکيل آهي، ان ۾ لکي ٿو:

> ”شايد هن کي اها خبر ڪانه هئي ته هوءَ هڪ مشرقي عورت آهي، جيڪا مرڻ گهڙيءَ تائين انهن سنهڙن خوابن کي ڇڏي نٿي سگهي. هوءَ پيانڪ خوابن کي پنهنجو ڪرڻ لاءِ تيار نه آهي. جمعا تو هي ڇا ڪيو! جمعا تو هي ڇا ڪيو! توکي ڪهڙو حق آهي جو ڪنهن کان جيئڻ جو حق کسين؟ عصمت کان سواءِ عورت جي زندگي ڪهڙي؟ هن کي به ته جيئڻ جو حق آهي، ڇو نه اوهان جون زندگيون قربان ٿيون هن زندگيءَ مٿان؟ ڇو نه ائين ٿئي؟ ڇو نه؟ ڇو نه پلا؟ هن ڪنن تي هٿ ڪٽي رکيا. هو سڄو ڏڪڻ لڳو. اف مون هي ڇا ڪيو؟ زينو پنهنجي زال اف! منهنجي مٺي زينو!“ (سنڌي، 2013ع: 39)

هن ڪهاڻيءَ ۾ ڏيکاريو ويو آهي ته روزگار نه هئڻ ڪري جمعو دربدر آهي، پر سندس پاڙي واري پنهنجي زال جو سودو ڪيو، جنهن ڪري هن به اهو سوچيو، پر سندس زال ساٿ نه ڏنو. آخر ۾ جمعو تمام گهڻو شرمنده ٿئي ٿو. حميد سنڌيءَ جون سڀ ڪهاڻيون سماج مان ئي ڪنيل آهن، جيڪي پنهنجي زندگي بچائڻ لاءِ سخت محنت ۽ جفا ڪشي ڪن ٿا. فڪري حوالي سان به سگهاريون ڪهاڻيون آهن. سندس چوڻ مطابق هن جون ڪهاڻيون سنڌي سماج ۽ سنڌ جي مٽيءَ مان ڳوهيل آهن. هن جي ڪهاڻين مان سنڌ جي تهذيب ۽ تمدن جي خبر پوي ٿي.

هن ڪهاڻيءَ کان پوءِ سندس ڪهاڻي ’آخري درخواست ۽ پهرين تيلي‘ آهي. هن ۾ محمد ڇٽل ۽ ننڍو پوٽو گلڻ جيڪي ٻئي ڪورٽ جي اڳيان ويهندا هئا. محمد ڇٽل ته خانداني طرح رئيس هو پر حالتن هن کي عريضي نويس ڪري ڇڏيو. هي ماڻهن جون درخواستون لکندو هو، جيڪي پئسا ملندا هئس ته سندس گهر واريءَ کي ڏيندو پر جڏهن سندس گهر واري مري ويندي آهي ته انهن پئسن مان هڪ دڪان ۽ هڪ ٽيبل ۽ ڪرسيون ۽ الماڙي وٺندو آهي، پر اهي چوري ٿي وڃن ٿيون. جنهن ڪري هو درخواست لکي ٿو پر ڪو به جواب نٿو مليس، پر جلد ئي پنهنجي پوٽي گلڻ کي پاڙي ۾ لوڙهن جي ڪنڊ کان اندر موڪلي ٿو ته سڄو سامان اتي موجود هوندو آهي، جنهن ڪري

سندس پوٽو انهيءَ گهر کي باهه ڏني ٿو ۽ پوءِ هي وري ساڳيو ڌنڌو جاري رکي ٿو.

حميد سنڌيءَ جي ڪهاڻي ’آخري درخواست ۽ پهرين تيلي‘ غربت تي لکيل آهي:

> ”ميان محمد چٽل دڪان ٺاهيو، ٻه چار نيون ڪرسيون به ورتائين. هڪ نئين ٽيبل به ورتائين. هاڻي ڪڏهن ڪڏهن مرادي اتي ڪٻٽ ۾ پراڻين دٻلين ۾ رکڻ لڳو. ڪٻٽ کي مضبوط تالو هو. دڪان کي ٻاهران به وڏو ڪلف هو. هو وچڻ مهل ڪلف کي چڪي ڏسندو هو، پر يارن هن جي دڪان جي ٽيپ ٽاپ کي نظر ۾ رکيو. هڪ رات پاسي واري پٽ مان ڪاٺ هٽي سڀ ڪجهه ڪڍي ويس. ٽائپ رائٽر، ميز، ڪرسيون، ڪٻٽ، ڏوڪڙ، پيسا دٻلين سوڌا، ڪا شيءِ نه ڇڏيائونس. هو سمجهي پيو ته ڪاٺ انهن ئي گهرن مان لڳو آهي، ٻيو اهو ڪاٺ ڪٻاڙ ميلن تائين ڪير گهليندو.“
> (سنڌي، 2013ع: 247-248)

هيءَ ڪهاڻي چوريءَ جي واردات تي لکيل آهي. ڪيئن نه ٻاڙيوارا چوريون ڪرائين ٿا. فڪري حوالي سان به بهترين لکيل آهي. هن ڪهاڻيءَ ۾ اهو ڏيکاريو ويو آهي ته هڪ پوڙهو ماڻهو محنت ڪري ڪمائي ٿو. انهيءَ جو سامان ٻاڙي وارا چورائي خوش ٿين ٿا، پر هي آخر تائين نٿو ڇڏين. پنهنجي سامان جو پتو لڳائي ۽ انهن گهرن کي باهه ڏياري ٿو ڇڏي.

هن کان پوءِ سندس ڪهاڻي ’سنڌڙيا سگڙي ڳالهه ڳجهڙي‘ غربت تي لکيل آهي.

هيءَ ڪهاڻي ٻن پينرن جي ڪهاڻي آهي، جنهن مان هڪ طلاق يافته هوندي آهي ۽ ٻي پيڻ علي ڏني جي نالي ٿيل هئي، پر هو ڪنهن ٻئي هنڌان به شاديون ڪندو آهي. هن جون زالون ڇڏي وڃن ٿيون ۽ جڏهن علي ڏني جي پيڻ چوي ٿي ته ادا تون هنن ٻنهي پينرن کي پيسا ڏي ۽ هڪ پيڻ جيڪا تنهنجي نالي تي هئي، ان کي گهر ۾ ڪم ڪار لاءِ رک. پوءِ ڪجهه عرصو هو ان کي ڪم ڪار لاءِ رکندو آهي، پر ان جي زال موٽي ايندي آهي، جنهن ڪري زهره کي گهٽ وڌ ڳالهائي گهر مان ڪڍي ڇڏيندي آهي، پر آخر ۾ زهره مري وڃي ٿي ۽ هو ان جي قبر تي

وچي ٿو ۽ شاهه جو بيت پڙهي ٿو: مون ماريندي ڪڍهين، سنڌڙيان سگڙي ڳالهه ڳجهڙي.

هيءَ به سماجي حقيقت تي مبني ڪهاڻي آهي.

حميد سنڌي ڪهاڻي ’سنڌڙيان سگڙي ڳالهه ڳجهڙي‘ ۾ غربت، بيوسيءَ کي هن طرح بيان ڪيو آهي:

> ”ادا علي ڏنا! مان ته پوري ٿي پيئي آهيان. توکي ته خبر آهي ته ادي شانان جو ڪير به ڪونهي. مڙس ڇڏي ويس، هي ٻئي اڪيليون مامي مرحوم جي گهر رهيون پيون آهن. گهر به پنهنجو اٿن پر جيئڻ لاءِ ڇا ڪپي. هاڻ گذر سفر ڏکيو ٿئي ٿو. زهره ۾ اڃا حال آهي، شانان ويچاري بيمار رهي ٿي. توکي ته خبر آهي ته زهره جي شادي نه ٿي سگهي. مون شانان کي چيو آهي ته زهره کي هٿ ڇڏ ته گهر سنڀالي. سندس گذر سفر به ٿيندو ته شانان کي به ڪجهه نه ڪجهه موڪلي ڏيندس. زهره جو ڪاڏو پيتو، ڪپڙو لٽو، خرچي اسان تي، توکي الله سڀ ڪجهه ڏنو آهي. علي ڏنا! ڪجهه هنن جي واهر ڪر.“ (سنڌي، 2013ع: 254)

هيءَ ڪهاڻي سماج ۾ عورتن جي مسئلن جي حوالي سان سگهاري ڪهاڻي آهي. هنن عورتن جو ڪمائڻ وارو ڪير به نه آهي، جنهن ڪري مجبورن هنن کي علي ڏني جي گهر وڃڻو پوي ٿو ۽ اها زهره ڪم ڪار ڪندي هي بيت ڳائي ٿي: سنڌڙيا سگڙي ڳالهه ڳجهڙي ۽ علي ڏنو اهو بيت ٻڌي ٿو ۽ آخر ۾ مري وڃي ٿي ته اهو بيت قبر تي لکرائي ٿو.

حميد سنڌي هن مجموعي ۾ ’حضرت نوح جي ٻيڙيءَ جو مسافر‘ جي عنوان تحت هنن ڪهاڻين بابت لکي ٿو ته:

> ”هي ’ڪڻ ڪڻ ريت‘ ڪهاڻيون ’مهراڻ‘ ۾ ڇپيل انهيءَ دؤر جون ڪهاڻيون آهن، جڏهن اسان جي سنڌي سماج ۾ جيئڻ جو حوصلو هو. تنهن ڪري هاڻ هي اهي ڏياتي وانگر آهن، جنهن ۾ باقي ڪو تيل رهيو آهي.“ (سنڌي، 2013ع: 10)

هن ڪان پوءِ سندس ڪهاڻي ’جڏهن آسمان ۾ تارا نه هوندا‘ بي جوڙ رشتن ۽ انهن جي نتيجن تي تي لکيل آهي. هيءَ سوناري جي گهر

جي ڪهاڻي آهي، جنهن کي هڪ پٽ ڄمي ٿو، پر سندس پيءُ گذاري وڃي ٿو. ان ڇوڪري کي چاچو پالي ٿو، ڇو ته ان کي پٽ جو اولاد نه آهي، سندس هڪ ڌيءَ هوندي آهي، جيڪا هن ڇوڪري کان پندرهن سال وڏي هوندي آهي ۽ ماءُ وانگر پالي وڏو ڪندي آهي ۽ انهي ڇوڪري جي شادي ان ڇوڪريءَ سان ڪرائيندا آهن. پوءِ اها ڇوڪري مري ويندي آهي ۽ ڇوڪرو چور ٿيندو آهي. آخر ۾ چوڪيدار جي گوليءَ سان مري وڃي ٿو. صبح جو پهر هو، جڏهن آسمان ۾ تارا نه هئا.

حميد سنڌي هن ڪهاڻيءَ ۾ بي جوڙ رشتن جا سبب بيان ڪندي لکي ٿو ته:

> ”سندس وڏا پئسي ۽ سون مين ۾ شاهوڪار هئا. سندس خواهش هوندي هئي ته هو ڏجوڙ اندر ڏسي ته اندر ڪيترا زيور پيسا، سون مين ڪهڙيون امانتون رکيل آهن. ممتاز ڄائو ته سندس پيءُ گذاري ويو. هي سندس چاچو محمد پريل سونارو هو، جنهن هن کي سنڀاليو. محمد پريل جي گهر واري جنهن کي پٽيلو اولاد ڪونه هو، تنهن هن کي لاڏ ڪوڏ سان نپايو. محمد پريل کي نياڻي هئي. سونان جهڙو نالو هوس تهڙي ئي هئي سون ورني! سندس جسم به سون جهڙو، پر وار به سونهري! سونان ڪانئس پندرهن ورهيه ڪن وڏي هئي. هنج ڪڇي ڪيس ڇڻ ته پاليو هئائين. ٻچو ڪري پائيندي هيس.“ (سنڌي، 2013ع: 262)

هن کان پوءِ ان سونان جي شادي ممتاز سان ٿيندي آهي. هوءَ چوندي اٿس ته جڏهن آسمان ۾ تارا نه هوندا ته مان توکي ڇڏي ويندس. ائين ئي شاديءَ کان پوءِ صبح جو هوءَ مري ويندي آهي. ڪهاڻي سماج جي اونداهين پاسي کي ظاهر ڪري ٿي.

سماج جي اهڙن اهم موضوعن تي لکڻ ۽ فني پختگي سبب مدد علي سنڌي حميد سنڌيءَ کي ’نئين رُت جو ڪهاڻيڪار‘ سڏيندي لکي ٿو ته:

> ”حميد سنڌيءَ جي ڪهاڻين جو جڏهن به ذڪر ڪجي ٿو ته الائي ڇو مون کي لڳندو آهي ته حميد سنڌيءَ کي ڪهاڻي لکڻ جو ڍنگ، ڏانءُ چڱيءَ ريت اچي ٿو. هن کي پنهنجي انهيءَ ڏانءُ جي ڄاڻ آهي.“ (سنڌي، 2013ع: 13)

هن ڪان پوءِ ڪهاڻي ’مان غريب الوطن ناهيان‘ لکي اٿس. هيءَ ڪهاڻي آهي هڪ پٺاڻ جي جيڪو لکي شادي ڪري ٿو ۽ پوءِ پنهنجي ڳوٺ وڃي رهي ٿو. ٽن چئن سالن ڪان پوءِ سندس سس، زال ۽ ٻارڙي ڳولا ڪندي انهيءَ ڳوٺ ۾ اچن ٿيون ۽ انهيءَ خان سان ملن ٿيون. سندس گهر واري چويس ٿي ته انهيءَ جا سؤٿ ڪنهن وقت به اسان کي ڳولي هتي ضرور ايندا، پر پوءِ هي بهادر ٿئي ٿو ۽ دڪان جي سامهون غريب الوطن جو تختو لاهي ڇڏي ٿو ۽ چوي ٿو ته هي وطن به منهنجو آهي.

آخر ۾ هي رنگ جو دٻو کٽي غريب الوطن جا لفظ مِٽائي ڇڏي ٿو ۽ ٻئي خوشيءَ سان زندگي گذارين ٿا.

هن ڪان پوءِ سندس ڪهاڻي ’اُف هي جيون . . . بم ڌماڪا‘ لکيل آهي. هن ڪهاڻيءَ ۾ هڪ نانو جيڪو ٻي مهاڀاري لڙائي ويل فوج ۾ هو. هو ڪو سپاهي ڪونه هو، پر بيرڪن کي ٺيڪ ٺاڪ رکڻ لاءِ رازو هو. هن جو ڏوهٽو هن سان رهندو آهي. پنهنجن مائٽن کي ڦٽاڪا ڏيکاريندو آهي. ائين هو وڏو ٿيندو آهي ۽ نوڪري ڪندو آهي. جڏهن ان جي شادي ٿيندي آهي، ان ڏينهن هو اهي گندرف جا اصلي ڦٽاڪا ڦاڙيندو آهي ۽ سندس نانو به اهو ڦٽاڪو ڦاڙيندو آهي. ائين ٻئي ٻاهه جو رک ٿي وڃن ٿا.

حميد سنڌيءَ جي ڪهاڻي ’اف! هي جيون . . . بم ڌماڪو‘ بارود جي تباهيءَ کي ظاهر ڪري ٿي:

> ”اسين سڀ مٺ مائٽ گلي جي ڳوٺ وياسين. ڏاڍا ٺينگ ٽپا ڏناسين. نڪاح جون رسمون آسُر جو ٽيٽيون هيون. اجا چني ۾ مهمان گڏ ڪونه ٿيا هئا. مان ۽ سؤٿ گلڻ چني ۾ موٽي آياسين. نانو موسو سامهون ويٺو هو ۽ کِليو پئي. بابلا ڇا پئي ڪيوَ؟
>
> بس نانا! چيوسين ته خوشيءَ جو موقعو آهي، آتشبازي ٿي وڃي، پر انهن ڦٽاڪن ۾ گندرف هجي ته ٻرندا نه. . . مون انهن مان گندرف ئي ڪڍي ڇڏيو هو. نانا ٺڪر جي ڪمرن ۾ ته گندرف پريل آهي. گليءَ وٽ ڪمرن وارا ٻه بم ڦٽاڪا به هئا. نانو وائڙو ٿي ويو. گلي ڪٿي آ؟ گلي ٻاهران ميدان ۾ آهي. گلي اهي بم نه ڦوڙجان. . . گلي پري پڇ. . . نانو رڙيون ڪرڻ لڳو. اسان به رڙيون ڪرڻ لڳاسين. گلي

> مرکي کنڌ ورائي اسان ڏي نهاريو ۽ چمڪاٽ هڪ سان ڏماڪو ٿيو. ان کان پوءِ گلي ات نه هو، باهه ئي باهه هئي.“ (سنڌي، 2013ع: 285-286)

هن ڏماڪي کان پوءِ ٻيو ڏماڪو ٿيو، جنهن ۾ نانو به نه هو، به انسان سڙي ويا. اُف هي جيون بم ڏماڪو.

هن کان پوءِ سندس ڪهاڻي ’سهانجڙي جي خوشبو‘ لکيل آهي. هيءَ زميندار جي ڌيءَ آهي، جنهن کي آنڊي جي ڪينسر ٿئي ٿي ۽ هن جي آپريشن لاءِ چون ٿا ته سندس سؤٽ ۽ ان جو دوست اسپتال اچن ٿا. سندس سؤٽ جو دوست هن کي سهانجڙي جا گل ڏئي ٿو ۽ هوءَ گل وٺي ٿي ۽ ڪچهري به ڪري ٿي. صبح جو سندس آپريشن ڪامياب نٿو ٿئي ۽ هوءَ مري وڃي ٿي.

حميد سنڌيءَ جي ڪهاڻي ’سهانجڙي جي خوشبو‘ بيمار عورت سان محبت جي نفيس احساس تي لکيل آهي:

> ”يار سهڻيءَ جو آپريشن ڪامياب نه ٿيو. بس منٽن جا کيل ٿي ويا. هاڻي چاچو ۽ چاچي ڪيس ايمبولينس ۾ ڪڻائي ڳوٺ وڃن ٿا. مان به ساڻس وڃان ٿو. جي اڄ سڀاڻ اچي سگهين ته اچجان ۽ ٻيو پڌ سهڻيءَ جي ڪپڙن جي هڙ ۽ ٻيو سامان اسپتال ۾ پيو اٿئي، کڻي چڙهجان. هاڻ ڳوڙها ڳڙي آيا. مان رئندو اسپتال پهتس. ڪمري جي آڌو اها بي جان بوگن ولا ۽ خوشبودار سهانجڙو بيٺل هو، پر هاڻ مون لاءِ سهانجڙو بي جان آهي.“ (سنڌي، 2013ع: 291)

سندس دوست جڏهن هي ڪپڙا ۽ ٻيو سامان اسپتال مان کڻڻ وڃي ٿو ته اتي سهانجڙي جا گل هئا ۽ ان جي خوشبو هئي.

هن کان پوءِ سندس مجموعي ’ڪڻ ڪڻ ريت‘ جي آخر ۾ ڊرامو لکيل آهي ’طوفان ۽ رات‘. هن ڪهاڻيءَ ۾ پنج ڪردار هوندا آهن. زرينه اصغر جي سؤٽ هوندي آهي ۽ سندس شادي اصغر سان ٿيڻ واري هوندي آهي ته اها اصغر سان شادي نٿي ڪري. هوءَ ڊاڪٽر سلطان سان شادي ڪري ٿي، پر اهو به زرينه کي ڇڏي وڃي. ڊرامي جي آخر ۾ طوفان ۽ مينهن اچي ٿو ۽ ڊاڪٽر سلطان مسافر ٿي هن جي گهر اچي ٿو ۽ سڃيون ڳالهيون زرينه کان پڇي ٿو. پوءِ چويس ٿو ته آءٌ سلطان آهيان، مون کي معاف ڪجان، مون توتي شڪ ڪيو ۽ گهر ڇڏي هليو ويس.

هن ڊرامي ۾ زرينه ۽ ان جا ماءُ ۽ پيءُ هوندا آهن، جيڪي ان جو رشتو سندس سؤٽ اصغر سان ڪندا آهن، پر هوءَ ان سان شادي نه ڪندي آهي، ڊاڪٽر سلطان سان شادي ڪندي آهي، پر اهو غلط فهميءَ جي ڪري ان کي ڇڏي وڃي ٿو ۽ پوءِ پندرهن سالن کان پوءِ وري واپس اچي ٿو.

سندس نائون ۽ آخري مجموعو ’چوند ڪهاڻيون‘ آهي، جنهن ۾ هن جي هڪڙي ڪهاڻي ڇپيل آهي، باقي ٻيون مختلف ليکڪن جون ڪهاڻيون گڏ ڪري ڇپرايون اٿس.

## حوالا


1. الانا، غلام علي، ڊاڪٽر (1999ع): ”سنڌي نثر جي تاريخ“، (ڇاپو ٽيون)، سنڌي ساهت گهر، حيدرآباد.
2. روزانو آفتاب، 1983ع.
3. سنڌي، حميد (1981ع): ”ويريون“، زندگي پبليڪيشن، حيدرآباد.
4. سنڌي، حميد (1984ع): ”راڻا جي رجپوت“، ناري پبليڪيشن، حيدرآباد.
5. سنڌي، حميد (1996ع): ”جاڳ به تنهنجي جيءَ سان“، سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد.
6. سنڌي، حميد (2002ع): ”درد ونديءَ جو ديس“، زندگي پبليڪيشن، حيدرآباد.
7. سنڌي، حميد (2007ع): ”سو مون سپ چمار“، زندگي پبليڪيشن، حيدرآباد.
8. سنڌي، حميد (2013ع): ”ڪڻ ڪڻ ريت ۾ ڪيئي ڪهاڻيون“، سنڌي ادبي بورڊ، ڄام شورو.
9. سنڌي، حميد (2018ع): ”اسان جو قلم هڪ علم“، سنڌي ادبي بورڊ، ڄام شورو.
10. سنڌي، حميد (2018ع): ”سيمي“، زندگي پبليڪيشن، حيدرآباد.
11. سنڌي، حميد، (1965): ”اداس واديون“، زندگي پبليڪيشن، حيدرآباد.
12. سنڌي، حميد، (1965): ”اداس واديون“، زندگي پبليڪيشن، حيدرآباد.
13. عرساڻي، محمد اسماعيل (1982ع): ”آزاديءَ کان پوءِ سنڌي افسانوي ادب جي اوسر“، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، ڄام شورو.
14. قاضي خادم (1992ع): ”ادب ۽ روايتون“، سنڌي ساهت گهر، ٽنڊو ولي محمد، حيدرآباد.
15. ڪاڪا، نواب (2015ع): ”ورهاڱي بعد سنڌي ڪهاڻيڪار ۽ سندن ڪهاڻين جي ڪردارن جو اڀياس“، ( اڻ ڇپيل).
16. مرزا، نصير (2016ع): ”حميد سنڌي هڪ اڻٽڪ انسان“، سنڌي لينگئيج اٿارٽي، حيدرآباد.

17. ميمڻ، عبدالمجيد، سنڌي (2006ع): ”سنڌي ادب جو تنقيدي اڀياس“، روشني پبليڪيشن، ڪنڊيارو.

# ڪهاڻيءَ جو فني جائزو

ڪهاڻيءَ جي فني جُزن ۾ پلاٽ، ڪردار نگاري، اسلوب، ٻولي ۽ منظر نگاري اچي وڃن ٿا.

**پلاٽ**

واقعن جي خاڪي کي ’پلاٽ‘ چيو وڃي ٿو. پلاٽ ڪهاڻيءَ جو اهم جُز آهي. فني حوالي سان افسانو اهڙي ڪهاڻيءَ کي سڏبو آهي، جنهن ۾ ڪنهن به واقعي کي دلچسپ بڻائي پيش ڪيو وڃي. افسانه نگار ڪهاڻي اهڙي ته جاندار نموني پيش ڪري ٿو جو منجهس انهن واقعن جي اهميت کي اجاگر ڪري ٿو، جيڪي ڪردارن کي پيش اچن ٿا. افساني جو تعلق واقعن سان آهي. منجهس انهن واقعن جي عڪاسي ڪئي ويندي آهي، جيڪي ڪردارن کي پيش اچن ٿا.

اسماعيل عرساڻي افساني بابت لکي ٿو ته:

> ”افسانه نگار افساني لکڻ وقت هڪ ئي سوچ ڪري لکي ٿو، چو ته جيڪڏهن افساني ۾ هڪ واقعي کان وڌيڪ واقعن تي زور ڏبو ته افساني جو تاثر گهٽجي ويندو. اصل ۾ افساني ۾ هڪ مکيه واقعو هوندو آهي، باقي ننڍا ننڍا واقعا هوندا آهن ۽ اهي سڀئي هڪ واقعي سان تعلق رکندڙ آهن. افساني جي هر واقعي ۾ انساني زندگيءَ ۾ رونما ٿيندڙ واقعن جي تصوير ڪشي ڪئي ويندي آهي.“ (عرساڻي، 1983: 59)

انساني زندگي ڪيترن ئي واقعن ۽ گوناگون تجربن جو مرڪب آهي. افسانا نگار انهن واقعن مان ڪنهن هڪ جي چونڊ ڪري ان کي افساني يا ڪهاڻيءَ جو بنياد بڻائي ٿو ۽ ڪنهن هڪ تحريڪ کان متاثر ٿي هڪ ڪهاڻي سرجي ٿو ۽ ان جو ڀرپور تاثر پڙهندڙ تائين پهچائي ٿو. ڪامياب ڪهاڻيڪار اهو هوندو آهي، جيڪو ڪهاڻيءَ جي واقعن کي اهڙي نوعيت ۾ پيش ڪندو رهي، جو پڙهندڙ آخر تائين سوچ ويچار ۾ رهي.

پروفيسر ڊاڪٽر انور فگار هَڪڙو پلاٽ بابت لکي ٿو ته:

”پلاٽ کي رٿا به چئبو آهي، جنهن جو مفهوم اهوئي آهي ته افساني ۾ جيڪا شئي اسان کي سڀ کان وڌيڪ متوجهه ڪري ٿي سا آهي ان جو بنيادي واقعو – ان واقعي جي ترتيب ۽ تنظيم کي پلاٽ چئبو آهي. پلاٽ ۾ واقعي جون ڪڙيون ڪنهن سيبائتي ترتيب ۽ تنظيم سان نه آٽبيون ته افساني جو خوبصورت محل اڏجي نه سگهندو.“ (هَڪڙو، 2009ع: 237)

حميد سنڌي، سنڌي ٻوليءَ جو اٽلڪ انسان آهي. هي ڪيترن ئي سالن کان سٺيون ڪهاڻيون لکي رهيو آهي، جيڪي فني ۽ فڪري حوالي سان بهترين ڪهاڻيون آهن.

حميد سنڌيءَ جي ڪهاڻين جي لاءِ علي احمد بروهي لکي ٿو:

”حميد سنڌي ڪهاڻين جو استاد ڪاريگر آهي. خاص طور، ڪهاڻيءَ جي گهڙائي جَڙائيءَ جو خيال جي اڏام ۽ اکرن جي اُٽت به پنهنجي ڏانو جي اٿس. ڪهاڻين جا پلاٽ به سيئي سهٽا ۽ سيبتا – الائجي سون جهڙن جيان ڪٿان ٿو ڳولي ڪڍي.“ (بروهي، 1984ع: 8)

هن پنهنجي ڪهاڻين ۾ ڳالهين، واقعن کي سٺي نموني گهڙيو ۽ ترتيب ڏنو آهي. سندس لفظن کي جملن ۾ پوئڻ ۽ ترتيب ڏيڻ جو انداز نرالو اٿس. هن ڪهاڻي ”واچوڙن ۾ لاٽ“ ۾ پلاٽ شاندار نموني پيش ڪيو آهي.

’واچوڙن ۾ لاٽ‘ پلاٽ ۽ ڪردار مثبت پيش ڪيو آهي. رئيس وڏي سدائين هاري، پورهيتن تي ظلم ڪيا ۽ ڪمدار جي چوڻ تي هاريءَ جي ڌيءَ جي مڙس جو خون ڪرائي ٿو، پر هاڻي اهو دؤر ختم ٿيو. رئيس ننڍو پيءُ جي وفات کان پوءِ حق ۽ انصاف ڪري ٿو. ۽ انهن هارين سان گڏ انهن جي رنگ ۾ رڱجي وڃي ٿو. ڪالهه سندس پيءُ جيڪي ظلم ڪيا، اڄ اهو سندس ظلمن جو ازالو ڪري ٿو. ۽ پيار محبت سان سندن وچ ۾ صلح ڪرائي ٿو ۽ هاريءَ جي ڌيءَ سان شادي ڪري نئين روايت قائم ڪري ٿو.

حميد سنڌيءَ جي هن ڪهاڻيءَ جي باري ۾ ڊاڪٽر نواب ڪاڪا پنهنجي پي.ايڇ – ڊيءَ جي ٿيسز ۾ لکي ٿو ته:

> ”هن ڪهاڻيءَ ۾ ڪهاڻيڪار اهڙي ڪردار کي پيش ڪري ٿو، جيڪو زميندار هئڻ جي باوجود فيصلا غريبن جي حق ۾ ڪري ٿو. جيئن ته هن جو پيءُ ظالم زميندار هو، اهو حق سچ جا فيصلا نه ڪندو هو، پر ان جي پٽ غريبن کي حق ڏنا ۽ انهن سان سٺو سلوڪ ڪري ٿو ۽ سندس پيءُ جيڪو زميندار هو، ان ڪمدار کي مارايو هو. ان جي بيواهه سان زميندار جو پٽ شادي ڪري ٿو. پيءُ جي ڪيل ظلمن جو ازالو ڪري ٿو.“ (ڪاڪا، 2015: 255)

هن ڪهاڻيءَ جو پلاٽ به سٺي نموني لکيل آهي. هن ۾ اهو ڏيکاريو ويو آهي ته زميندار ڪيترا به ظلم ڪيا، پر سندس پٽ ان جي ظلمن جو ازالو ڪري ٿو ۽ پيار محبت سان رهڻ جي تلقين ڪري ٿو ۽ سندس پٽ جيڪو پڙهيل آهي، اهو ظلم جي روايت کي ٽوڙي ٿو.

اهڙيءَ طرح حميد سنڌيءَ جي ڪهاڻين جا پلاٽ سادا، پنهنجي فني ترتيب مطابق آهن، جنهن ڪري ڪهاڻي پڙهندڙ تي پنهنجو تاثر ڇڏي ٿي.

## ڪردار نگاري

ڪردار ڪهاڻيءَ جو اهم حصو آهن، جن کي اهڙي طرح نيائڻ گهرجي، جو اهي حقيقي لڳن، جيئن اهي پڙهندڙ جي دل ۾ ڪا مستقل جڳهه ٺاهي سگهن. ڪردار نگاريءَ جو مطلب آهي ته ڪردار پنهنجي ڪهاڻيءَ ۾ ڪيئن رول (Roll) پلي ڪن ٿا ۽ انهن مان ڪي ڪردار منفي سوچ ڏين ٿا ۽ ڪي مثبت سوچ ڏين ٿا ۽ ڪردار پنهنجي عملن جي ذريعي سماج کي سبق ڏين ٿا. حميد سنڌي ڪيتريون ڪرداري ڪهاڻيون لکيون آهن. انهن مان ’رانديڪو‘ به ڪرداري ڪهاڻي لکي اٿس. ڪردار نگاريءَ جي ڳالهه ڪجي ته سندس ڪهاڻين جا ڪردار غريب، مزدور، محنت ڪش مرد، عورتون ، زميندار، علمدار ۽ ٻيا سندس ڪهاڻين ۾ فطري محسوس ٿين ٿا.

ڊاڪٽر انور فگار هَڪڙو ڪردار نگاريءَ جي فن تي لکي ٿو ته:

> ”افساني جو ٻيو اهم جُزو ڪردار نگاري، جنهن ۾ هر واقعو ڪنهن نه ڪنهن فرد سان ضرور لاڳاپو رکندڙ آهي، ڇو ته انساني زندگيءَ ۾ واقعو ۽ فرد ٻئي لازم ملزوم آهن. افساني جا ڪردار جيئرا جاڳندا هوندا آهن.“ (ھَڪڙو، 2009ع: 437)

ڪردار نگاريءَ جو ڪهڙو به طريقو اختيار ڪيو وڃي پر ڪردار حقيقي ۽ سچا لڳن ۽ ڪردار عمل اهڙي طرح ڪن جو پڙهندڙ چون ته هو اهڙي عمل ذريعي بهترين ڪارڪردگي پيش ڪري سگهيا.

ڪردار نگاريءَ لاءِ ڪهڙو به طريقو اختيار اپنايو وڃي، پر ڪردارن جو حقيقي ۽ سچو لڳڻ ۽ ڪردارن جو طرز عمل بلڪل فطري نظر اچڻ لازمي امر آهي ته جيئن پڙهندڙ کي يقين ٿئي ته اهڙي ماحول ۾ ڪردار فقط اهو ئي عمل ڪري سگهن ٿا.

اسماعيل عرساڻي ’چار مقالا‘ ۾ ڪردار نگاريءَ جي باري ۾ لکي ٿو ته:

> ”ڪردار نگاري افساني ۾ اهميت رکي ٿي. افسانه نگار ڪردار کي هڪ وقت ۾ مثبت رول پيش ڪرائي ٿو يا منفي ڪردار ادا ڪرائي ٿو، ڇو ته ساڳيو ماڻهو صرف هڪ وقت ۾ هڪ ڪردار پيش ڪري سگهي ٿو. افسانه نگار ڪرفار نگاري ائين ڪري ٿو ته پڙهندڙن کي اهي ڪردار جاندار لڳن ٿا ۽ سمجهن ٿا ته اهي ڪردار ان ماحول ۾ اهڙو ئي عمل ڪري ٿي سگهيا.“ (عرساڻي، 1983: 60)

مثال حميد سنڌي ’رانديڪو‘ ڪهاڻيءَ ۾ ڪردار نگاري هن طرح ڪئي آهي:

> ”چاچو حسين اچي جو بولي کي ڪٽندو هو، ائين پيو معلوم ٿيندو هو ته بولي سندس جان، سندس روح سڀڪجهه آهي. خاص طور جڏهن بولي جو قصو هوندو هو، مان ائين محسوس ڪندو هوس ته چاچي جي اکين ۾ خاص چمڪ اچي ويئي آهي ۽ چپ ڦڙڪنس پيا ۽ هو بي چين پيو لڳندو هو. انهن قصن ڪهاڻين کان سواءِ چاچو پاڙي لاءِ ٻين گهڻين ڳالهين ۾ وڏي رحمت هو. ڪنهن کي طاقت آهي جو چاچو هجي ۽ پاڙي ۾ ڪو جهيڙو ٿئي. بنهه گجي اُٿندو،

گڦ پئي ڳڙنديس. اڙي وڙهو ٿا، ٽڪون اٿوَ. ڏاڙهي ڪوڙيا ٽٽون ڇورا پيندِ ڪٽي ٿا وڙهو. ڪٽو ڇاقون، ڪٽو لٺ، هٽو مون کي، اڇو منهنجي مقابلي ۾ - نڪرو نه ته ڪڍانوَ ٿو ڦيهه – جهيڙو ٽري پوندو هو.” (سنڌي، 1965ع: 139)

اهڙيءَ طرح جنهن عمر يا جنس يا طبقي مان ڪردار ڪٽي ٿو، ان کي مڪمل فطري آزادي ۽ سماجي حيثيت مطابق پيش ڪري ٿو.

**ٻولي (Language)**

ادب جي ڪنهن به صنف جي اظهار جو ٻاهريون روپ ٻولي آهي. ڪهاڻيءَ ۾ ٻولي اهميت رکي ٿي. زندگيءَ جي ڏک، سک، پريشانين کي ڪهاڻيءَ ذريعي عيان ڪيو وڃي ٿو، پر ٻولي ڪهاڻيڪار اهڙي ڪتب آڻي ٿو، جنهن ۾ فني ۽ فڪري پختگي آهي ته ٻولي ۽ عبارت پنهنجو حُسن وکيري ٿي.

ڊاڪٽر جڳديش لڇاڻي لکي ٿو ته:

”اهڙي ٻولي استعمال ڪجي جنهن ۾ ڪنهن ماڻهوءَ جي شخصيت نمايان واضح ٿئي. ٻولي ڪهاڻيءَ ۾ ائين استعمال ڪجي، جنهن ۾ ڪجهه مذاق ۽ طنز هئڻ گهرجي. ابتدائي ليکڪن پنهنجي ڪهاڻين ۾ تشبيهه، محاورا استعمال ڪري ٻوليءَ کي جاندار ٺاهيو آهي. جديد ڪهاڻيڪار، ڪهاڻين ۾ ٻولي آسان استعمال ڪئي آهي. شروعات ۾ لڳ ڀڳ سڀني ٻولين جي ڪهاڻين ۾ هڪ ئي قسم جي عبارت جو استعمال ڪيل آهي ۽ اها آهي بيان عبارت – هن عبارت ۾ ليکڪ کي پنهنجي ويچارن جي اظهار ۾ ڏاڍي سهولت ٿيندي.” (لڇاڻي، 1996: 42-43)

حميد سنڌي پنهنجي ڪهاڻين ۾ جيڪي ڪردار ڪنيا، انهن ڪردارن جي ٻولي به اها ئي رکي اٿس، جيئن ڳوٺاڻي ماحول واري زندگي آهي ته ٻولي به ڳوٺاڻي لکي اٿس يا شهري ماحول آهي ته ٻولي به اها استعمال ڪئي اٿس.

ڊاڪٽر انور فگار هَڪڙو پنهنجي پي.ايڇ – ڊيءَ جي ٿيسز ۾ ٻوليءَ جي باري ۾ لکي ٿو:

”افساني ۾ ڪردار وانگر مڪالمن جي به وڏي اهميت آهي، جن ۾ حقيقت جو رنگ نظر ايندو آهي، جي موقعي ۽ مناسبت سان ايندا آهن. اهي ڪردار ۾ روح ڦوڪي ان کي اڳتي اسهڻ جي اِڇا ڏين ٿا. انهن جي وڌڻ ۽ ويجهڻ سان ڪهاڻي به اڳيري ٿئي ٿي، ۽ پڙهندڙ به افساني کي پورو ڪرڻ کان اڳ ان مان جان نه ڇڏائي سگهي.“ (هَڪڙو، 2009ع: 437)

حميد سنڌيءَ جي ڪهاڻين ۾ ٻولي سٺي استعمال ٿيل آهي. هن ڪهاڻين ۾ سادا لفظ، تشبيهه، علامتون استعمال ڪيون آهن. هن جي ’زبرو ڏڪ‘ ڪهاڻي جنهن ۾ هن حجم جي ٻوليءَ کي واضح نموني بيان ڪيو آهي ۽ انهيءَ طبقي جي خفتين جي ٻولي پڻ ڊائيلاگن ۾ محفوظ ڪري ڇڏي اٿائين، جيڪا اڄ کان ويهه – پنجويهه سال پوءِ گم ٿي ويندي.

حميد سنڌي ’زبرو ڏڪ‘ ڪهاڻي ۾ هيئن لکي ٿو:

”پنهل سائين ڇو ٿو بي عزتو ڪرين، پيسا نه ڏيندو ڪر. بس اسان وارو ڪمڙو ڪري ڏي، بنهه پير ڌوئي پيئندومانءِ. هو ڏسين ٿو ڪيئن اسان وارو ڪُتو ڪومايو ويٺو آهي.

مون ڏٺو استاد جو پيارو ڪتو ڪومايو ويٺو هو. بنهه نج بلٽري آهي. سندس ساٿي به بلٽري نسل جا هجن ته واهه واهه ٿي وڃي. اوچتو استاد نبن شڪل ڦيرائي وٺي غرغر ڪيائين: هي ڏس هي بلٽري هيئن ٿيندو آهي. وٺي زور سان ڀؤنڪيو. سندس شڪل ٻاهر ويٺل ڪتي کان هيئن مختلف هئي جو ڪنهن خوفناڪ ڪتي جو روپ ڌاري بنهه پئي ڌاڙهيائين. سندس ڌاڙهڻ بند ٿي ويو. استاد اصل بلٽري ته تون آن، باقي هي لوسي ته ڇوڙي ڇڏ. دڪان وٽ ٻڌل مرضيل ڪتي ڏي اشارو ڪندي چيومانس. اتان وٺي اُلر ڪيائين. هي لوسي آ؟ هي لوسي آ؟ واهه سائين واهه؛ واهه جي عزت ڪئي اٿوَ، خانداني ڪتي جي! واهه سائين، واهه! بلٽري نه وٺي ڏيو ته توهان جي مرضي پر هڙو ذليل ته نه ڪريو.“ (سنڌي، 1996ع: 64)

هن ڪهاڻي ’زبرو ڏڪ‘ ۾ ٻولي اهڙي پيش ڪئي آهي، جا ان قسم جا ڪردار عام طور ڳالهائين ٿا. هاڻي اها ٻولي اٽلپ آهي، پر هن جي ڪهاڻيءَ ۾ محفوظ آهي.

**اسلوب (Diction)**

ڪهاڻيءَ جي فني جُزن ۾ اسلوب به اچي وڃي ٿو.

> ”اسلوب انگريزيءَ جو لفظ آهي. هن جو مطلب تحرير جو طريقو آهي. جڏهن ته اسلوب ڪهاڻيڪار کي منفرد حيثيت ڏياري ٿو. ان جو مقصد آهي اهو طريقو اختيار ڪرڻ سان ڪهاڻي لکڻ واري جو انداز بيان عيان ٿي بيهي.“ (ڪوريجو، 2015: 46)

افساني جو فن جيترو سولو آهي، ان کان وڌيڪ ڏکيو به آهي. حميد سنڌيءَ جا افسانا سنڌ جي ماحول جي پيداوار آهن ۽ هن پنهنجي افسانن کي اهڙي اسلوب ۾ بيان ڪيو آهي جو اڄ به جاندار آهن. موضوع سڀني ڪهاڻين ۾ الڳ الڳ ڪنيا اٿس.

ڊاڪٽر انور فگار هَڪڙو پنهنجي ٿيسز ۾ اسلوب جي باري ۾ لکي ٿو:

> ”افساني ۾ سڀ کان اهم پهلو آهي اسلوب بيان يا انداز بيان – افساني جو پلاٽ يا ڪردار ڪيڏا به محفوظ ۽ سٺا هوندا، پر ان جو انداز بيان جيڪڏهن دل کي ڻُپائيندڙ نه آهي، ته افسانا نگار جي سموري ڪوشش اجائي ۽ بي سود ويندي. تنهن ڪري افسانا نگار لاءِ ضروري آهي ته هو بياني لفظن ۽ جملن جي پُراثر نفسياتي ڪيفيت کي اجاگر ڪري.“ (هَڪڙو، 2009ع: 438)

حميد سنڌيءَ جي ڪهاڻين ۾ اسلوب بيان به بهترين انداز ۾ لکيل آهي. هن جي ڪهاڻين ۾ واقعن کي اهميت حاصل آهي. سندس ڪهاڻين ۾ ٻين ٻولين جا لفظ گهٽ آهن. عام فهم، سادي ۽ پُراثر نموني سان پنهنجي ڪهاڻين ۾ اسلوب بيان وڻندڙ لکيو اٿس.

حميد سنڌيءَ جي افسانن لاءِ ڊاڪٽر قاضي خادم لکي ٿو:

”هي افسانا نگار ڪافي اهميت رکي ٿو. پنهنجي لکڻين ۾ ادبي حوالي سان به هن جيڪي ڪهاڻيون لکيون آهن، اهي سماجي، اقتصادي، معاشرتي مسئلن کي عيان ڪن ٿيون ۾ انهن ڪهاڻين کي ڪامياب بڻائيندا آهن هن جا تخليق ڪيل ڪردار.“ (خادم، 1992: 101)

سنڌي ادب جو جيڪڏهن انهيءَ لحاظ کان اڀياس ۾ مشاهدو ڪيو ويندو، ته هر ليکڪ جو پنهنجو پنهنجو منفرد اسلوب آهي ۾ حميد سنڌيءَ وٽ به پنهنجو اسلوب نرالو آهي. اسلوب اديب جي شخصيت جو مظهر آهي. خيال جي اظهار جو ذريعو ۾ ادب جي اهم تقاضا آهن. انهيءَ نقطه نگاهه کان اسلوب جي تعريف هيئين ريت بيان ڪري سگهجي ٿي.

عبدالمجيد ميمڻ اسلوب جي باري ۾ لکي ٿو ته:

”اسلوب معنيٰ هڪ ڍنگ، طريقو، ڪنهن به افسانه نگار جو اهو منفرد ڏانءُ، جنهن جي وجه سان افسانه نگار پنهنجي لکڻين جي ذريعي پنهنجا خيالات پين ماڻهن تائين پهچائي ٿو.“ (ميمڻ، 2006ع: 30)

ليکڪ کي پلي ته ڪهاڻي لکڻ لاءِ دلچسپ ماحول ميسر هجي ۾ انساني گروهن ۾ مختلف مقامن مان ڪيس گهڻي کان گهڻا واقعا باآساني ميسر هجن، پر اصل ڳالهه آهي، سو فقط ان جو اسلوب بيان آهي، يعني جنهن وسيلي اسان ڪنهن ادب پاره کي پڙهي يڪدم ان جي اصل تخليقڪار جي سڃاڻپ ڪري سگهون ٿا.

## حوالا


1. سنڌي، حميد (1965): ”اداس واديون“، زندگي پبليڪيشن، حيدرآباد.
2. سنڌي، حميد (1984): ”راڻا جي رجپوت“، ناري پبليڪيشن، حيدرآباد.
3. سنڌي، حميد (1996): ”جاڳ به تنهنجي جيءَ سان“، سنڌي ادبي بورڊ، ڄام شورو.
4. عرساڻي، محمد اسماعيل (1983): ”چار مقالا، سنڌي ادبي بورڊ، ڄام شورو.
5. عرساڻي، محمد اسماعيل (1983): ”چار مقالا“، سنڌي ادبي بورڊ، ڄام شورو.
6. قاضي خادم (1992ع): ”ادب ۾ روايتون“، سنڌي ساهت گهر، ٽنڊو ولي محمد، حيدرآباد.
7. ڪاڪا، نواب (2015): ”ورهاڱي بعد سنڌي ڪهاڻيڪار ۾ سنڌن ڪهاڻين جي ڪردارن جو اڀياس“، (؟)

8. ڪوريجو، عباس، (2015): ”جديد ڪهاڻي فن ۽ موضوع“، ڪنول پبليڪيشن، قنبر.
9. لڇاڻي، جڳديش (1996): ”سنڌي ڪهاڻيءَ جي اوسر“، ڇاپو پهريون، سنڌي ساهت گهر، حيدرآباد.
10. ميمڻ، عبدالمجيد (2006): ”سنڌي ادب جو تنقيدي اڀياس“، روشني پبليڪيشن، ڪنڊيارو.
11. هَڪڙو، انور فگار (2009): ”شڪارپور شهر جو ادب ۾ حصو“، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، ڄام شورو.
12. هَڪڙو، انور فگار (2009): ”شڪارپور شهر جو ادب ۾ حصو“، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، ڄام شورو.
13. هَڪڙو، انور فگار (2009): ”شڪارپور شهر جو ادب ۾ حصو“، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، ڄام شورو.
14. هَڪڙو، انور فگار (2009): ”شڪارپور شهر جو ادب ۾ حصو“، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، ڄام شورو.

# نتيجا

1. حميد سنڌي، ڳالهه وزنائتي طرز سان ڪري ٿو ۽ زبان جي لحاظ کان بلندين کي ڇُهي ٿو.
2. هن جون ڪهاڻيون سماجي حقيقت تي مبني آهن.
3. هن جي ڪهاڻين ۾ موضوع جي نفاست کان وٺي اظهار جي بلندي ۽ سمجهه ۾ ايندڙ محاورا، تشبيهون ۽ استعارا استعمال ٿيل آهن.
4. سندس ڪهاڻيون مجموعي طور پلاٽ، ڪردار نگاري ۽ اظهار بيان، ٻوليءَ جي سونهن ۽ منظر نگاريءَ جي حوالي سان سگهاريون آهن.
5. سندس ڪهاڻين ۾ غريب، يتيم، بيواهه عورتن ۽ سرمائيدار طبقي ۽ زميندار ي ظلم جي عڪاسي ٿيل آهي.
6. سندس ڪهاڻين ۾ گهڻيون ڪهاڻيون ٻارن تي لکيل آهن، جيڪي پنهنجي حق لاءِ آواز اٿارين ٿا.
7. ٻارن جي معصوم احساسن ۽ انهن جي بنيادي حقن کي هو مختلف ڪهاڻين ۾ پيش ڪري ٿو.
8. سندس ڪهاڻيون ان دؤر جون پيداوار آهن، جڏهن ون يونٽ جو دؤر هو. هن انهيءَ تحريڪ ٽوڙائڻ ۽ سنڌين جي سياسي ۽ ثقافتي حقن جي بحالي ۽ سنڌي ٻوليءَ کي قومي درجو ڏيارڻ لاءِ پنهنجي قلم سان جدوجهد ڪئي.
9. هن جي ڪيترين ئي ڪهاڻين جا مجموعا مشهور ۽ مقبول ٿيا ۽ انهن مجموعن کي ايوارڊ پڻ مليا آهن.
10. سندس ڪهاڻين ۾ زميندار ي ظلم کي عيان ڪيو ويو آهي. زميندار پنهنجن پيٽن، ڌيئرن جا حق نٿا ڏين، جنهن ڪري اُهي عورتون وهم وسوسن جو شڪار ٿين ٿيون.
11. سندس ڪهاڻيون غريب طبقي ۽ انهن جي ڏک، پيڙاءَ ۽ درد جون ڪهاڻيون آهن، جيڪي هن ڪيترن ئي سالن کان پنهنجي اندر ۾ لڪائي رکيون، جيڪي آخرڪار هن لکي ظاهر ڪيون.

12. سندس ڪهاڻيون ان دؤر جي ماڻهن جي دلين جو آواز هو.

13. هن پنهنجي ذهانت ۽ قابليت جو استعمال ڪندي سنڌي ٻولي ۽ ادب جي خدمت ڪئي. روح رهاڻ ۽ ڪهاڻين ذريعي عوامي سجاڳيءَ جو ڪم ڪيو آهي. هو هڪ ذهين ۽ قابل انسان هو، جنهن پنهنجي محنت سان سنڌ ۽ سنڌي عوام جي گهڻي خدمت ڪئي ۽ سنڌ جي عوام ۾ سجاڳي پيدا ڪئي.

14. هن ڪهاڻيڪار سماج جي هر طبقي جي عوام جي زندگيءَ تي لکيو آهي. حويلين ۾ رهندڙ، ڪچن پڪن گهرن ۾ رهندڙ، هاري، پورهيتن جي ڪردارن ۽ مظلوم ۽ غريب طبقي جي ڪردار نگاري سٺي ڪئي اٿس.

15. حميد سنڌيءَ جون ڪهاڻيون ان دؤر ۾ مشهور ۽ مقبول ٿيون، اڄ به اهم آهن.

16. حميد سنڌيءَ جي هر ڪهاڻي سنڌ ۽ سنڌي عوام جي ڪهاڻي آهي، جيڪي اڄ تائين مشهور آهن. سندس ڪوشش ۽ ڪاوش هميشه ياد رهندي.

# كتابيات (BIBLIOGRAPHY)

## سنڌي ڪتاب


3. الانا، غلام علي (1947ع): ”سنڌي ليکڪن جي ڊائريڪٽري“، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، ڄام شورو.
4. احمد، الطاف (1978ع): ”سنڌي ڪهاڻيءَ جا جديد لاڙا“ (ايم.اي. مونوگراف)
5. الانا، غلام علي، ڊاڪٽر (1999ع): ”سنڌي نثر جي تاريخ“، (ڇاپو ٽيون)، سنڌي ساهت گهر، حيدرآباد.
6. آگرو، غلام رباني (2013ع): ”سنڌي ادب تي ترقي پسند تحريڪ جو اثر“.
7. ٻوهيو، الهداد (2013ع): ”سنڌي ادب جا فڪري محرڪ“، روشني پبليڪيشن، ڪنڊيارو.
8. ٻوهيو، الهداد، ڊاڪٽر (1999ع): ”علم تحقيق“، نيو فيلڊس پبليڪيشن، حيدرآباد.
9. پٺاڻ، غلام حسين (1983ع): ”تحقيق جو فن“، پاڪستان اڀياس مرڪز، سنڌ يونيورسٽي، ڄام شورو.
10. جوڻيجو، تنوير (1982ع): ”عيبن هاڻي“، نيو فيلڊس پبليڪيشن، حيدرآباد.
11. جوڻيجو، عبدالجبار، ڊاڪٽر (2006ع): ”سنڌي ادب جي مختصر تاريخ“، (جلد ٽيون،) سنڌي لينگئيج اٿارٽي، ڄام شورو.
12. جوڻيجو، عبدالقادر (1979ع): ”شڪليون“، نيو فليڊس پبليڪيشن، حيدراباد.
13. چانڊيو، غلام حسين (2003ع): ”مارو جي ملير جا“، گنج بخش ڪتاب گهر، حيدرآباد.
14. خواجه، نور افروز، ڊاڪٽر (2010ع): ”مشڪ ڪٿوري مڻ“، گنج بخش ڪتاب گهر، حيدرآباد.
15. خواجه، نور افروز، ڊاڪٽر (2010ع): ”ورهاڱي کان پوءِ سنڌي ناول جي اوسر“، شيخ شوڪت علي اينڊ سنز، ڪراچي.
16. سنڌي، حميد (1965ع): ”اداس واديون“، زندگي پبليڪيشن، حيدرآباد.
17. سنڌي، حميد (1981ع): ”ويريون“، زندگي پبليڪيشن، حيدرآباد.
18. سنڌي، حميد (1984ع): ”راڻا جي رجپوت“، ناري پبليڪيشن، حيدرآباد.
19. سنڌي، حميد (1992ع): ”تماهي مهراڻ چونڊ ڪهاڻيون“، زندگي پبليڪيشن، حيدرآباد.
20. سنڌي، حميد (1996ع): ”جاڳ به تنهنجي جيءَ سان“، سنڌي ادبي بورڊ، ڄام شورو.
21. سنڌي، حميد (2002ع): ”درد ونديءَ جو ديس“، زندگي پبليڪيشن، حيدرآباد.
22. سنڌي، حميد (2007ع): ”سو مون سپ ڇمار“، زندگي پبليڪيشن، حيدرآباد.

23. سنڌي، حميد (2013ع): ”ڪڻ ڪڻ ريت ۾ ڪيئي ڪهاڻيون“، سنڌي ادبي بورڊ، ڄام شورو.
24. سنڌي، حميد (2018ع): ”اسان جو قلم هڪ علم“، سنڌي ادبي بورڊ، ڄام شورو.
25. سنڌي، حميد (2018ع): ”سيمي“، زندگي پبليڪيشن، حيدرآباد.
26. شيخ، محمد ابراهيم (1975ع): ”ادب ۽ تنقيد“، زينت ادبي مرڪز، حيدرآباد
27. عرساڻي، محمد اسماعيل (1982ع): ”آزاديءَ کان پوءِ سنڌي افسانوي ادب جي اوسر“، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، ڄام شورو.
28. عرساڻي، شمس الدين، ڊاڪٽر (1983ع): ”چار مقالا“، سنڌي ادبي بورڊ، ڄام شورو.
29. قاضي خادم (1992ع): ”ادب ۽ روايتون“، سنڌي ساهت گهر، ٽنڊو ولي محمد، حيدرآباد.
30. قريشي، اعجاز احمد، پروفيسر (2018ع): ”ون يونٽ ۽ سنڌي“، پيڪاڪ پرنٽرس اينڊ پبلشرس، حيدرآباد.
31. ڪاڪا، نواب (2015ع): ”ورهاڱي بعد سنڌي ڪهاڻيڪار ۽ سندن ڪهاڻين جي ڪردارن جو اڀياس“ (قلمي)
32. ڪوريجو، عباس، (2015ع): ”جديد ڪهاڻي فن ۽ موضوع“، ڪنول پبليڪيشن، قنبر.
33. لڇاڻي، جڳديش (1996ع): ”سنڌي ڪهاڻيءَ جي اوسر“، ڇاپو ٻيو، سنڌي ساهت گهر، حيدرآباد.
34. لغاري، اڪبر (2010ع): ”سنڌي ادب جو مختصر جائزو“، روشني پبليڪيشن، ڪنڊيارو.
35. مرزا، نصير (2016ع): ”حميد سنڌي هڪ اڻٿڪ انسان“، سنڌي لينگئيج اٿارٽي، حيدرآباد.
36. ملاح، ريحانا نظير (2014ع): ”نجم عباسي جي ڪهاڻين جو سماجي ڪارج: هڪ تنقيدي جائزو“ (قلمي)
37. ملاح، ريحانا نظير (2016ع): ”نجم عباسي جديد انقلابي فڪر جو ترجمان“، ڪويتا پبليڪيشن، حيدرآباد.
38. ميمڻ، پروين موسيٰ (2015ع): ”سنڌي نثر جي ترقيءَ ۾ ليکڪائن جو حصو: تحقيقي اڀياس“ (قلمي)
39. ميمڻ، پروين موسيٰ (2015ع): ”سنڌي نثر جي ڪن صنفن جو اڀياس“، روشني پبليڪيشن، ڪنڊيارو.
40. ميمڻ، عبدالغفور (2002ع): ”سنڌي ادب جو فڪري پسمنظر“، شاهه عبداللطيف ڀٽائي چيئر، ڪراچي يونيورسٽي، ڪراچي.
41. ميمڻ، عبدالمجيد (2006ع): ”سنڌي ادب جو تنقيدي اڀياس“، روشني پبليڪيشن، ڪنڊيارو.

42. ميمڻ، عبدالمجيد (2013ع): ”سنڌي ادب جو تاريخي جائزو“، روشني پبليڪيشن، ڪنڊيارو.
43. ميمڻ، فهميده حسين، ڊاڪٽر (؟): ”انسائيڪلو پيڊيا سنڌيانا“، (جلد چوٿون)، سنڌي لينگئيج اٿارٽي، حيدرآباد.
44. نظاماڻي، رئوف (2003ع): ”جديد سنڌي ڪهاڻي“، انڊس پبليڪيشن، ؟.
45. هَڪڙو، انور فگار (2009ع): ”شڪارپور شهر جو ادب ۾ حصو“، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، ڄام شورو.

رسالا ۽ اخبارون

1. باک رسالو، ڪهاڻي ’دربان‘، حميدي سنڌي، اشاعت گهر مورو.
2. چانڊيو، امير علي (؟): ”ڪهاڻي ۽ ان جا ترڪيبي جُزا“، سنگت ڪهاڻي نمبر
3. رسالو مارئي (1958): ”پرڏيهي لوڪ گيت“ (ڪهاڻي) مختلف لوڪ گيتن تي لکيل آهي
4. رسالو مارئي (1959): ”ناٽڪ سازش“، سنڌيڪار: حميد سنڌي.
5. رسالو مارئي (1960): ”گلن جهڙا ٻاڙرا ڦلن جيئن نپجن“ (ڪهاڻي)
6. روزانو آفتاب، 1983ع.
7. رسالو روح رهاڻ
8. رسالو نئين زندگي، 1964ع، احساس جي منزل ڪهاڻي، حميد سنڌي.
9. حويلي (اڻ ڇپيل ناول)

# ABSTRACT

Hameed Sindhi was a famous story writer and editor. His life went from difficult phases and he was born in a Memon family at Naushahroferoze. His elders were well established traders. He was born and nurtured in wel mannered but after the death of his grandfather their family's business occupation was fall doen and his father went for job. After the completion of his education he got job in varios institutions. He also remained member of different institution. During his studies he started writing the stories. He executed the magazines of Zindagi Publication and Rooh Rehan in the era of one unit.

During one unit he started strongest compaign in 1958 year through the magazine of Rooh Rehan, Hameed Sindhi played vital role for one unit ending. My topic is "An Ideological and Social Analysis of Hameed Sindhi's Short Stories".

Hameed Sindhi wrote various stories and fot published in different magazine like Marui, Bakh, Rooh Rehan and Nai Zindag etc various collections of his stories were published like Seemi, Udas Vadiyoon, Veriyoon, Rana Je Rajput, Dard Vandi'a Jo Des, Soomon Sab Jhamar, Kan Kan Rat Main (Kayi Kahaniyoon). His stories are excellent written in terms social and thoughtfull. Aall of Hameed Sindhi stories are a product of Sindhi. His stories are excellent in terms of art and craft. The topics of his stories are written on poor, orphans, and oppressed women and landlords. His stories are stories of Sindhi society and wel written in the thoughtful context.

Hameed Sindhi was the author of this progressive period in his poltical and social issues. The great feature of his fiction is that he made th subject of social psychology as well as political, social changes and stimuli his subject. He was the author of the progressive period, the great feature of his fiction is that it portrays social psycholovcal and political conditions. He was progressive story writer. He loved Sindh and Sindhi language and Sindhi literature. His subject was internal and external issues, social and economic issues. He reflects on all of these issues on society. Hameed Sindhi's stories are written in simple language. Hameed stories are written in simple language and the poetic manner the poetm in Sutton are the secret of

success in the choice of words and phrases Sutton's poetic language such as the choice of words chance and suitability and the key to success are the secret of his success. His collection of awards has also received a words of example: Udaas Vadiyoon, Veeriyoon, Rana Je Rajput. Hameed has also personally received the medal of Imtiaz the presidential award. His stories were famous and popular in that period, which are also popular today. Hameed Sindhi was a famous story writer. There are many kinds of hardshop in his life. He does not forget, and reached his destination with hard work, effort and effort his stories and able to be technical. Its stories are also powerful in a technical context. His language style is weel described and the scenery is wel executed, which story he took complete it to the end. His stories are easy to read and understand. Which can be finished reading in half an hour. His stories are based on fact. Its catalogs contain suspense from beginning to end which drawn the reader to himself.

# UNIVERSITY OF SINDH

**M. PHIL THESIS**

# AN IDEOLOGICAL AND SOCIAL ANALYSIS OF HAMEED SINDHI'S SHORT STORIES

Thesis submitted towards the partial fulfillment of the requirement of the University of Sindh, for the award of Master of Philosophy degree in Sindhi


**BAKHMEENA CHANNA**

**DEPARTMENT OF SINDHI**
**University of Sindh**
**Jamshoro, Sindh, Pakistan**


**2021**